# اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

## درجو ڇهون



Tele MANAS
National Tele Mental Health Programme
14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريه مانسڪ صحت ڪاريه ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيه ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريه ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 7 x 24 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي به مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريه شئشڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راڄيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم، اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي وئي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ - ٤٣) ايس .ڊي ٤ تاريخ ٢٥-٠٤-٢٠١٦ موجب اِستاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ١٩-٠٥-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٧-٢٠٢٦ کان مختصر طور منظوري ڏني وئي آهي.



# اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

## درجو ڇهون



مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-٤١١٠٠٤

پرواري چؤڪٺ مان ‘Q.R. Code’ کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

چاپو پهريون :
جون ٢٠٢٦

© مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي - ٤١١٠٠٤

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪڍي نٿو سگهجي.

## اِتهاس وشيہ ڪاميٽي

ڊاڪٽر شيانگنا اَتري، اَڌيڪش
شري سوميش شرما، ميمبر
شري ڪشور پاٽيل، ميمبر
شري نيناد تيندولڪر، ميمبر
سؤ مگڌا ليلي، ميمبر
ڊاڪٽر سدارٿ جاڌو، ميمبر
ڊاڪٽر شواني ليميي، ميمبر
ڊاڪٽر وجيہ ماني، ميمبر
شري پنڪج شندي، ميمبر
شري شنڪر ڪرات، ميمبر
ڊاڪٽر اَنوجا شندي، ميمبر
ڊاڪٽر پرشم ڪولهي، ميمبر
شري اَروڻ انگڙي، ميمبر
ڊاڪٽر راجانند پٽي بهادُر، ميمبر
شريمتي سُمن گائڪواڙ، ميمبر
ڊاڪٽر نليني واگهماري، ميمبر
شري تاراچندر آوڙي، ميمبر
شري راميشور لوٽڪي
شري ڪُشل ڪمارسمريت، ميمبر
(اڀياسڪرم سمنويڪ)
شري پرشانت شيوتڪر، ميمبر
شري اَروڻ جاڌوُ
شري سُهاس ڏس، ميمبر
(اڀياسڪرم سمنويڪ )
ڊاڪٽر سچين ڊنگڙي، ميمبر
شريمتي ورشا سرودي،
شري نليش بنڪر، ميمبر
ميمبر سيڪريٽري
شري شريڪانت باپٽ، ميمبر

## ناگرڪ شاستر سمتي

ڊاڪٽر هرشد پوسلي، اڌيڪش
ڊاڪٽر وينڪٽيش ڪرات،ميمبر
ڊاڪٽر پريا انجهڙڪر، ميمبر
ڊاڪٽر جوتي بووا، ميمبر
شري اويناش ٻگاڙي، ميمبر
ڊا. پرياڪر لونڍي، ميمبر
شري چندرهاس هيپرڪر، ميمبر
ڊا. نند ڪشور بوڪاڙي، ميمبر
شري پرشانت جوشي، ميمبر
شري نارائڻ موگدلواڙ، ميمبر
پرو. سُنيتا دڙوي ، ميمبر
شري دت تريہ رانور، ميمبر
شري شام رائوت، ميمبر
ڊا. باڙا صاحب ڪيلچي ، ميمبر
ڊاڪٽر شواجي ريٽاپوري، ميمبر
شري رويندر جندي، ميمبر
شري ڪرشٽا روڪڙي، ميمبر
ڊا. سنهِتا جوشي، ميمبر
شريمتي اَنجلي ڍماڙ، ميمبر
ڊا. نيها آگاشي، ميمبر
شري شواجي ڪراڙي، ميمبر
شريمتي ورشا راڻي پوپڙي
ڊا. راجيش پاوڙي، ميمبر
(اڀياس ڪرم سنيوجڪ)
شري باڙو پوسلي، ميمبر
شريمتي ورشا سرودي
سُچيترا گهوگري- ڪاٽڪر، ميمبر
ميمبر - سيڪريٽري

## ليکڪ

ڊاڪٽر پريا گوهار
ڊاڪٽر پريمل سُڌاڪر
پروفيسر شواجي موتيگانوڪر

## نرمتي

شريمتي منالي شِنپ
شري ششناڪ ڪٽڪدڙي
اِنچارج مکيہ نرمتي اڌڪاري
نرمتي اڌڪاري

## سنيوجڪ

شريمتي ورشا سرودي
(انچارج وشيش اڌڪاري)
اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر پاٺيہ پستڪ- منڊل پڻي

## سنيوجڪ

شريمتي ميران مهيش گدواڻي
اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي
سنيوجڪ سهايہ : گيتا ٺاڪُر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)
ٽائيپ سيٽنگ :
راڪيش جئرامداس ماڪيجا، اُلهاسنگر

ترجمو ڪندڙ : شري وجيہ منگلاڻي
چڪاس ڪندڙ : شري اَشوڪ مُڪتا

ڪاغذ : ٧٠ جي. ايس. ايم ڪريم وو
پرنٽنگ آرڊر:
ڇاپيندڙ :

مکيہ پيج ۽ سجاوٽ شري ديودت ٻلڪوڙي
جائزو ڪندڙ : ڊا. منجري ڀاليراو (اِتهاس)
ڊا. سنجيوت آپٽي (ناگرڪ شاستر)
ائڊووڪيٽ جيشري اوهاڙ (قانوني)
ڊا. شرمسٽا اوڪ (ماهر ڦهڇب)

## ڳايا ڪاميٽي

ڊاڪٽر مهيشور ڪڙلاوي
شري پرشانت ديويڪر
شري موهن شيٽي
شريمتي پرتيما گپتي

## پرڪاشڪ

شري هيمنت بابر
(اِنچارج ڪنٽرولر)
پاٺيہ پستڪ نرمتي، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جيِ ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## ڀارتيہ سنوڌان

### باب - چوٿون اَلف

### بُنيادي فرض

قلم 51A

بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنسٿا جيِ عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جنِ آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جيِ سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جيِ ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جيِ رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جيِ ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندارورثي جيِ حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگليِ-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوچ ۽ سُڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جيِ لڳاتارڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪہ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻارکي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

# راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،

ڀارَت ڀاڳِيہ وِڌاتا

پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،

دراوڙَ اُتڪَلَ، بَنگَ،

وِنڌيہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،

اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،

تَوَ شُڀَ نامي جاڳي، تَوَ شُڀ آشِيس مانگي،

گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،

جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي

ڀارَت ڀاڳِيہ وِڌاتا،

جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،

جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

# پرتگِيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سينيِ بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئيِ منهنجو سُک سمايل آهي.‘

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

# پرستاونا

’قومي ايياس ڪرم ٢٠٢٠‘ انوسار ’مهاراشٽر راجيه ۾ اسڪولي تعليمي ايياس ڪرم ٢٠٢٦‘ تيار ڪيو ويو. انهيءَ ايياس ڪرم جي ڪاروائي ٢٠٢٦-٢٧ انهيءَ تعليمي سال کان سلسليوار شروع ٿي آهي. ايياس ڪرم ۾ ٽئين درجي کان پنجين درجي تائين اِتهاس، ناگرڪ شاستر اهي وشيه گڏ ڪري پسگردائي ايياس دنيا ڀاڱو - ٢ ۾ ڏنا ويا آهن. درجي ڇهين کان اڳتي ايياس ڪرم ۾ اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر اهي وشيه الڳ وشيه آهن. هي ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي خوشي ٿي رهي آهي.

ڀارتيه گيان پرمپرا، پنچ ڪوش، ٢١ صدي جا ڪوشليه، ٻهو وديا شاخائون نظريو، عملي - ٻال مرڪزي پڙهڻ-پڙهائڻ جي ترتيب اهڙو وياپڪ نظريو سامهون رکي هي ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. پرائمري تعليم جي ان ڏاڪي تي شاگرد ۾ کهڙيون لياقتون وڪست ٿين ان انوسار پاٺ ۾ الڳه-الڳه عملي ڪم، تعليمي آزمودا، مشغولي اهڙي طرح ڪتاب کي نئين نموني پيش ڪيل آهي. قومي تعليمي پاليسيءَ جو شاگردن ۾ علمي حاصلات پيدا ڪرڻ اهو مکيه مقصد آهي. ان لاءِ هن ڪتاب ۾ انهيءَ تي خاص زور ڏنل آهي.

اتهاس جي ڀاڱي ۾ ’پراچين ڀارت جو اتهاس‘ ڏنل آهي. ان مان ٻارن کي پنهنجي سڀيتا ۽ رسمن جي سموري ڄاڻ ملي ۽ ان ذريعي سندس سماجڪ ايڪتا جي سمجهه وڌي اهو مقصد آهي، پراچين ڀارت جو اتهاس انسان جي وڪاس جو، سڀيتا جي وڪاس جو ۽ سڀيتا جي خوشحال پرمپرا جو شايد آهي. هن ڪتاب جي اتهاس جي حصي ۾ پؤتڪ ساڌن شلا ليک، سڪا، ساهتيه وارا گرنٿ، وديشي مسافرن جي سفرنامي جهڙن اتهاسڪ ساڌنن جي آڌار تي پراچين ڀارت جي اتهاس جي سمجهه ڪيئن ٿي ٿئي، انجو وستار سان جائزو ورتل آهي. اَشم يگه جي خانده بدوش اوسٿا کان ويندي اِستر ڪيتي، بستيون ۽ ناگري سنسڪرتي جو سفر هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل آهي. هڙاپا سنسڪرتي، ويدڪ ڪال، مهاجن پد اُن جو اُسرڻ، مؤريه، شنگ، ساتواهن، گپت وغيره جُدا-جُدا راڄ گهراڻن جي راڄ جي، سماجڪ ۽ آرٿڪ اتهاس کي سؤلي ۽ ايياس پورڻ طريقي سان پيش ڪيو آهي. ان زماني جي ڪاروبار ، آرٿڪ حالت ۽ سماج رچنا جو لاڳاپو چٽو ڪيل آهي. تيئن ئي ڪلا، اِستاپتيه، ساهتيه، وگيان، حساب، آيورود، تتو گيان ۽ ڌرم جهڙن سانسڪرتڪ پهلون مان پراچين ڀارتيه سنسڪرتي جي خاصيت کي کولي ڪري ڏيکاريو ويو آهي. پراچين ڀارت جو اَثر نه صرف ڀارتيه اُپکنڊ تائين محدود هو پر ايشيا ۽ ٻين پراچين دُنيا تي ڪيئن پيو. ان جو به ويچار ڪيو ويو آهي.

واپار، ڌرم، ڪلا وغيره ذريعي سان ڀارت جو چين، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ وچ ايشيا ۽ وچن پرديشن سان لاڳاپو ان جو ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب سنواد وارو ناهڻ جي ڪوشش ڪندي، الڳه-الڳه چؤڪنن جي ذريعي شاگردن کي وڌيڪ عملي ڪرڻ جي ڪوشس ڪيل آهي. شاگردن ۾ اتهاس جي باري ۾ جڳياسا نرماڻ ڪرڻ، پوتڪال جي سمجهه وڌائڻ ۽ ڀارت جي خوشحال ورثي جي ڄاڻ هئڻ، اهو هن ڪتاب جو مول مقصد آهي.

ناگرڪ شاستر ڀاڱي ۾ ’مڪاني ڪاروباري سنسٿائون‘ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ وقت وڪاس جي يوجنائن ۾ مڪاني جنتا جو سهياڳ، عورتن جو سهياڳ ۽ سندن سهياڳ مان ٿيل تبديلين جو خاص ذڪر ڪيل آهي. اسانجي ديش جو ڪاروبار، ڀارت جي جوڙجڪ، قاعدن ۽ نيمن موجب هلندو آهي. اهو ٻارن جي سؤلي ٻوليءَ ۾ سمجهايل آهي.

بابن ۾ چؤڪنڊن ۾ ڏنل ڄاڻ شاگردن جي تعليم کي اثردار بڻائيدي. ماسترن لاءِ الڳه هدايتون ڏنل آهن. پاڙهڻ وڌ ۾ وڌ مشغولي آڌارت هجي اهو خيال رکيو ويو آهي. لوڪشاهيءَ ۾ سڪريه سهياڳ ٿيندڙ ۽ ڄاڻو ناگرڪ تيار ٿيڻ لاءِ هن پاٺ جو مذڪور اهميت وارو ثابت ٿيندو.

هيءُ ڪتاب وڌ ۾ وڌ نردوش ۽ معياري ٿئي، اُن نظر کان مهاراشٽر جي سڀني ڀاڱن مان چونڊ اُستادن ، تعليمدانن ۽ وشيه جي ڄاڻو اُستادڪان هن ڪتاب جي سمالوچناڪ رائي ورتي. آيل سوچنائون، ويچارن کي ڌيان ۾ رکي هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو ويو آهي. اتهاس وشيه ڪاميٽي ، ناگرڪ شاستر وشيه سمتي ايياس گٽ ميمبر، ليکڪ ۽ چترڪارن جي گهڻي وشواس ۽ محنت سان هيءُ درسي ڪتاب تيار ڪيو آهي. منڊم اِنهن سڀني جو تهدل شڪرگذار آهي.

اُميد ته شاگرد ، ماستر ۽ مائٽ هن ڪتاب جو سواگت ڪندا.

(انوراڌا اوڪ)
ڊائريڪٽر
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي
۽ ايياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پُڻي
تاريخ : ١ ميءِ ٢٠٢٦
ڀارتيه سوريه تاريخ : ١١ ويساک شڪي ١٩٤٨،
مهاراشٽر ڏينهن

# پاٺ انوسار علمي حاصلات

**ايپاس ڪرم جو مقصد : CG-1 انساني زندگيءَ جي مختلف پهلون سان لاڳاپيل ذريعن کي سمجهڻ ۽ انهن جي صحيح معنيٰ ڪڍڻ**

| نمبر | ايپاس ڪرم لياقت | علمي حاصلات | پيج نمبر |
|---|---|---|---|
| ١ | اِتهاس جا ساڌن<br>C-1.1 انساني زندگي جي اِتهاسڪ، سيپيٽڪ، جاگرافيڪل ۽ سماجي - سياسي پهلون کي سمجهڻ لاءِ معلومات جي ڪيترن ذريعن (بنيادي ۽ ٻئين درجي جي) کي گڏ ڪري ٿو ۽ اِنهن جي صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو. | • پراچين ڪال جي انساني جيون جي جدا جدا پهلون کي سمجهي وٺڻ لاءِ اتهاس جي ذريعي کي چٽيءَ طرح سمجهائي ان وسيلي ڌار ڌار معلومات گڏ ڪري ٿو ۽ اُن جي صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو. | ١، ٢، ٣، ۴<br>۵، ٦، ٧ |
| | | (الف) پراچين ڪال جا بنيادي ذريعا ٻڌائي ٿو. | ٢، ٣، ۴، ۵،<br>٦، ٧ |
| | | (ب) اِتهاس جي ذريعن کي نالا ڏيندي معلومات سمجهي ٿو. | ٢،٣،۴،۵،٦،٧ |
| | | (ٻ) انساني زندگيءَ جي مختلف پهلن کي سجمهي ٿو. | ٢،٣،۴،۵،٦،٧ |
| | | (پ) اتهاس جي زباني ذريعن جي سڃاڻپ ڪندي معلومات کي سمجهي ٿو. | ٢،٣،۴،۵،٦،٧ |
| | | (ڦ) اتهاس جي لکيل ذريعن جي درجابندي ڪري ٿو. | ٢،٣،۴،۵،٦،٧ |
| | | • مهاراشٽر ۾ مختلف ڪوٽائي ۽ ورثي جي جڳهين عجائب گهرن جا نالا ٻڌائي ٿو. | ٢،٤،۵،٧ |
| | | (الف) انهن جي معلومات کي مهاراشٽر جي نقشي تي ڏيکاري ٿو. | ۵،٦،٧،١٣،١۴،١۵ |
| | | (ب) مهاراشٽر جي مختلف عجائب گهرن جو دارو ڪري معلومات لکي ٿو. | ٨،٩،١٠،١١،١٢ |
| | C-1.2 مضمون جو مول سنديش، تختا، چٽر، نقشوان روپ ۾ ڏنل انساني زندگيءَ جي ڌار-ڌار پهلون سان لاڳاپو رکندڙ معلومات کي پيش ڪري ٿو ۽ صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو. | • مضمون جو مول سنديش ، تختا، چٽر، نقشو جو جائزو ڪري پراچين ڪال جي انساني زندگيءَ جي پهلون سان لاڳاپو رکندڙ معلومات گڏ ڪري ٿو ۽ ورگيڪرڻ ڪري ٿو. | ١٣،١۴،١۵ |
| | | (الف) انساني زندگيءَ جي پهلن سان لاڳاپيل مواد جي معلومات گڏ ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو. | ١٣، ١۴، ١۵<br>٨،٩،١٠،١٢ |
| | | (ب) انساني زندگي جي پهلن سان لاڳاپيل معلومات شڪلين جي مدد سان گڏ ڪري سمجهي ٿو. | ٨، ١٠، ١۴ |
| | | (ٻ) قدرتي ۽ اِتهاسڪ نقشن کي جاچي. اسان سان لاڳاپيل پهلو نقشي تي ڏيکاري ٿو ان ذريعي معلومات حاصل ڪري ٿو. | ٩.١۴، ١۵<br>٨، ١٠، ١٣، ١۴، ١۵ |

**ايپاس ڪرم جو مقصد : CG-1 انساني زندگيءَ جي ڌار ڌار پهلون سان لاڳاپو رکندڙ ذريعن کي سمجهڻ ۽ انهن جي صحيح معنيٰ ڪڍڻ.**

**CG-2 انساني سڀيتا جي لاڳاپيتي ۽ بدلجڻ پرڪريا کي ڪرم وار وَڀياس ڪجهه خاص مثال ۽ اُن جو سندرڀ ساڳي طرح کي اِتهاسڪ گهٽنائن جي مدد سان ڳولهڻ.**

| نمبر | ايپاس ڪرم لياقت | علمي حاصلات | پيج نمبر |
|---|---|---|---|
| ٢ | اِنسان جي وڪاس جا ڏاڪا<br>C-1.1 انساني زندگي جي اِتهاسڪ، سيپيٽڪ، جاگرافيڪل ۽ سماج جي سياسي پهلون کي سمجهڻ لاءِ معلومات جي ڪيترن ذريعن (بنيادي ۽ ٻئين درجي جي) کي گڏ ڪري ٿو ۽ اِنهن جي صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو. | •اهي مهاراشٽر ۾ مختلف ڪوٽائي جي جڳهين، ورثي جي جڳهين، عجائب گهرن ۽ شين جا نالا ڏين ٿا. انهن کي مهاراشٽر جي نقشي تي ڏيکارن ٿا. انهن جي جاڻ بيان ڪن ٿا. | ١٣، ١۴، ١۵<br>٦، ١۵ |
| | | (ڪ) انهن جي سنڀالڻ ۽ حفاظت جي اهميت کي سمجهن ٿا ۽ انهن کي انساني زندگي جي مختلف پهلون سان ڳنڍين ٿا. | ١٠، ١١، ١٢،<br>١٣، ١۴ |
| | | • پراچين زماني ۾ انساني سڀيتا جي جاڻ جي بنياد تي مختلف تبديلين جو پتو لڳائي پراچين ڀارت جي سڀيتا جي وڪاس جي رستي تي ٿيل نتيجي کي بيان ڪري ٿو. انهي ڪري انساني سڀيتا ۾ لاڳيتو ۽ تبديلي جي عملن کي سمجهي وٺي ٿو. | |
| | | (الف) جاگرافيڪل حاصلين جي اثر کي سمجهي ٿو. | |
| | | (ب) ٻنهي دورن ۾ تفاوت سمجهي وضاحت ڪري ٿو. | ٩،١٠،١٦،١٧،١٨، |
| | اِتهاس جا ساڌن<br>C-2.1 يوتڪال ۾ ٿيندڙ وڏين تبديلين ۽ سماج تي انهن جو واضع اثر جو تجزيو ڪري ٿو | • اَشم يگ ۽ تامر پاشاڻ يگ جو مطلب ۽ معلومات ٻڌائي اُن وقت جي انساني زندگيءَ جي بدلاءُ جو سماج تي ٿيل اَثر کي بيان ڪري ٿو. | ١٠،١١،١٢،١٣ |
| | | (الف) پٿر جي دور جي معنيٰ بيان ڪري نقشي تي اِن دور جون جڳهيون ڏيکاري ٿو. | |
| | | (ب) پراشم، مڌياشام ۽ نواشم يگين جي جاڻ حاصل ڪري ڀيٽ ڪري ٿو. | ١٠،١١،١۵، ١١، |
| | | (ٻ) پراشم، مڌياشام ۽ نواشم يگين جي انساني زندگي ۾ ٿيندڙ تبديل بيان ڪري ٿو. | ١٢، ١٣، ١۴ |
| | | (پ) تامرپاشاڻ يگ جي معنيٰ بيان ڪري ٿو. | |
| | | (ڀ) تامرپاشاڻ دور ۾ مهاراشٽر ۾ ساولدا، جوروي، دائماباد جڳهيون نقشي تي ڏيکاري اهميت بيان ڪري ٿو. | ١١،١٢،١۴،١۵،<br>١٣، ١۴، ١۵ |
| | | • انساني سماج ۾ ترقي جا مختلف ڏاڪا سمجهڻ سان اسان انساني بستي، سڀيتا ۽ سنڪرتي وغيره اَنوسار ٿيندڙ وقت سان گڏ مختلف تبديلين جي انساني سماج تي اَثر جو تجزيو ڪري ٿو | ٨،٩،١٠،١١،١٢<br>١٣،١۴،١۵ |

<table dir="rtl">
<tr><td colspan="4">اييِاس ڪرم جو مقصد : CG-2 انسانيسڀيتا جي سلسلي ۾ بدلاءُ انهن پرڪريائن ڪي ڪرم وار ڪجھ خاص مثال ۽ ان جو لاڳاپو ڪجھ اتهاسڪ گهٽنائن جي آڌارتي ڳولهڻ</td></tr>
<tr><td>٣</td><td>هڙاپا سنسڪرتي<br>C-2.1 پوتڪال جيون جون مکيہ تبديليون ان سماج تي ٿيل اثر جي صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو.</td><td>• پراچين زماني جي هڙاپا سڀيتا جا کوٽائي وارا هنڌ نقشي تي ڏيکاري لوڪ جيون جون خاصيتون، تبديل چٽو ڪري ٿو ۽ هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پڇاڙيءَ جو ڪارڻ ٻڌائي ٿو.</td><td>١٦، ١٧، ١٨، ١٩،<br>٢٠، ٢١،<br>٢٢، ٢٣<br>٢٤، ٢٥</td></tr>
<tr><td>٤</td><td>ويدڪ سڀيتا<br>C-2.1 پوتڪال جيون مکيہ تبديليون ۾ سماج جو انهن تي ٿيل اثر جي صحيح معنيٰ ڪڍي ٿو<br>.</td><td>• ويدڪ سڀيتا جي ساهتيڪ راجائي، سماجي، سڀيتڪ جيون انهن ۾ ٿيل بدلاءُ بيان ڪري ٿو<br>(الف) ويدڪ ادب جا نالا ٻڌائي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>(ب) سياسي، سماجي، مذهبي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو.</td><td>٢٦، ٢٢، ٢٨، ٢٩<br>٣٠، ٣١، ٣٢<br>٢٧، ٢٨، ٢٩<br>٣٠، ٣١، ٣٢</td></tr>
<tr><td colspan="4">CG-7 (A) ڀارت جي گذريل وقت ۾ ماضيءَ جي شاندار سڀيتڪ نرالائپ ۾ ايڪتا، گهٽائي جو صداقت ورثو، پرمپرا، اَدب، ڪلا، استاپتيہ شاستر، تتو گيان، طب، سائنس ۾ انسانيت لاءِ ٻين خدمتن ڪي سمجهڻ (ب) جاگرافيڪل نرالائپ هوندي بہ ايڪتا لاءِ ٻيا ضروري عنصر ان ذريعي ڀارتيہ هجڻ جي معنيٰ ۾ اهميت ڪي سمجهڻ</td></tr>
<tr><td>٥</td><td>ڌار -ڌار ڌرمن جون سکياڻون<br>C-7.3 ڀارتيہ پرمپرا انوسار جماعتن ۾ سماج جي گروهن ڪي شامل ڪرڻ ۾ اُن جو سڀيتڪ جزن ذريعي پوندڙ دنيا جو اَثر سمجهي ٿو.</td><td>• پراچين زماني جي الڳہ الڳہ جماعتن جي پوشاڪ، رهڻي ڪرڻي، جيون شيئلي، وهنوار، سڀيتا، پرمپرا، تعليم ، واپار انهن ڪي سمجهي وني ٿو.<br>• ڌار ڌار ڌرمن جي بنيادي تتو ٻڌائي ٿو ۽ اُن مان انسانيت جو سنديش بيان ڪري ٿو.</td><td>٢٣، ٢٤، ٣٥، ٣٦،<br>٣٧، ٣٨، ٣٩، ٤٠<br>٤١، ٤٢<br>٣٣، ٣٤، ٣٥،<br>٣٦، ٣٧، ٣٨،<br>٣٩، ٤٠، ٤١، ٤٢</td></tr>
<tr><td colspan="4">اييِاس ڪرم جو مقصد : CG-4 سماجي، سڀيتڪ ۽ سياسي سنستائن جي ڪم ڪرڻ جو سماج تي ٿيندڙ اثر ، شخصي ۽ جماعتي سنستا سماج ڪي ڪيئن روپ ڏين ٿيون.</td></tr>
<tr><td>٦</td><td>جنپد ۽ مهاجنپد<br>C-4.1 شاگرد واتاورڻ جي يا پرديش جي الڳہ - الڳہ سماجي، سڀيتڪ، آرٿڪ ۽ راڄ جي سنستائن جي ڪاريہ بابت ڄاڻ گڏ ڪري ٿو اُن سمجھ جو بندوبست ڪري ٿو ۽ اُن جي معنيٰ ڪڍي ٿو نساني سماج لاءِ انجي اهميت سمجهي ٿو.<br>C-8.2 ڀارتيہ سنوڌانجي نهڻ جو سلسلو بيان ڪن ٿا ان ۾ شامل ڀارتيہ راشتريہ هلچل جي آدرش ڪلپنا ٿيئن ئي ڀارت جو ورثو پرمپرا مان آيل سڀيتا سمجهي وني ٿو.</td><td>• ويدڪ ڪال ڪان پوءِ واري زماني جي سماجي، سڀيتڪ آرٿڪ ۽ راڄائي سنستائن جا ڪاريہ ۽ جنپد جي ڄاڻ گڏ ڪري انساني سماج لاءِ اُنجي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>• جنپدن جون خاصيتون ٻڌائي ٿو.<br>• هاٹوڪي ڀارت جي لوڪشاهي جي شروعات پراچين ڀارت جي گڻ راڄيہ طريقي مان ٿيل آهي ٻڌائي ٿو.</td><td>٤٣، ٤٤، ٤٥،<br>٤٦، ٤٧، ٤٨<br>٤٣، ٤٤، ٤٥،<br>٤٦، ٤٨<br>٤٥، ٤٨</td></tr>
<tr><td colspan="4">اييِاس ڪرم جو مقصد : CG-4 سماجي، سڀيتڪ ۽ سياسي سنستائن جي ڪم ڪرڻ جو سماج تي ٿيندڙ اثر ، شخصي ۽ جماعتي سنستا سماج ڪي ڪيئن روپ ڏين ٿيون اهو سمجهڻ.</td></tr>
<tr><td>٧</td><td>مؤريہ ڪال جو ڀارت<br>C-4.2 عام طور تي شخص /ميڙ /سموداءِ سماج تي سماجي، سڀيتڪ ۽ راڄ جي سنستائن جي اثر جو ملھ ماپڻ ڪري ٿو</td><td>(ا) پراچين ڪال جي جدا جدا سامراجيہ ماڻهو، سماج اُنهن جو اُن وقت جي سماج تي ٿيل اثر جو ملھ ماپڻ ڪري ٿو.<br>(الف) مؤريہ سامراجيہ جي اِستاپنا ۽ وستار ۾ چندرگپت مؤريہ ۽ سمراٽ بند وسار جو يوگدان بيان ڪري ٿو.<br>(ب) سمراٽ اشوڪ جي ڪلنگہ جي يُڌ، جي سمجهاڻي ۽ اثر ٻڌائي ملھ ماپڻ ڪريٿو.<br>(ڪ) سمراٽ اشوڪ جي ڪلنگہ جي يُڌ، ڌرم ڦهلاءُ ۽ لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ بابت جي يوگدان ڪي ٻڌائي ٿو.<br>(ڀ) سمراٽ اشوڪ جي ڌرم ڦهلاءُ جي ڪمن جو جائزو ڪري ملھ ماپڻ ڪري ٿو .<br>(ت) سمراٽ اشوڪ جي لوڪ ڪلياڻ ڪاري ڪارين جي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>(ٺ) مؤرِيہ ڪال جي راڄ جو بندوبست ۽ لوڪ جيون جي ڄاڻ ٻڌائي ٿو.<br>(د) مؤريہ ڪال جي ڪلا، استاپتيہ ۽ ساهتيہ جي ڄاڻ ٻڌائي ڀارت جي راشتريہ ۽ نشان ۾ موريہ ڪال جي اِستاپتيہ ڪلا جو لاڳاپو ڪلا ٻڌائي ٿو.</td><td>٤٩، ٥٠، ٥١، ٥٢<br>٥٣، ٥٤، ٥٥، ٥٦<br>٤٧، ٤٨<br>٥١، ٥٢<br>٥٣، ٥٢، ٥٦، ٥٥<br>٥٢، ٥٣، ٥٦، ٥٥<br>٥٣، ٥٢، ٥٦، ٥٥<br>٥٣، ٥٦، ٥٥<br>٥٣، ٥٤، ٥٦، ٥٥<br>٥٤، ٥٥، ٥٦</td></tr>
</table>

<table>
<tr><td colspan="4">اڀياس ڪرم جو مقصد : CG-7 ڀارت جي گذريل وقت ۽ ماضيءَ جي شاندار سڀيتڪ نرالائپ ۾ ايڪتا، گھٽائي جو سڌانت، ورثو، پرمپرا، اَدب، ڪلا، استاپتيه شاستر، تتو گيان، طب، سائنس ۽ انسانيت لاءِ ٻين خدمتن کي سمجھڻ (ب) جاگرافيڪل، نرالائپ هوندي بہ ايڪتا لاءِ ٻيا ضروري عنصر ان ذريعي ڀارتيه هجڻ جي معنيٰ ۽ اهميت کي سمجھڻ.</td></tr>
<tr><td>٨</td><td>پراچين ڀارت جي ۽ مهاراشٽر جي راڄ ۽ راڄگھرٽا<br>C-7.4 پراچين ڀارت جي ۽ مهاراشٽر جي اهميت وارا راڄ ۽ راڄگھرٽا کي سُڃاڻي ٿو.<br>C-3.2 سماجڪ گروهن ۽ برادرين، پرديشن ۽ دنيا جي ٻين ڀاڱن ۾ تڪرارن جي سببن جي سڃاڻپ ۽ اُنهن جو اثر.</td><td>• پراچين ڀارت جي ۽ مهاراشٽر جي اهميت وارا راڄ ۽ راڄگھرٽا (شنگ، ڪٽڙ،ساتواهن، گپت، ورڌن وغيره) جي يوگدان کي بيان ڪري ٿو.<br>(الف) ڪٽڙ راجيه جو وستار ٻڌائي ٿو.<br>(ب) پراچين مهاراشٽر ۽ ڀارت جي ساتواهن گھراڻي جو يوگدان ٻڌائي ٿو.<br>(ٻ) شنڪا جون سامراجيه وستار ٻڌائي ٿو.<br>(پ) گپت ڪال جي راجيڪيه، آرٿڪ، سماجڪ جي سڃاڻپ ٻڌائي ٿو.<br>(ڀ) ڪشاڻ راجيه ۽ سانسڪرتڪ ڪيتر جو يوگدان ٻڌائي ٿو.</td><td>٥٧، ٥٨<br>٥٩، ٦٠<br>٦١، ٦٢،<br>٦٣، ٦٤</td></tr>
<tr><td colspan="4">اڀياس ڪرم جو مقصد : CG-7 ڀارت جي گذريل وقت ۽ ماضيءَ جي شاندار سڀيتڪ نرالائپ ۾ ايڪتا، گھٽائي جو سڌانت، ورثو، پرمپرا، اَدب، ڪلا، استاپتيه شاستر، تتو گيان، طب، سائنس ۽ انسانيت لاءِ ٻين خدمتن کي سمجھڻ (ب) جاگرافيڪل، نرالائپ هوندي بہ ايڪتا لاءِ ٻيا ضروري عنصر ان ذريعي ڀارتيه هجڻ جي معنيٰ ۽ اهميت کي سمجھڻ.</td></tr>
<tr><td>٩</td><td>پراچين ڀارت جو سڀيتڪ ورثو<br>C-7.1 ڀارت جي خوشحالي ۽ نرالائپ وارا، سڀيتڪ جُزا، ڀاشا، ڪلا، تتوَ، ڪلپنا، مُلهه، پوشاڪ ڪاڌو، پرمپرا، ڏڻ، واپار، طب ۽ يوگ، صحت بابت عادتون انهن ۾هڪجھڙائي سُڃاڻي. نرالائپ ۾ ايڪتا ذڪر ڪري ٿو<br>C-7.3 ڀارتيه پرمپرا انوسار سموداين ۽ سماج جي گروهن جو شامل ٿيڻ ۽ اُنجو سڀيتڪ جزن تي پوندڙ دنيا جو اثر سمجھي ٿو.</td><td>(ا) پراچين ڀارت جي سڀيتا جي خوشحال ۽ نرالائپ واري سڀيتڪ جزن کي سمجھي اُن ۾هڪجھڙائي ۽ نرالائپ سُڃاڻي ايڪتا بيان ڪري ٿو.<br>(الف) پراچين ڀارت جي سڀيتڪ، جيون جي ڀاشا، ڪلا، پرمپرا، پوشاڪ ڪاڌو وغيرهه جي جُزن جي ڄاڻ مثال سان بيان ڪري ٿو.<br>(ب) پراچين ڀارت جي آرٿڪ جيون جي واپار ۽ ڏنڌي انهن جزن جي ڄاڻ مثال سان بيان ڪري ٿو.<br>(ٿ) پراچين جي ڀارت جي ويدڪ شاستر ان گيان جي شاکا جي طب ۽ يوگ ۽ صحت بابت عادتون انهن جزن جي ڄاڻ ورگيڪرڻ بيان ڪري ٿو<br>(د) پراچين ڀارت جي جدا جدا پرديش ۽ مهاراشٽر جي سڀيتڪ جزن ۾هڪجھڙائي ۽ فرق سمجھائي نرالائپ ۾ ايڪتا مثال سان سمجھائي ٿو.<br>(ا) پراچين زماني جي ڏار-ڏار سموداين جي پوشاڪ، رهڻ جو درجو، جيون شيئلي، وهنوار، سڀيتا، پرمپرا تعليم، ڏنڌي جي ڄاڻ ڪري وٺي ٿو.<br>(ڪ) ڀارت جي پراچين وشو وديالين جي ڄاڻ گڏ ڪري سمجھي وٺي ٿو</td><td>٦٥، ٦٦<br>٦٧، ٦٨<br>٦٩، ٧٠، ٧٣<br>٧٠، ٧١ ٧٢، ٧٣<br>٦٥، ٦٧، ٦٨، ٧٠<br>٧١، ٧٢، ٧٣</td></tr>
<tr><td colspan="4">اڀياس ڪرم جو مقصد : CG-2 انساني سڀيتا جي لاڳيتي ۽ بدلجڻ انهن پرڪريائن کي ڪرم وار ڪجھه خاص مثالن ۽ ان جو لاڳاپو ڪجھه اتهاسڪ گھٽنائن جي آڌار تي ڳولهڻ.<br>CG-3 ڌار ڌار سماجي تاريخي، واقعا يا پرسنگ جو ڪاڻ ۽ نتيجو انهن جو لاڳاپو ڳولهڻ ۽ اينهن کي انساني زندگي جي ڪل نتيجي سان جوڙڻ.</td></tr>
<tr><td>١٠</td><td>پراچين ڀارت ۽ دنيا<br>C-2.2 انساني جيون جا خاص ناتو سنٻنڌ، ريتي رواج ۽ ڪم سماج ۾وڌي تبديل تڪيل رهي ٿي. اهڙن خاص ڳالهين جي ڦهلاءُ جا جزا سڃاڻي ٿو.<br>C-3.2 سماجڪ گروپ ۽ سموداين ۾اُنهن جي پرديش ۾ ۽ دنيا جي ٻين ڀاڱن ۾ميل ميلاپ ۽ جهيڙا ان پنيان ڪارڻ ۽ انساني جيون تي اثر سڃاڻي ٿو.</td><td>ا) انساني جيون جا خاص ناتا سنٻنڌ، ريتي رواج ۽ ڪم سماج ۾وڌي تبديل قائم رهي ٿي. اهو ٻڌائي پارسي ۽ گريڪ سڀيتا جي ميل ميلاپ جا جُزا ٻڌائي ٿو<br>(٢) پنهنجي آس-پاس ۾هوندڙ انسان جيون جي نرلائپ بيان ڪري اَنيڪ پراچين سڀيتائن جو هڪ ٻئي سان آيل سمپرڪ ۾جدا جدا پرديش جي پرمپرا سان ٿيل ميلاپ جهيڙا سمجھي ڪري ان جو انساني جيون تي ٿيل گھرو اثر بيان ڪري ٿو.<br>(٣) پراچين زماني جي الڳ الڳ جماعتن جي پوشاڪ، رهڻي ڪرڻي، جيون شيئلي، وهنوار سڀيتا، پرمپرا، تعليم، واپار انهن کي سمجھي وٺي ٿو.<br>ڀارتيه پرمپرا انوسار جماعتن، ۽ سماج جي گروهن کي شامل ڪرڻ ۽ اُن جو سڀيتڪ جزن ذريعي پوندڙ دنيا جو اَثر سمجھي ٿو.</td><td>٧٤، ٧٥،<br>٧٦، ٧٧<br>٧٨، ٧٩ ٨٠،<br>٨١، ٨٢<br>٨٠، ٨١<br>٧٦، ٧٧، ٨١</td></tr>
</table>

## ماسترن لاءِ پاٺيہ پستڪ

- راشٽريہ تعليمي پاليسيءَ جو مکيہ مقصد اهو تہ راجيہ جي سڀني شاگردن جي علمي حاصلات سُڌارڻ هي هئڻ ڪري پاٺيہ-پستڪ جي شروعاتي پهرين پيڄن ۾ سمايل علمي حاصلات سڀني کي ضروري پڙهائڻ وقت سامهون رکڻ ضروري آهي.
- هرهڪ پاٺ جي سکڻ سيکارڻ واري عمل جي رٿا بندي ڪندي سکيا جي حاصلات موجب پاٺ ۾ سکيا جا آزمودا ۽ ڏار-ڏار مشغولين جي رٿا ڪرڻ گهرجي.
- پاٺن ۾ ٻهو وديا شاکا جي نظريي سان ڏار-ڏار سکڻ جا آزمودا سَجهايل آهن. هن جو سنپورڻ روپ سان ويچار ڪرڻ گهرجي. شاگردن کي الڳہ-الڳہ وشين جي مدد سان ايڪاتمڪ طريقي سان سولائي سان سکي سگهندا. ان کي سمجهڻ گهرجي.
- شاگردن کي پراچين ڀارت جو اتهاس سيکارڻ جو مقصد آهي تہ کين پنهنجي سڀيتا ۽ ريتين رسمن جي سموري ڄاڻ ملي جنهن سان سندن سماجڪ ۽ راشٽريہ ميلاپ جو احساس وڌي.ماسترن کي پراچين ڀارت جو اتهاس سيکارڻ وقت ان مقصد کي خيال ۾ رکي سيکارڻ جي طريقي جي تجويز ڪرڻ گهرجي.
- جدا جدا عملي ڪمن جي آڌار تي وشيہ بابت سمجهہ وڌائي سگهجي ٿي.
- ڏنل ٽڪر جو ڀار وڌي نہ ان لاءِ پاٺيہ، پستڪ ۾ هر هڪ مدي جي وستار سان ڄاڻ پاٺ ۾ مثالن سان ۽ ڪارڻ سهت ڏيڻ ممڪن نہ هوندو آهي. ماسترن کي اڀياس ڪرائڻ کان پهريون ڏار-ڏار حوالي جي آڌار تي شاگردن کي ٽڪر وڌيڪ سؤلو هئڻ جي نظريعي سان ضروري ڄاڻ اُتي ڏيڻ ضروري آهي.
- اسانجي سڀيتڪ ورثي جي ڄاڻ پراچين ڀارت جي اتهاس جي اڀياس مان ملڻ لاءِ الڳہ الڳہ پراچين عمارتون، سِڪا، شيون انهن جي وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جا ساڌن ڪهڙا؟ ان بابت شاگردن کي ٻڌائجي درسي ڪتاب کان سواءِ وڌيڪ ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ اُنهن کي اُتساهہ ڏياري.
- هڙاپا سڀيتا جي وقت کان ڀارت جا ڏورانهن ديشن سان اِسٿاپت ٿيل واپاري ناتا ڀارت جي واڌاري جو مؤل سبب هئا، اهو ڌيان ۾ رکي انترراشٽريہ واپار جو سروپ شاگردن کي سمجهائي ٻڌايو. شاگردن کي سمجهايو تہ اهو واپار وشو برادري ڀاءُ ۽ انتر راشٽريہ ميل ميلاپ کان سواءِ ممڪن نہ آهي. اها ڄاڻ شاگردن جي ڌيان تي آڻيو.
- رامائڻ ۽ مهاڀارت اهي مهاڪاويہ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي انڊونيشيا ۽ ڪنبوڊيا ديشن ۾ نرتيہ ۽ ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جي پرمپرا اَڄ سوُدو قائم آهي. اُتان جي پراچين شلپن ۾ اهي ڪٿائون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ جا پروجيڪٽ شاگردن کي ڏجن.
- ناگرڪ شاستر وشيہ جي شروعات ڪرڻ کان اڳہ اسان جي ديش جو حڪومتي سرشتو سمجهائجي، مرڪزي سرڪار، گهٽڪ راجيہ سرڪارون ۽ مڪاني حڪومتي سرشتي بابت ٿوري ۾ ڄاڻ ڏجي.
- ڀارت جي ڪاڏي ۾ نرالائپ ڏيکارڻ لاءِ اسانجو سماج جيون ان پاٺ ۾ ڀارت جو اسٿول کي نقشي کي ڪم آندل آهي.
- مڪاني ڪاروبار لاءِ راجيہ سرڪار جا الڳہ قاعدا آهن. شاگردن کي اهي قاعدا وستار سان سمجهائڻا نہ آهن. پر شاگردن کي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ اسان جي ديش جو ڪاروبار جوڙجڪ، قاعدن، قانونن موجب هلندو آهي. قاعدي جي راڄ جا فائدا کين الڳہ الڳہ مثالن مان سمجهائڻ گهرجي.
- جوڙجڪ ٨٣ ۽ ٨٤ دُرستي جو هتي مختصر ذڪر آيل آهي. انهن جوڙجڪ جي دُرستين سبب مڪاني حڪومتي سنسٿائون مضبوط ٿيون آهن، ان سبب انهن سنسٿائن ۾ آيل بدلاو شاگردن کي ٻڌائجن.
- مڪاني حڪومتي سنسٿائن ۾ استرين جو ڀهرو ونڻ ۽ اُن سبب ٿيل بدلاو پڻ شاگردن کي ضرور ٻڌائجن.
- برٽش راڄ ۾ مڪاني سنسٿائن کي ’مڪاني خود حڪومتي سنسٿائون‘ ڪري چئبو هو. آزادي کان پوءِ هر سطح تي سؤراڄ هئڻ سبب هاڻي انهن کي ’مڪاني حڪومتي سنسٿائون‘ ڪري چيو ويندو آهي.
- ماسترن لاءِ هن پيڄ تي خاص ضرورت وارن شاگردن بابت، پڙهڻ - پڙهائڻ وقت اِشاري نشان واري ڀاشا Sign Language تهڙي طرح ٻيون پورڪ پڙهائڻ جي شاستر طريقي جو اُپيو گ ڪريو. خاص ضرورت هئڻ وارن شاگردن کي، جنهن طريقي ممڪن هجي اُن طريقي سمجهڻ جو موقعو ڏجي.

# فهرست


| نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ١ | اِتهاس جا ساڌن | ١ |
| ٢ | اِنسان جي وڪاس جا ڏاڪا | ٨ |
| ٣ | هڙاپا سنسڪرتي | ١٦ |
| ٤ | ويدڪ سنسڪرتي | ٢٦ |
| ٥ | جدا جدا ڌرمن جون سکيائون | ٣٣ |
| ٦ | جنپد ۽ مهاجن پد | ٤٣ |
| ٧ | مؤريہ ڪال ۾ ڀارت | ٤٩ |
| ٨ | پراچين ڀارت جا ۽ مهاراشٽرا جا راڄ ۽ راڄگهراڻا | ٥٧ |
| ٩ | پراچين ڀارت جو سڀيتڪ ورثو | ٦٥ |
| ١٠ | پراچين ڀارت ۽ دنيا | ٧٤ |



# ١ اِتهاس جا ساڌن


١.١ اِتهاس جي جوڙجڪ
١.٢ پوِٽڪ ساڌن
١.٣ لکيل ساڌن
١.۴ زباني ساڌن
١.۵ پراچين ڀارت جي اِتهاس جا ساڌن
١.٦ مهاراشٽر جا عجائب گهر (ميوزم) ۽ ورثي وارا هنڌ


اسانجي ديش جو اِتهاس تمام پراچين آهي، پر اُن جي ڄاڻ اسان کي ڪيئن پئي؟ اسان جا وڏا ڪيئن رهندا هئا؟ اُنهن جي جيون ۾ ٿيل گهٽنائون، اُنهن جي سنسڪرتي ، سماج ۽ راڄ جي حالت اِن جو ابياس ڪيئن ڪيو ويندو آهي؟

اهڙا سوال توهان کي پڻ آيا آهن ڇا؟ توهان کي آيل سوال لکو.



ڪلپنا ڪريو:

توهين هڪ قلعي ۾ گُهمي رهيا آهيو. اچانڪ توهان کي زمين تي هڪ سِڪو مليو يا ڪنهن پَٿ تي اُڪريل ليکہ ڏٺو.ڪنهن وڻ جي پاڙ وَٽِ ڪپر جو ٽڪر ڏٺو تہ توهان کي پڪ ئي سوال ايندو تہ هي ڪهڙي وقت جو هوندو؟ ان جو مطلب ڇا ؟ اِهي شيون اسان کي پوِٽڪال جي ڪهڙي ڳالهہ ٻڌائين ٿيون؟

انهن سوالن جا جواب ڳولهڻ لاءِ اسان اِتهاس جي الڳہ الڳہ ساڌنن جو ابياس ڪندا آهيون.

اِها ئي جادو جي چابي جنهن سان اسان کي هزارين سال پهرين جي ماڻهن جي جيون کي سمجهڻ ممڪن ٿيو آهي.

درجي پنجين ۾ توهان کي ان وشيہ بابت ڄاڻ ملي آهي. اسان اتهاس ۾ جيڪي ڪجهہ سکون ٿا. اُهو اتهاس جي ثبوت جي آڌار تي لکون ٿا. جن ڳالهين جي آڌار تي اتهاس جا ثبوت ملن ٿا اُهي ڳالهيون اِتهاس جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جا ساڌن هوندا آهن.

## ١.١ اِتهاس جي جوڙجڪ:

اِتهاس جي جوڙجڪ معنيٰ ٽڪرن-ٽڪرن جي ڪنهن پرولي (ڳجهارت) جوڙڻ جهڙو آهي. پوِٽڪال جا سِڪا، شِلا ليکہ، چِتر، مٽيءَ جا برتن اهڙيون انيڪ شيون يا جڻ اُن پروليءَ جا ننڍا ننڍا ٽڪر هوندا آهن. جڏهن اِتهاسڪار اِهي برابر جوڙن ٿا، تڏهن اسانجي پوِٽڪال جو سندر چِتر تيار ٿئي ٿو.

کوج ڪاريہ جي ساڌنن جي آڌار تي اسان پوِٽڪال جي گهٽنا، ويچار، سنسڪرتي ۽ جيون شيلي سمجهي سگهون ٿا. اُنهن ساڌنن جي ورهاست پهرين درجي جا ساڌن، ٻئين درجي جا ساڌن ۽ زباني ساڌن ائين ڪئي ويئي آهي. اسان جي وڏن جون واپرايل وستو، اُڪريل ليک، ٺاهيل عمارتون تهڙي طرح اُن وقت جا ريتي رواج، پرمپرا، لوڪ ڪلا، لوڪ ساهتيہ، اِتهاسڪ ڪاغذپٽ اُنهن الڳ الڳ ساڌنن مان اسانکي پنهنجو اِتهاس ملي سگهي ٿو. اُن سيني کي 'اِتهاس جا ساڌن' چوندا آهن.

| پهرين درجي | ٻئين درجي جا ساڌن | زباني ساڌن: |
| --- | --- | --- |
| جا ساڌن اِهي ساڌن اُن وقت جا هوندا آهن. | هنن ساڌنن ۾ پهرئين درجي جي ساڌنن جو اڀياس ڪري جاچ ڏنل هوندي آهي. | هنن ساڌنن ۾ پوتڪال جي گهڻا پرمپرا، سنسڪرتي يا آزمودو زباني طور هڪ پيڙهي کان ٻي پيڙهيءَ ذريعي سنڀاليو وڃي ٿو. |
| مثال طور: شلا ليک، تامر پٽ، سِڪا، مول دستاويز پوچ پتر، ڪرار پتر، پتر وغيره) پراڻيون وستو، شستر، پراڻيون عمارتون، مندر وغيره | مثال طور: اتهاس وشيه جا ڪتاب، اڀياس وشيه جا ليک، جاچ جو بورڊ، کوج تي مضمون، ماهرن جا ڀاشڻ، ڊڪشنري وغيره | مثال طور: لوڪ ڪٿا، ڏند ڪٿا، لوڪ گيت، بيت، پاروڙي، لاوڻي، پوواڙا، لوڪ ناٽڪ، ڪيرتن، تماشا وغيره ويرگاٿا، بهادري جي گاٿا، ڳوٺ جي ماڻهن، ٻُڍڙن جون ياديون ۽ اَنيوءَ، ياترا ورڻن، واپاري يا سئنڪن جي ٻڌايل ڪٿا |
| اهميت: هي ساڌن اِتهاس لکڻ وقت اُن وقت جي هو-بهو ڄاڻ ڏين ٿا | اهميت: هن ساڌنن مان اِتهاس جي تِزُ ڄاڻ ملي ٿي. هي ساڌن کوج ڪندڙن تجزيو ڪري ڪيل هوندو آهي. | اهميت: لکيل ثبوت نه هوندڙ وقت جي لوڪ جيون، پرمپرا ۽ سنسڪرتي سمجهڻ لاءِ زباني ساڌنن جو اُپيوگ ٿئي ٿو. |

## ١.٢ پؤتڪ ساڌن:



کري ڏسو:

توهانجي گهر جي پُراڻي وستو توهانجي گهر جي يا ڪٽنب جي اتهاس کي ٻڌائين ٿا. مثال طور: فوٽو گڏ ڪرڻ، ڪو پراڻو برتن، ڪو چتر يا ڏاڏيءَ جي رکڻ واري ساڙهي، اهي سڀ هڪ پيڙهيءَ ۾ سنڀالي رکو. ان کي اسان ’ورثي جي پيڙهي‘ چوندا. اهي وستو ڇا جو اتهاس ٻڌائين ٿا، اِهو ڪلاس ۾ ٻڌايو.

اِهي وستو معنيٰ اِتهاسڪ جا پوتڪ ساڌن آهن. پؤتڪ ساڌن معنيٰ اسان اکين سان ڏسي سگهون ٿا ۽ هٿ سان ڇُهي سگهون ٿا اهڙا ساڌن. انهن ساڌنن جو اُپيوگ اِتهاس جي اڀياس ۾ گهڻو اهميت وارو آهي.

پؤتڪ ساڌن اُن وقت جي ماڻهن جي جيون، سنسڪرتيءَ، پرمپرا، راند، ڪلا ۽ وگيان جي ڄاڻ ڏين ٿا. هي ساڌن اتهاس جي کوج لاءِ پهرين درجي جا ساڌن ڪري مڃيا ويندا آهن. پراچين ڪال ۾ ماڻهن جي واپرايل انيڪ وستو اڄ به لڀن ٿا. ان ۾ شلا ليک، تامر پٽ، پراڻا سڪا، شستر، برتن، پٿر يا ڌاتوءَ جي مورتي، پراڻي عمارت، قلعا، مندر پاڻيءَ جا ٻنڌار (تلاءُ) وغيره شامل آهن. اهي سڀ ’پؤتڪ ساڌن‘ آهن. اهي ساڌن اَڄ به قديم شيون ميوزم ۾ اِتهاسڪ هنڌن تي ڏسڻ لاءِ ملن ٿا.







پؤتڪ ساڌن

ڪوٽائيءَ ۾مليل ڪپر جا ٽڪر، اُن لاءِ واپرايل مٽي، اُن تي ليپُ ۽ رنگين نقش يا ڪلاڪرتي اِن تان هي برتن ڪهڙي ڪال جا هوندا، اُهي ڇا جي لاءِ واپرايا ويندا هئا. اهو وگيانڪ طريقي جي آڌار تي سمجهي ٿو. اَناج، ڦلن جا ٻِجَ ۽ پراڻين جي هڏن اُنهن جي حصن جي آڌآر تي اُن وقت جي ڪائڻ جي نموني کي سمجهي سگهجي ٿو. اُڪريل شلا لکيہ اهي اُن وقت جي راڄ، ڌارمڪ ۽ سماجڪ جيون بابت ڄاڻ ڏين ٿا. اُن وقت جا هٿيار ۽ بچاءُ ڪندڙ ڀت، راجواڙا،پراڻيون عمارتون انهن جو اڀياس ڪرڻ سان اُن وقت جي بچاءُ جو طريقو ، لڙائيءَ جو طريقو ۽ عمارت سازي جي ڄاڻ ملي ٿي. تيئن ئي پراڻ سِڪا يا مُدرا اُنهن جي آڌار تي اُن وقت جي آرٿڪ حالت، راڄ ڪندڙن جو نالو، ڌارمڪ پرمپرا ۽ ڪلا ان تي روشني وڌي ويندي آهي. ان جو مطلب پؤتڪ ساڌن اُن وقت جي اِنساني جيون جو اتهاس سمجهڻ لاءِ اهميت وارو آهي.

## ١.٣ لکيل ساڌن

لکيل روپ ۾جيڪي ساڌن مؤجود آهن. اُنهن کي اسان ’لکيل ساڌن‘ چوندا آهيون. انهن لکيل ساڌنن مان اُن وقت جي ڀاشا، لپي، سنسڪرتي، راڄ جي پاليسي، سماج رچنا، ڌارمڪ ۽ سماجڪ نظريو جي ڄاڻ پوي ٿي.

پٿريگ جي معنيٰ تواريخي زماني کان اڳ وارو وقت ۾ماڻهوءَ کي لکڻ جي ڪلا جي ڄاڻ ڪونہ هئي. اُن وقت جي ڄاڻ اسان پؤتڪ ساڌنن جي آڌار تي ڄاڻي وٺون ٿا. پر جيئن- جيئن ماڻهوءَ جي قدرتي لياقت ۽ ڀاشا جو وڪاس ٿيندو ويو. تيئن - تيئن هُن پنهنجو انيوءُ ۽ ڄاڻ چٽرن ذريعي ۽ نشانين ذريعي ظاهر ڪرڻ جي شروعات ڪئي. اها لکڻ جي ڪلا جي شروعات اڳتي لکڻ جو طريقو وڪاس ڪرڻ لاءِ وڏو عرصو لڳو.



### ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟

اتهاس لکڻ لاءِ جنهن وقت جا لکيل ثبوت مؤجود هوندا آهن، اُهو عرصو اسان ’اِتهاسڪ ڪلا‘ ڪري سڃاڻون ٿا. جنهن وقت ۾لپين جي شروعات ۽ وڪاس ٿيل ڪونہ هو اُن وقت کي ’تواريخي زماني کان اڳ‘ ائين چوندا آهن.

پراچين وقت ۾واپاري، مسافر، راجا ۽ ودوان انهن پنهنجي آزمودکي گهٽنائن جو يا حُڪم نامي کي درج ڪري رکيو هو. لکيل ساڌنن مان اسان کي اُن وقت جي لپي، ڀاشا، لکڻ جو طريقو ۽ ماڻهن جو ڳالهائڻ -ٻولڻ ، پرمپرا ۽ جيون طريقي جي ڄاڻ ملي ٿي. اُن وقت جي درج (لکت) ڳالهين جي آدر تي اُن ڪال کنڊ جي ڄاڻ ملي ٿي. انهن ساڌنن جي آڌار تي اِتهاسڪار تجزيو ڪري اُن- اُن ڪال کنڊ جي اتهاس کي لکن ٿا. ڌار- ڌار عجائب گهر (ميوزم) ، لئبرري ۽ مندر انهن هندن تي پراچين ڪال جا لکيل ساڌن ڏسڻ لاءِ ملن ٿا.



### ڪري ڏسو:

توهانجي ڏاڏي - ڏاڏيءَ يا ڪتنب جي ٻين پتا سمان سان ڳالهايو. اُنهن جي ننڍپڻ جي يادگيري ، اُن جي ڳوٺ جي شهر جي ڪٿا، ڏڻ - اُتسو، اُنهن جي آزمودو ورتل ڪا اتهاسڪ گهٽنا ان بابت ڄاڻي وٺو ۽ توهان جي ڪاپيءَ ۾درج ڪريو ۽ لکو. مطلب تہ توهان کي ڄاڻ پوندي تہ اتهاس ڪيترو زنده ۽ آنند ڏيندڙ (روچڪ) آهي.

## ۱.۴ زباني ساڌن

زباني ساڌن معنيٰ لکي نہ رکي. زباني ٻڌائي ويندڙ ڄاڻ. اها سماج جي يادگيريءَ مان سنڀالي وڃي ٿي. ان ۾ لوڪ ڪٿا، ڏند ڪٿا، بيت، پوواڙا، چوٽيون، لوڪ گيت شامل آهن. ڪيترائي دفعا زباني طور ڪنهن سماج جو اِتهاس، جيون شيلي، سماجڪ گهٽنا، ڏڻ-اُتسو، انهن جو ورڻن، پيڙهي در پيڙهي ساندي رکيو وڃي ٿو. ڪجهه ڏند ڪٿائون ڪلپنا هوندي بہ پنيان ڪجهہ نہ ڪجهه سماجڪ، اتهاسڪ، لاڳاپو لڪل رهي ٿو. ماڻهوءَ جو نظريو ۽ هنن (گڏيل) نظريو ناهڻ ۾ زباني پرمپرا جو حصو رهي ٿو. تنهنڪري اِتهاس جي اڀياس ۾ زباني ساڌنن جو اُپيوگ ڪرڻ وقت اِتهاسڪار اُهي ڳالهيون جاچي پيٽ ڪرڻي واري سرشتي ويچار ڪندا آهن ۽ ٻين ساڌنن جي مدد سان اتهاس لکڻ لاءِ اُنجو اُپيوگ ڪن ٿا.

### ۱.۵ پراچين پارت جي اتهاس جا ساڌن:

پراچين ڪال کنڊ معنيٰ پٿر يگ واري زماني کان عيسوي سن جي اٺين صديءَ جو ڪال کنڊ - پٿر يگ جو اِتهاس اهو پوري طرح پاتالي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل پؤتڪ ساڌنن تي مدار آهي. اِن کان پوءِ واري وقت جي اِتهاس سمجهڻ لاءِ لکيل ساڌنن جو گهڻو اُپيوگ ٿئي ٿو.

پارتيہ اِتهاس جي سڀ کان پراچين ساڌن معنيٰ ويد. شروع ۾ ويد لکيل روپ ۾ نہ هئا. اُهي زباني پرمپرا سان ياد ڪرڻ جو طريقو پراچين پارتين وکست ڪيو هو. وقت گذرندي ويد لکيا ويا. رگويد، يجر ويد، ساموید، اَٿر وید انهن چئن ويدن ۾ سماجڪ جيون جي ڄاڻ ملي ٿي. ويدن کان پوءِ برهمڻ گرنٿ، آرڻيڪي ۽ اُپنيشد جو نرماڻ ٿيو. پراچين پارتيہ تتو گيان جي سڃاڻپ اُنهن گرنٿن سان ٿئي ٿي. تهڙي طرح راماڻ ۽ مهاڀارت جهڙا مهاڪاويہ پڻ پراچين پارتيہ اتهاس جا ساڌن آهن.



**اَچو ڳولهيو ڏسون !**

سنگهم ساهتيہ ۾ تمل پاشا جو سڀ کان پراچين ساهتيہ آهي. ان وشيہ بابت ڄاڻ ڳولهي اُها لکو.

پراچين پارت ۾ جئن ۽ ٻوڌي تتو گيان جي آڌار تي وڏي پئماني تي لکيل ساهتيہ تيار ٿيو. 'تي پٽڪ' ان نالي سڃاتو ويندڙ ٻڌ گرنٿ ۾ گوتم ٻڌ جون سکيائون ، ٻکون اُن لاءِ نيم ۽ نظرياتي بحث ڏنل آهي. هي گرنٿ پالي پاشا ۾ لکيل آهي. جئن ڌرم جو گرنٿ انيہ آگم ساهتيہ، جنهن ۾ ورڌمان مهاوير جون سکيائون ۽ اهنسا جي اهميت جو ورڻن آهي. اهو گرنٿ اَرڌماگدي يا پراڪرت پاشا ۾ لکيل آهي. ان ڌارمڪ گرنٿ سان گڏوگڏ ڪجهہ گرنٿ راڄ ڪاروبار، نيتي-نيم ۽ قاعدي، تيئن ئي سماج جي ويوستا جي باري ۾ هئي. لکيل ڄاڻ صرف گرنٿ ۾ ئي نہ فقط ، پر اها پٿرن، تامر پتن ۽ پت تي بہ اُڪريل هئا. سمراٽ اشوڪ انيڪ شلا ليکہ تيار ڪري ڌرم نيتي ۽ سماج نيتيءَ ان وشين جا ويچار پرجا تائين پهچايا. اهي ليکہ مکيہ طور براهمي لپيءَ ۾ اُڪريل آهن. ان مان ڪي ليکہ کروشٽي ۽ اَري ماڻڪ لپيءَ ۾ اُڪريل آهن. تيئن ئي زمين جو دان ۽ کرمافي (زڇ) وشين جو فرمان تامر پتن تي اُڪريل هئا. انهن ڳالهين مان راڄ ڪاروبار جي ڄاڻ پوي ٿي.



**ڪري ڏسو !**

تنهنجي، توهانجي دوست-ساهيڙين يا ڪتب جي پاتين جا نالا هيٺ ڏنل تختي جي آڌار تي براهمي لپيءَ ۾ لکو.



پراچين ڀارت جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وديشي ياترين جي لکيل سفرنامي جي پڻ اهميت آهي. اُنهن هتي ڏنل پڙهائي جو انتظام ، ڌارمڪ جيون، لوڪ جيون وغيره جو وستار سان ورڻن ڪيو آهي. ان ڪري اسان کي اُن وقت ڀارت جي ماڻهن جو جيون ڪيئن هو، اها ڄاڻ پوي ٿي.

## ١.٦ مهاراشٽر جا عجائب گهر ۽ ورثي وارا هنڌ

### ■ مهاراشٽر جا عجائب گهر

اتهاس وشيه جي عجائب گهر ۾ اتهاس جا ساڌن سنگرهه ۾ نمائش ڪيا ويندا آهن. مهاراشٽر ۾ انيڪ مشهور عجائب گهر آهن. اُتي اسانکي پراچين وقت جون شيون، سِڪا، اوزار (هٿيار) ، چٽر ڪلا، مورتي، هٿ جا لکيل ليک، ويس -وڳا، هٿ جي ڪلا ۽ اتهاسڪ شيون ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. مهاراشٽر جو ڇترپتي شواجي مهاراج وستو سنگراليه ، ممبئي ۾ مشهور آهي. هتي ڀارت جي اِتهاس سان لاڳاپو رکندڙ انيڪ شيون سنگرهه ڪيل آهن. پڻي جو ڊيڪن ڪاليج پوسٽ گريجيوٽ ۽ سنشوڌن (کوج ڪندڙ) سنستا هتان جو عجائب گهر تواريخي زماني کان اڳ واري وقت جون شيون ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. راجا دنڪرڪيڙڪر سنگراليه ۾ ڌار-ڌار گهرن جون شيون، زيور، هٿيار واديه، وستر ۽ ڪلاڪرتيءَ جا وڀاڳ آهن. ان کان پهرين جي وقت جي ماڻهن جي جيون شيليءَ جو درشن ڪرائين ٿا. ناڳپور جو مڌيه ورتي سنگراه ليه ، ڇترپتي سمياجي ، نگر جي ڇترپتي شواجي مهراج سنگراليه ، ڪولهاپور جي ڇترپتي شاهو سنگراليه ۽ ستارا جي ڇترپتي شواجي



ڇترپتي شواجي مهاراج وستو سنگراليه (ميوزيم)

مهراج سنگراليه ، ناسڪ ضلعي جي ترمبڪيشيور جي ويجهو 'انجنيري' جو ناڻڪ شاسترجو سنگراليه وغيره اتهاسڪ نظريي کان اهميت وارو وستو سنگراليه جا ڪجهه مثال آهن:

### ■ مهاراشٽر جا ورثي وارا هنڌ

مهاراشٽر هڪ سمرڌ ۽ اتهاسڪ ۽ سانسڪرتڪ پرمپرا وارو رهيو آهي. يونيسڪو ان دنيا جي سطح واري سنستا جي مڃتا ڏنل تهڙي طرح راڄيه سرڪار طرفان محفوظ اهڙا انيڪ اهميت ڀريا ورثي وارا هنڌ مهاراشٽر ۾ آهن.



اجنتا غفائون

اهي اسانجي اتهاس جو شاندار نمونو آهي. سڀ کان وڌيڪ مشهور ورثي وارا هنڌ مهاراشٽر ۾ آهن. اهي اسانجي اتهاس جو شاندار نمونو آهي. سڀ کان وڌيڪ مشهور ورثي وارا هنڌ معنيٰ اَجنتا ۽ ويرول جون غفائون آهن. جيڪي يونيسڪو جي جاڳتيڪ ورثي واري يادي ۾ ١٩٨٣ سال ۾ شامل ڪيو ويو. ممبئي ويجهو گهاراپوري غفا، ڪانهيري غفا پڻ مشهور آهي.

ممبئيءَ جي ڇترپتي شواجي مهاراج ترمينس اها هڪ وڏي ريلوي اسٽيشن برٽيش ڪال جي 'گوٿڪ' اِسٿاپتيه شيليءَ جو تمام سٺو مثال آهي. ١٩٩٧ سالي اها دنيا جو ورثي وارو هنڌ ڪري ظاهر ڪيو ويو.

'اولهه جا گهاٽ' سان سڃاتا ويندڙ مهاراشٽر جي سهيادري جون پهاڙي قطارون جيووودتا سان ڀريل آهن. انهن کي ٢٠١٢ سالي يونيسڪو قدرتي ورثي وارو هنڌ ڪري مڃتا ڏني آهي. اتي انيڪ درلڀ ٻراڻي، پکي ۽ ونسپتي ملن ٿا.

يونيسڪو جي ويجهڙائي ۾ ’ مراٺا مليٽري لئنڊاسڪيپ‘ ان نالي سان ١٢ قلعن کي دنيا جو ورثي وارو هند ڪري مڃيتا ان مان ١١ قلعا مهاراشٽر ۾ آهن. جنجي هي قلعو تمل ناڊو راڄيه ۾ آهي. اهي قلعا مراٺا سامراڄيه جي لشڪري مهارت جي، اسٿاپتيه ڪلا جي سانسڪرتڪ ورثي جي اهميت وارا نشان مڃيا وڃن ٿا.

مهاراشٽر جا ورثي وارا هند اسانجي سنسڪرتيءَ جي اتهاس جي ۽ پرمپرا جي نشاني آهن. اهي هند اتهاسڪ سئر سفر لاءِ ڪشش ڪن ٿا ۽ ان جو ابياس ڪري اسان جي سنسڪرتي ۽ اتهاسڪ ورثي جو فڪرُ پيدا ٿئي ٿو.

**توهانجو رايو ڪهڙو آهي؟**

ورثي وارن هنڌن جو بچاءُ ڪرڻ اهو اسان سڀني جو فرض آهي. ان لاءِ توهان ڪهڙو يوگدان ڏيندا؟



## - ابياس -

سوال ١ (الف) ڏنل متبدلن مان نعڪندڙ جواب چونڊي جملو پورو ڪريو:

١. ورڌمان مهاوير جون سکيائون ......... گرنٿ ۾ آهن.
(الف) اُپنشيد (ب) تي پٽڪ
(ڪ) اگم ساهتيه (ڊ) سنگهم ساهتيه

٢. ڀارت جي اتهاس ڪان سڀ ڪان پراچين ساڌن معنيٰ............. آهن.
(الف) آرٽيڪ (ب) ويد
(ڪ) برهمڻ گرنٿ (ڊ) اُپنشيد

(ب) صحيح جوڙا ملايو

| گروپ الف | گروپ ب |
|---|---|
| ١. لکيل ساڌن | ١. لوڪ گيت |
| ٢. ڀؤتڪ ساڌن | ٢. وديشي سئلانين جا لکيل سفرناما |
| ٣. زباني ساڌن | ٣. سڪا ۽ هٿيار |

سوال ٢ (الف) سنڪلپنا چٽر پورو ڪريو.

اِتهاس جا ساڌن



(ب) چٽر ڪهڙي ساڌن قسم جا آهن. اُهي لکو.



----------------------------------



--------------------



--------------------

سوال ٣ (الف) هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:

١. اتهاس جي لکيل ۽ زباني ساڌنن ۾ فرق بيان ڪريو

٢. ڀؤتڪ ساڌن جا نالا لکي انهن جو اتهاس جي ابياس ۾ اهميت لکو.

٣. هاڻوڪي زماني جا ڪهڙا ساڌن ايندڙ پيڙهين کي اتهاس ٻڌائي سگهندا؟ اُهي لکو.

سوال ۴: (الف) ڪا پُراڻي وستو جيئن مورتي، سِڪا، برتن، زيور، ڪاغذ پٽ، رانديڪا، وغيره انساني جيون جي بدليل کهڙي چاڻ ملي ٿي اُها لکو.

(ب) هيٺيون تختو پورو ڪريو.

| شهر جو / هنڌ جو نالو | وستو (شيءِ) ميوزم جو نالو | خاصيت |
| --- | --- | --- |
| ممبئي | .............. | ............... ............... |
| .............. | راجادنکر ڪيڙڪر ميوزيم | ............... ............... |
| | ............... ............... | ناٽڪ شاستر جو ميوزيم |

عملي ڪم:

- ڏڻ وار سان لاڳاپو رکندڙ لوڪ گيت، ڪٿا ڪري پريِ پاٺ م پيش ڪيو ويو.
- مهاراشٽر جي 'ورثي وارن هنڌن' جو چِتر تختو ناهيو ۽ اُن جو اُپيوگ ڪري 'ورثي واري پٽ' تيار ڪريو.

سوال ۵ 'مراٺا مليٽري لئنڊ اسڪيپ' ان نالي ظاهر ڪيل ٻارهن قلعن جي انٽرنيٽ جي مدد سان نالا ڳولهيو.

| | | | | | | | | | | | |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| ش | ڪ | ل | س | پ | ر | تا | پ | ڳ | ڙ | ب | اَ |
| نا | ما | پا | را | ڳ | دا | را | پ | را | چ | ڳ | ڙ |
| پ | ٽ | ش | و | شا | ل | ڳو | ڙ | ا | ن | د | ي |
| ھ | ٽ | و | م | پ | ن | ها | ڙ | م | ن | د | ر |
| ڪ | ٽ | ني | ڳ | س | پ | ٻ | لو | ه | ڳ | ڙ | ن |
| ن | ٿ | ري | د | ما | سا | ڳ | ر | ا | ڏ | ا | ڪا |
| لا | ل | ڳ | ي | تا | ل | و | ر | ج | ب | ق | ن |
| راءِ | م | ر | و | م | هيه | دا | م | ن | س | ر | د |
| ڳ | ٽ | ج | ي | ن | ر | و | ي | ج | ن | ع | ي |
| ڙ | ڪا | آ | م | د | - | ري | ش | ي | ڏو | و | ري |
| خ | و | ج | يه | دو | ر | ڳ | و | ٿ | دو | ڏ | ه |
| پ | ٽ | سو | و | ر | ٺ | دو | ر | ڳ | رڳ | و | ڪ |

١. رائيگڙه
٢. ____
٣. ____
٤. ____
٥. ____
٦. ____
٧. ____
٨. ____
٩. ____
١٠. ____
١١. ____
١٢. ____

مشغولي:

- توهانجي ڳوٺ جي ويجهو / ضلعي جي ويجهو عجائب گهر (ميوزم) ڏسڻ لاءِ وڃو ۽ اُن جو ورڻن لکو.

***



# ٢ اِنسان جي وڪاس جا ڏاڪا

٢.١ پراچين ڀارت - جاگرافيڪل پسمنظر
٢.٢ خانہ بدوش زندگيءَ کان آباد زندگي
٢.٣ مڏياشم يگ کان نواشم يگ
٢.٤ تامر پاشاڻ يوگ
٢.٥ مهاراشٽر جي ڪوٺائيءَ وارا هنڌ

ٻارو ڪجهه پَلَ اکيون ٻوٽيو ۽ ڪلپنا ڪيو تہ، توهين هڪ اهڙي وقت ۾ رهو ٿو، جتي ڪٿي بہ موبائيل نہ آهي. گاڏي ناهي، رانديڪا ڪونہ آهن، گهر ڳوٺ، اسڪول رستو ڪجهه بہ نہ آهي!



**ٻڌايون ڏسون!**

- اَهڙي وقت ۾ توهان رهيا هُجو هان تہ، توهانجي روزاني رهڻي ڪيئن هجي هان؟
- توهان ڪٿي رهو هان؟
- اَهڙي هنڌ تي تمام گهڻي ٿڌ ۾ گرمي حاصل ٿئي ان لاءِ توهان ڇا ڪيو هان؟
- رڌ-پچاڻ ڪيئن ڪيو هان؟
- ڪو جهنگلي پراڻي توهان ڏانهن ايندي ڏسجي هان، تہ توهان ڇا ڪيو هان؟

لکين هزارين سال پهريون آدي ماڻهو جي وقت ۾ هن کي اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو هو. اَڄ اَسان جيڪي ڪجهه ڏسون ٿا، جن سک سهوليتن کي اُپيوگ ڪريون ٿا. اِهي حاصل ڪرڻ لاءِ لکين سال لڳي ويا. ان وقتي ڏاڪي ۾ خانہ بدوش زندگيءَ کان آباد زندگيءَ تائين، جهنگل کان ڳوٺن ڏانهن ۽ اڳتي وڪاس ڪيل سنسڪرتي تائين جو انوکو اتهاس سمايل آهي. اَڄو ماڻهو جي بلڪل پهرين شروعات جي اوستا بابت ڏاڪي بہ ڏاڪي ڄاڻ حاصل ڪريون.



**توهان کي ياد اَچي ٿو ڇا؟**

ان کان پهريون توهان انسان جي وڪاس ۾ ڏاڪا ۽ آدي ماڻهوءَ جو جيون ، کاڌي جو طريقو ، هٿيار ، ڪلا وغيره وشين بابت اڀياس ڪيو هو. اُن مان توهان کي ڇا-ڇا ياد آهي ان لاءِ ڪلاس ۾ 'دؤر' ڪريو.

## ٢.١ پراچين ڀارت - جاگرافيڪل پسمنظر




انساني اِتهاس جي وڪاس ۾ اُن-اُن پرديش جي جاگرافيڪل حالت جو تمام گهڻو اهميت وارو حصو آهي. جنهن پرديش ۾ اِنسان رهي ٿو. اُتان جا پهاڙ، نديون، آبهوا، زمين ۽ قدرتي ساڌن سمپتي،

اُتان جي ماڻهن جي ميڙ (سموهہ)جن جيون سرشتي کي ٺاهن ٿا. کهڙا فصل ڪجن، کهڙا پراڻي پالجن، ڪٿي بستي ڪجي، اَچڻ وڃڻ ڪيئن هجي. اهو سڀ اُن پرديش جي جاگرافيڪل خاصيت تي مدار رهي ٿو. پراچين ڀارت ۾ انساني سنسڪرتيءَ جو وڪاس الڳ - الڳ روپن ۾ ٿيو. انجو مکيہ ڪارڻ ڀارت جي جاگرافيڪل نرالائپ آهي.

ڀارت هڪ وشال ديش آهي. جيڪو نرالائپ سان ڀريل آهي. اُتر کان اينڌڙ طوفاني هوائون ، گردباد، چمائيندڙ ٿڌ جهڙيون قدرتي آپدائون کان هماليہ جون ڏگهيون قطارون بچاءُ ڪن ٿيون. اُتر ڀارت ۾ آبهوا ٿڌي ۽ خشڪ هوندي آهي، تہ ڏکڻ ڀارت ۾ آبهوا گرم ۽ گهميل هوندي آهي. تنهنڪري ڪيتيءَ جي طريقي، فصل ۽ انساني جيون شيليءَ ۾ نرالائپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



ڀارت جي ندين ڪري تيار ٿيل اُپجاءُ ڪاڏ واري زمين تي پراچين ڪال ۾ کيتيءَ جو وڪاس ٿيو. مڌيہ ڀارت جو ڦهليل مٿاهون پٽ ۽ گنگا - جمنا جي دوآبي وارا ميداني پرديش اهي ڀارت جي کيتيءَ لاءِ سڀ کان وڌيڪ موافق آهن.

ڏکڻ جو مٿاهين پٽ جي زمين ڀلي آهي. هن کي ڪاري مٽي واري زمين ڪري چوندا آهن. ان پرديش ۾ تامرپاشاڻ سنسڪرتيءَ جو وڪاس ٿيو. پراچين مهاراشٽر جون تامرپاشڻ يگ جون بستيون، کيتي ۽ جيون شيلي لاءِ گوداوري، ڪرشنا جهڙيون نديون ۽ اُنهن جون اُپ نديون بنيادي بڻيون.

ڀارت جي اولهہ ڪناري تي عربي سمنڊ ۽ اوڀر ۾ بنگال جو اُپ سمنڊ هئڻ ڪري ساموندي واپار کي پراچين ڪال کان هٿي ملي آهي. ٿنهنڪري پري جي ديشن جي ماڻهن سان ۽ سنسڪرتيءَ سان ڀارتواسين جو لاڳاپو آهي. انهن نرالين جاگرافيڪل خاصيت ڪري ڀارت ۾ انيڪ سنسڪرتيون، پرمپرا ۽ جيون سرشتو پيدا ٿيو.

## ٢.٢ خانهہ بدوش زندگيءَ کان آباد زندگيءَ تائين.

گذريل سال توهين سکيا آهيو تہ 'ايپ' باندر جون کي پرجاتيون وڪاس ڪنديون - ڪندي ماڻهو جو نرماڻ ٿيو. شروعات جي ماڻهو کي قديم انسان ائين چوندا آهن.

انسان جي وڪاس جا اهميت وارا ڏاڪا -

هوشيار ماڻهو هوموهِبلس ← سڌي ڪرنگهي وارا ماڻهو هومو اِرڪٽس ← طاقتور ماڻهو ننڊر ٿل مين ← ٻڌي مان ماڻهو هوموسيپين ← ترقي يافت ماڻهو هوموسيپين سيپين

وڏن وارن وارو پراڻي آهي. اها هڪ ڏند ڪٿا آهي. ان کي 'هِم ماڻهو' چوندا آهن. ڪيترائي ڀيرا ان ڀاڱي ۾ وڏي آڪار جا پيرن جا نشان ڏٺا ويا آهن ائين چيو ويندو آهي. پر اهي مليل پيرن جا نشان هماليہ جي رِڇ جا يا ٻين پراڻين جي هئڻ جي ڳالهہ کوج مان ڏسجي ٿي. تڏهن بہ انسانيت جا ماهر ان ڳالهين جو اڀياس ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هي ڏند ڪٿائون، سنسڪرتي، پرمپرا ۽ ماڻهن جي ڪلپنا شڪتي ان بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌائين ٿا.

آدي مانوَ جو جيون بيحد ڏکيو هو. هو خانهہ بدوش زندگيءَ جي حالت هئڻ ڪري لڳاتار اَناج، ڀاڄيءَ، گهر ۽ بچاءُ لاءِ هميشهہ ڳولهہ ۾ ڦرندو هو. اَناج لاءِ هو شڪار ڪندو هو. ڦل، ڪندمول، ڳڏ ڪندو هو.

هُنجا هٿيار لڪڙي، پٿريا هڏن مان ٺهيل هوندا هئا. قديم انسان هٿن جي اِشاري، الڳہ - الڳہ قسمن جي، آوازن يا هاوَ ڀاوَ سان ڳالهہ - ٻولهہ ڪندا هئا.

ان وقت کي تواريخي زماني کان اڳہ وارو وقت ڪري چيو ويندو آهي. گذريل پاٺ ۾ توهان ڄاڻ حاصل ڪئي آهي تہ جنهن وقت ۾ لپيءَ جي شروعات يا وڪاس ڪونہ ٿيو هو، اُن وقت کي تواريخي زماني کان اڳہ وارو وقت ائين چوندا آهن.

ان وقت ۾ ماڻهو واضع ترقي ڪئي. انهن جي جيون جو اڀياس مکيہ طور پٿر جي هٿيار، هڏا، مٽيءَ جا برتن، غفا جا چٽر، انهن ثبوتن جي آڌار تي ڪيو ويندو آهي. ماڻهوءَ جي ساڌنن ۾، جيون شيليءَ تي، اَناج جي سرشتي ۽ بستيءَ جي سروپ ۾ تبديل ٿيندي ويئي.



ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟

توهان کي هڪ دلچسپ حقيقت جي ڄاڻ آهي ڇا؟ 'يتي' (ٽپسوي) هي هماليہ ۾ رهندڙ هڪ رهسميہ ۽

### ■ پٿر يگ

جنهن وقت ۾هٿيارن لاءِ مکيہ طور پٿر جا هٿيار ملندا آهن، اُن وقت کي اَسان ’پٿر يگ‘ چوندا آهيون. پٿر معني ’اَشم‘.



**ويچار ڪريو.**

پٿر يگ واري ماڻهو پٿر جو اُپيوگ ڪهڙن - ڪهڙن ڪارڻن ڪري ڪيو هوندو؟

ماڻهو پٿر جا گولا ڪوري، ٽوڙڻ وارا هٿيار تيار ڪيا هوندا. سخت بچاوَ وارو فر يا اندرين مغز لاءِ ، هڏا پيچڻ لاءِ هو اُنهن پيچڻ وارن هٿيارن جو اُپيوگ ڪندو هو. پٿر کي آڪار ڏيڻ هي ڦن جو ٻُڌيءَ جي وڪاس جو پهريون ڏاڪو . هٿيارن جو آڪار ۽ پرڪار اِن تان پٿريگ جي وقت جاءِ تي ڪال کنڊ ڪيا ويا آهن.پراشم يگ، مڌيہ پاشم يگ ۽ نواشم يگ.

### ■ پراشم يگ (پٿر جو دور)

پراشم يگ جو ماڻهو پوري طرف قدرت تي مدار رکندڙ هو. هو غفائن ۾يا وڻن وٽن جي ٽارين تي رهي پنهنجو بچاءُ ڪندو هو.پراشم يگ جا شروعاتي هٿيار ڪڙٻڙي (ڪرڙڻ) هئا. جنهن جو اُپيوگ شڪار ڪرڻ، ڪرڙڻ، ڪوٽڻ وغيرهہ ڪمن لاءِ ڪندو هو. انسان جي اتهاس جي سڀ کان اهميت واري کوج معنيٰ باهہ جي کوجنا انهيءَ يگ ۾ ٿي.



**ويچار ڪريو.**

باهہ جو اُپيوگ ڪرڻ سکڻ ڪري انسان جي جيون ۾ڪهڙي تبديل ٿي هوندي؟ ويچار ڪريو ۽ لکو.

- اَناج پچائڻ اَچڻ لڳو، تنهنڪري اِهو پچڻ سولو ٿيو.
- ----------------------
- ----------------------
- ----------------------

پراشم يگ جا هٿيار نديءَ جي يا درياهہ ڪناري ملن ٿا. مهاراشٽر جي پراشم يگ جي هنڌن مان ناسڪ ويجهو گنگاپور ۽ نيواشاجي ويجهو چرڪي - نيوا ساهي هنڌ مشهور آهي.

## ٢.٣ مڌياشم يگ کان نواشم يگ

### ■ مڌياشم يگ

هن وقت ۾ٻڌيمان انسان جبل جي ڪپارين مان پئدا ٿيل قدرتي غفائن ۾ ۽ پٿرن جي اوٽ ۾شرڻ ورتي. پٿرن جي اوٽ معنيٰ جبل جي اَڳتي آيل ڪپاري. اُتي هو جُهنڊ ڪري رهڻ لڳو. اُن وقت ۾پٿر جا هٿيار ٺاهڻ جو تنتر ڇڱو وڪاس ڪري چڪو هو. هٿيارن جو آڪار ننڍو ٿيو. ڌار-ڌار قسمن جا پٿر هو هاٿي واپرائڻ لڳو. شڪار، مڇي مارڻ، ڪپڻ، ٽوڙڻ اهڙن انيڪ پرڪارن جي ڪمن لاءِ هي هٿيار اُپيوگي آهن. هو سڱہ ۽ هڏا گهسي ڌار - ڌار هٿيار ٺاهڻ لڳو. اِنسان ڪُتا، ٻڪريون، رڍون اِنهن پراڻين کي پنهنجو ٻٽائڻ جي شروعات ڪئي. ڪتو هي پهريون پاليل پراڻي! مڇيون مارڻ جي شروعات انهيءَ وقت ۾ ٿي . هوُ غفايا موسمي طور رهڻ لڳو. اهو وقت معنيٰ خانہ بدوش جيون کان اِستر جيون ڏانهن سفر جي تبديليءَ جو وقت ٿيو. مهاراشٽر جو جلگانءُ ضلعي جو پاٽڻي هي اهميت وارو مڌياشم يگ جو هنڌ آهي.



**ٻڌايو ڏسون!**

ڏنل چٽر جي جاچ ڪريو. اِن تي ڪلاس ۾چرچا ڪيو



قدرتي غفا

## نواشم يگ

نواشم يگ ۾ هٿيار ٺاهڻ جو ٽنڌر ۾ اَڃا ترقي ٿي. انهيءَ ۾ ’کهاڙي‘ اها هڪ نئين پٿر جي هٿيار جي حاصلات ٿي. پراشم يگ ۾ ’کهاڙي‘ جي (فرن) پرن جي آڪارن جا هٿيار هئا. پر هاڻي ماڻهو اُن ۾ ڏنڊو لڳائڻ جو هُنر ڳولهي ڪڍيو. هاڻوڪي ’کهاڙي‘ جو روپ ڇئبو.



نواشم يگ جي ’کهاڙي‘

اِن وقت ۾ سڀ کان وڏيڪ بدلاءُ معنيٰ کيتيءَ جي ٽنڌر ۾ ٿيل واڌارو مڌياشم يگ ۾ قدرتي نموني پئدا ڪيل اَناج ڪٽڻ جو طريقو ماڻهو سکيو هو. نواشم يگ ۾ ٺهڪندڙ مُند ۾ اَناج پوکڻ هن شروع ڪيو. هن وقت ۾ پوک ڪرڻ کان وٺي اُهو ڪٽڻ تائين هن کي هڪ هنڌ رهڻ ضروري هو. تنهنڪري ڪجهه وقت هو هڪ هنڌ رهڻ لڳو. اُن مان ئي ڏيري ڏيري ڳوٺ-بستين جي شروعات ٿي.



ڪري ڏسو.

پراشم يگ ۾، مڌياشم يگ ۾ ۽ نواشم يگ ۾ ماڻهوءَ جي جيون شيليءَ ۾ ٿيل بدلاءُ ڏيکاريندڙ، پيٽ ڪندڙ تختو تيار ڪريو.

کيتيءَ جي کوج نواشم يگ جي اهميت واري تبديلي آهي. ان وقت ۾ اَناج، کير انهن جي پئداوار ڪرڻ جي ڪلا ماڻهو اپنائي هئي. کيتيءَ جي شروعات ڪرڻ جو شرف عورتن کي ڏنو وڃي ٿو. نوڪ واري ڪاٺيءَ جي آڌار تي عورتون ئي ٻج پوکڻ جو ڪم ڪنديون هيون. پوک ڪرڻ لاءِ واپرائي ويندڙ نوڪ واري ڪاٺي کي برابر وزن ڏيئي زمين ۾ هيٺ تائين کوٽي سگهجي. تنهنڪري اُنهن ڪاٺين ۾ وچ-وچ ۾ سوراخ هوندڙ پٿر رکيو ويندو هو.



نوڪ واري ڪاٺيءَ سان پوک ڪندڙ عورتون

ڪن آديواسي جاتين ۾ عورتون اَڄ بہ اَهڙي طريقي پوک ڪن ٿيون. ضرورت انوسار اَناج ملڻ تي ماڻهو هميشهہ پٽڪڻ بند ٿيو. کيتيءَ جي ڪري مليل اِسٿرتا سبب پڇي راس ٿيل اناج وڏي عرصي لاءِ سانڍڻ ممڪن ٿيو. ميڙ (سموهہ) جي سڀني جي گهرج پوري ڪري بچيل اَن-ڌن ملڻ لڳو. تنهنڪري سموهہ جون ڪي عورتون ، مردن ڪي نيون ڳالهين جي خرچ ڪري، ڪلپنا جي آڌر تي نئون هُنر وڪست ڪرڻ لاءِ پورو-پورو وقت ملڻ لڳو. جيون کي اسٿرتا ملڻ ڪري ماڻهوءَ کي انيڪ کيترن ۾ وڪاس ڪرڻ ممڪن ٿيو.

کيتيءَ سان گڏوگڏ ماڻهو پراڻين کي پالڻ سکيو. ڪجهہ پراڻين جو محنت جي ڪم لاءِ ۽ وزن کڻي وڃڻ لاءِ اُپيوگ ڪيو ويو.

کيتيءَ جي وڪاس سان گڏوگڏ مٽيءَ جا برتن گهڙڻ جو هنر وجود ۾ آيو. الڳہ الڳہ آڪارن جي ۽ رنگن جا برتن تيار ڪري اُن تي سندر نقاشي جو ڪم ماڻهو ڪرڻ لڳو. ڪپڙو اُڻڻ جي ڪلا انهيءَ وقت ماڻهوءَ حاصل ڪئي. لڪڙيءَ جون ٻيڙيون ٺاهي پاڻي تي سفر ڪرڻ جو ٽنڌر هو نواشم يگ ۾ سکيو.

نواشم يگ ۾ کيتيءَ جي وڪاس کان گڏوگڏ ندين جي ڪناري سبز پرديشن ۾ ماڻهو اِسٿر رهڻ لڳو. هن جو پٽڪڻ بند ٿيو. ڪٽنب اها سنسٿا ان وقت ۾ روپ وٺڻ لڳي.

## ۲.۴ تامرپاشاڻ يگ

ماڻھوءَ کي ٽامو ان ڌاتوءَ جي ڄاڻ پئي. ٽامي جو واھپو شروع ٿيو. پر اُن وقت ۾ پٿرن جي ھٿيار جو اُپيوگ ڪيو ويندو ھو. تنھنڪري ان ڪال کنڊ کي 'تامرپاشاڻ يگ' چيو ويندو آھي. تامرپاشاڻ يگ ۾ ڦيٿي جي کوج ٿي. ڦيٿي کري اَچڻ وڃڻ تڪڙو ۽ سؤلو ٿيو. ان وقت ۾ وڏي پئماني تي زمين پوک ھيٺ آندي ويئي. سامانن جي آڏٽ ۽ موڪلڻ جي شروعات ٿي. واپار ۾ واڌ ٿي. تامرپاشاڻ يگ ۾ واپار ۽ ڌنڌو وڌيو.

ساڳيءَ طرح ھُنر تي مدار رکندڙ ڪاٺ جو ڪم، ڌاتو ڪم جھڙا ڌنڌا شروع ٿيا. ان مان واپاري ڪيندر پئدا ٿيا ۽ اُنھن جو وڪاس ٿي شھر نرماڻ ٿيا. تامرپاشاڻ يگ ۾ ماڻھو ڪڻڪ، جوئر، چانور، موٽو اناج، ڪپھ اھي پئدا ڪندو ھو.

ھو شڪار ۾ مڇي ماري ڪجھ انداز ۾ ڪندو ھو. پر اھي ڳالھيون ھن جي پيٽ گذر جا مکيہ ساڌن ڪونہ ھئا. کيتيءَ جي پورڪ ڳانءِ، بيل، ڪُڪڙيون، اھي پشو پکي پالڻ پڻ ھنجي زندگيءَ جو اھميت وارو حصو بڻيا. انھيءَ وقت مري ويل ماڻھوءَ کي دفنائڻ گھر ۾ يا گھر جي اڱڻ ۾ ئي ڪيو ويندو ھو. دفنائڻ وقت اَڪثر مئل ماڻھوءَ جي ويجھو اُن جي روزمرھ جي واپرائڻ جون شيون ۽ برتن رکيل ڏٺا ويا آھن.

## ۲.۵ مھاراشٽر جي کوٽائي وارا ھنڌ

مھاراشٽر ۾ تامرپاشاڻ سنسڪرتيءَ جا ھنڌ تاپي، گوداوري، ڪرشنا، ڀيما، پرورا وغيرھ ندين جي ڪناري تي مليا آھن. اِتي پٿرن جا ھٿيار، مِٽيءَ جا برتن ٽامي جون شيون، اَناج سانڍڻ لاءِ ھٿ سان گھريل وڏا مٽڪا (رانجھڻ) اھي ثبوت کوٽائي ۾ مليا آھن.

| اھميت وارا کوٽائي جا ھنڌ | کوٽائي جا مکيہ ثبوت |
| --- | --- |
| دائماباد (ضلعو - اَھليانگر)<br>دائماباد ھي مھاراشٽر جو سڀ کان مشھور ۽ کوج ڪاريہ جي نظر سان اھميت وارو ھنڌ آھي. اِن ھنڌ جي کوج پارتيہ پورا تتو وڀاڳ جي بي. پي. بوپرڊڪر ڪئي. | ڪوٽر ڌاتوءَ جون چار شيون مليون. گاڏيءَ کي ٻڌل بيل، ريڊا، گينڊو ۽ ھاٿي اھڙيون اھي چار شيون آھن. ھاٿي دائماباد برانجھس کري سُڃاڻجي ٿو. |
| اِنام گانءُ (ضلعو پڻي)<br>اِنام گانءُ ھي وڪست تامرپاشاڻ گانوَ - بستيءَ جو سندر مثال آھي. ان ھنڌ جي کوٽائي پورا تتو وگيانڪ ڊاڪٽر ايچ.ڊي سانڪليا، ڊاڪٽر زيڊ.ڊي. انساري ۽ ڊاڪٽر ايم.ڪي. ڍوڙ يکر ڪئي. | ڪڻڪ، جوَ، چانور، موٽو اَناج، ٻاجھري ۽ تِرَ انھن جي پوک جا ثبوت مھيا آھن.<br>پالتو ڍور، رڍون ۽ ٻڪريون جھڙا پالتو پراڻين جا ھڏا مليا آھن. ساڳي طرح جھنگلي پراڻين جي شڪار جا (مثال ھرڻ، نيل گانءِ، سوئر) ۽ مڇي ماريءَ جا ثبوت مليا آھن. ڳاڙھي ۽ ڪاري رنگ جي ، ڦيٿي تي ٺاھيل ۽ جاميٽريءَ جي شڪل جي نقش ڪم ڪيل مٽيءَ جو برتن، خاصيت واري ڳالھہ - ٻن مٽڪن جا منھن ھڪ ٻي ۾ جوڙي ان ۾ ننڍن ٻارن کي دفن ڪيل نظر آيو. |

| | |
|---|---|
| **جوروي (ضلعو - اَهليانگر)**<br>جوروي سنسڪرتي اها مهاراشٽر جي سڀ کان اڳ واري ۽ مشهور تامرپاشاڻ سنسڪرتي مڃي ويندي آهي. هن سنسڪرتيءَ جو پهريون ثبوت 'جوروي' ۾ مليو. ان هنڌ جي کوٽائي پورا تتو وگيانڪ ڊاڪٽر ايڇ.ڊي سانڪاليه ۽ ڊاڪٽر شان.يا.دوي جي مارگ درشن هيٺ ڪئي ويئي. | ٻاڙهي ۽ ڪاري رنگ جي مِٽيءَ جا برتن، ٽامي جو ڪڙو، مٽي، گهرن جي گول يا مستطيل جي شڪل رچنا . تيئين ئي اناج سانڍڻ لاءِ مٽيءَ جون ڪوٺيون، جوئر جي پوک جا ثبوت مليا آهن. |
| **ساوڙدا (ضلعو نندُربار)**<br>ساوڙدا سيينا مهاراشٽر جي شروعاتي ڪسانن جي هڪ سڀ کان پراڻي سنسڪرتي. ساوڙدا هنڌ جي کوٽائي پوراتتو وگيانڪ ڊاڪٽر هه.ڊي.سانڪليا ڪئي. | ٻاڙهي مٽي جا برتن ، اُن تي ڪاري رنگ سان چٽ سالي ڪيل ڏسجي ٿي. |
| **نيواسا (ضلعو - اَهليانگر)**<br>نيواسا هي مهاراشٽر جو هڪ اهميت وارو کوٽائيءَ جو هنڌ آهي. پارتيہ پورا تتو ڪاتي جي پوئين مهانديشڪ ڊاڪٽر ايم.اين.ديشپانڊي ان هنڌ جي ڳولها ڪئي. | مٽيءَ جا رنگين برتن، پٿر جي ڪُهاڙي ، ٽامي جي زيورن جا حصا، ڳانءِ، ٻڪري، رڍ، ٻيل انهن پراڻين جا بچيل حصا مليا آهن. |



**ڳولهيون ڏسون.**

مهاراشٽر ۾ متيان کوٽائي وارا هنڌ کهڙين ندين جي ڪناري آهن.



## - ابياس -

سوال ۱ (الف) ناالو لکو:

۱. پارت جي ڪاري مٽيءَ واري زمين وارو متاهون پٽ.....

۲. پارت جي کيتيءَ کي سڀ کان وڌيڪ موافق قرار ڏنل پرديش ..........

۳. لپيءَ جي شروعات يا وڪاس ٿيل نه هو اُهو وقت ...........

۴. دائما باد ان کوٽائي واري هنڌ جي ڳولها ڪندڙ پارت جي پوراتتو ڪوچ ڪندڙ......

(ب) صحيح جوڙا ملايو:

| (الف) گروپ | (ب) گروپ |
|---|---|
| ۱.پوراشم يگ | (الف) وڏو تيز هٿيار |
| ۲.مڌياشم يگ | (ب) قيمتي جي کوج |
| ۳.نواشم يگ | (پ) کيتي جي هنر ۾ وڪاس |
| ۴.تامرپاشاڻ يگ | (ڀ) باهه جي کوج |

سوال ٢ (الف) هيٺيون تختو پورو ڪريو:

| نمبر | خاصيت | مڏياشم ريگ | نواشم يگ |
|---|---|---|---|
| ١. | رهڻ جو هنڌ | غفا | ------------ |
| ٢. | ڏنڏو | ------------ | ڪيتي، پشو پالن |
| ٣. | ساڌن | سوڪيم پٿرن جا ساڌن | ------------ |
| ۴. | ڪلا | ------------ | متيءَ جا رنگين برتن |
| ۵. | جيون شيلي | پتڪڙ | ------------ |

(ب) هيٺيان بيان غلط يا صحيح اُهي درست ڪري لکو :

١. جو رويءَ وٽ ڪوٽي ڏاتوءَ جون چار شيون مليون.

-----------------------------------------------

٢. نيواسا وٽ جوروي سيپتا جا پهريان نشان لڌا.

-----------------------------------------------

٣. مهاراشٽر جي شروعاتي ڪسانن جي هڪ پراڻي تامرپاشاڻ يگ جي سيپتا انامگانءَ وٽ آهي.

-----------------------------------------------

سوال ٣ (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

١. نواشم يگ ۾ ماڻهوءَ جي جيون شيلي ڪيئن بدلجي؟

٢. تامرپاشاڻ يگ جون مکيه خاصيتون ڪهڙيون؟

(ب) هيٺين يگن جي هر هڪ جون ٻه خاصيتون لکو

١. پراشم يگ

٢. تامرپاشاڻ يگ

سوال ۴ (الف) هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو:

١. جيڪڏهن نواشم يگ جي ماڻهوءَ کيتيءَ جي هنر جي کوج نه ڪئي هجي ها، ته اَڄ جو ماڻهو جو جيون ڪيئن هجي ها؟ سبب ڏئي جواب لکو.

٢. نواشم يگ ۾ 'متيءَ جا برتن' ٺاهڻ جي ڪلا وڪست ٿيڻ سان ماڻهوءَ جو روزانو جيون ڪيئن بدليو؟

سوال ۵ توهان کي نئون گهر وٺڻو آهي. اُن لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون جيون لاءِ ضروري ڳالهين جو ويچار ڪري توهان نئون گهر وٺندا.

مثال - پاڻي

عملي ڪم:

- هوشيار ڪاريگر ڦيٿي جي مدد سان متيءَ جا برتن ٺاهيندي ڪهڙيون - ڪهڙيون عملي ڪارروايون ڪن ٿا، اهو ڄاڻڻ لاءِ اُن کي نيند ڏئي اُن جي مُلاقات ڪريو. ڪي وستو (شيون) توهان پاڻ ٺاهي ڏسو.
- اسانجي ديش جي وڪاس ۾ جاگرافيڪل حالتن جي وڏي اهميت آهي. ان وشيه تي هيٺين مُدن جي آڌار تي ڄاڻ ڪاپي ۾ لکو.

١. ڀارت جي جابلو قطار

٢. ڀارت جون نديون.

٣. ڀارت جا سامونڊي ڪنارا.

**مشغولي**

١. مهاراشٽر جا ڪوٽائي وارا هنڌ مهاراشٽر جي نقشي ۾ ڏيکاريو

٢. جيڪڏهن مان قديم انسان هجان ها ته ڪٿي رهيل هجان ها؟ ڇا ڪاڏو هجي ها؟ اُن تي مدار رکندڙ ناٽڪ يا رول پيش ڪريو.

***



# ٣. هڙاپا سنسڪرتي

٣.١ ڪال کنڊ

٣.٢ هنڊ ۽ وستار

٣.٣ لوڪ جيون

٣.۴ هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پنتي پوڻ جا ڪارڻ

ڀارتيہ اُپکنڊ ۾ اَٽڪل 4500 سال پهريون هڪ ناگري سنسڪرتي وڪست ٿي. جنهن کي اَسان ’هڙپا سنسڪرتي‘ چئون ٿا.عجب جي ڳالهہ، هي سنسڪرتي ايتري تہ ترقي ڪيل هئي جو ان سنسڪرتيءَ جي نگرن مصاف ۽ ويڪرا رستا، رٿائتي نگر رچنا، سِمرڌ واپار ۽ لکڻ جو اُپيوگ ڪيو هو.هزارين سال پهريون بہ اسانجي پُرکهن جي جيون شيلي بيحد ضابطي واري ۽ وڪاس ڪيل هئي. اهو اسانکي هڙپا سنسڪرتيءَ ڪري ڄاڻ پوي ٿي.



پڙايو ڏسون:

توهان کي ناگري سنسڪرتيءَ بابت ڄاڻ آهي، اُن بابت ڪلا ۾ چرچا ڪيو.

- هڙاپا وقت ۾ نگر جي رٿابندي ڪيئن هئي؟
- ماڻهن جو گذارن ڪيئن هو؟
- واپار ويوسٿا ۽ کيتيءَ جو هنر ڪهڙي طريقي جو هو؟
- هنن شهرن جو پنتي پوڻ چو ۽ ڪيئن ٿيو؟

اَچو، اِنهن سڀني سوالن جا جواب سمجهي وٺڻ لاءِ اِتهاس جي دريءَ تان سڌو هڙپا سنسڪرتيءَ جي وقت ۾ نظر ڦيريون.

’سنسڪرتي معنيٰ قدرتي ساڌن- سنپتيءَ جي آڌار تي وڪست ٿيل جيون سرشٽو.‘ ان جملي مان توهان ڇا سمجهيو ان تي ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

سنسڪرتي هڪ سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اِنتظام هوندو آهي. اسان پٺئين پاٺ ۾ نديءَ ڪناري جي سنسڪرتي ڪهڙي طرح اُسري آئي اِها ڄاڻ ورتي. اِها ڏيري-ڏيري وڪاس ڪندي-ڪندي ناگري سنسڪرتي ۾ اُن جو بدلاءُ ٿيو. اُنهن مان هڪ پراچين ۽ وڪاس ڪيل سنسڪرتي آهي هڙپا سنسڪرتي.ان سنسڪرتيءَ جا انيڪ هنڌ سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ لڌا آهن. تنهن ڪري هن کي سنڌو سنسڪرتي بہ چيو ويندو آهي. پورا-تتو شاستر ۾ ڪنهن سنسڪرتيءَ جا ثبوت ڏيڪاريندڙ پهرين کوٽائي جنهن شهر ۾ ٿيندي آهي. اُن شهر جو نالو اُن سنسڪرتيءَ کي ڏنو ويندو آهي. پنجاب جي راوي نديءَ جي ڪناري هڙپا وٽ سنہ 1921 ۾ کوٽائي پهريون شروع ٿي تنهن ڪري ان سنسڪرتيءَ کي ’هڙاپا سنسڪرتي‘ اِهو نالو پيو.

نديءَ ڪناري جي سنسڪرتي

نواشم يگ ۾ ماڻهوءَ جو جيون کيتيءَ تي وڏيڪ انداز ۾ مدار هو جنهنکري اِسٿر جيون جي شروعات ٿي. ماڻهو ڳوٺ ۽ بستيون نرماڻ ڪيون

ماڻهو ڳوٺ- بستيون ڪٿي وسايون هونديون؟

جتي گهڻو پاڻي، سرسبز زمين اچڻ وڃڻ جي سهوليت هئي اهڙن هنڌ تي، معنيٰ ندي جي ڪناري ڳوٺ ۽ بستيون اِسٿاپن ڪيون دنيا جي پراچين سنسڪرتي ٽايگرس- يوفريٽس ميسوپوٽيميا، نائيل (ايجپٽ)، ڦويانگ هو (چين)، سنڌو (هڙاپا) اِنهن ندين جي ويجهو وڪست ٿيون .

## ٣.١ ڪال ڪنڊ

ڪلپنا ڪيو، اسان هزارين سال پهريون جي وقت ۾ پرويش ڪري رهيا آهيون. هڙاپا سنسڪرتيءَ جو اتهاس صرف هڪ ڪال ڪنڊ جو نہ ٿي اُهو ماڻهن جي سنسڪرتيءَ جي اتهاس جي هڪ ياترا آهي. اُن ڪال ڪنڊ ۾ ڊار - ڊار گهٽنائون ٿيون. سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ بدلاءُ ٿيندو ويو. هيءَ سنسڪرتي ڊاڪي بہ ڊاڪي شاهوڪار ٿيندي ويئي پر پوءِ ڊار - ڊار مصيبتن ڪي منهن ڏيڻو پيو جنهن ڪري اِها سنسڪرتي پڻتي پئجي ويئي. معنيٰ ڪجهہ تہ بہ هن سنسڪرتيءَ جي ڪالکنڊ ۾ ڊار - ڊار واقعا ٿيا. تنهنڪري هڙاپا سنسڪرتيءَ جو وڪاس، ترقي ۽ آخر ۾ پڻتي پوڻ ٿيو.

اسان هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ٽن اهميت وارن ڊاڪن جي ڳولها ڪريو!

هڙاپا سنسڪرتيءَ جو ڪال عام طور هيٺين نموني ورهايو ويو آهي:




هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ڳوٺ - بستيون - شروعاتي ڪال (عيسوي سنہ اڳ 3300 کان 2600 )ڪري ڄاتو وڃي ٿو. ان ڪال ۾ ڊيري - ڊيري ڳوٺ کان شهر ڏانهن وڪاس ٿيندو ويو ۽ 'ناگري ڪرڻ' جي سلسلو جي شروعات ٿي.

### پراگلب هڙاپا سنسڪرتيءَ جو سِمرڌ ڪال -

پراگلب هڙاپا سنسڪرتي جو سِمرڌ ڪال (عيسوي سنہ اڳ انداز 2600 کان 1900)، هي ڪال سنڌو سنسڪرتي جو سونو ڪال مڃيو وڃي ٿو. شهرن جي رچنا، بندوبست، واپار، هست ڪلا، شلپ ڪلا جو وڪاس ٿيو. موهن جو دڙو، هڙاپا، ڌولاوپرا، لوٿل جهڙي سنسڪرتيءَ جا مکيہ ڪيندر ان وقت وڪست ٿيا.

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پڻتي پوڻ جو وقت - هڙاپا سنسڪرتيءَ جو ڪال (عيسوي سنہ اڳ1900 کان 1300) اُن وقت ۾ ڊيري ڊيري هڙاپا سنسڪرتيءَ جو پڻتي پوڻ جي شروعات ٿي. اُتان جو مکيہ ڪيندر اُجڙي ويا. ڪجهہ هنڌن تي سنسڪرتيءَ جا حصا مليا آهن. اُن تان سنسڪرتيءَ جي بدلجندڙ سروپ جي ڄاڻ ملي ٿي.



ڳولهيو ڏسون.

هڙاپا سنسڪرتي ان نقشي ۾ پراچين ڀارت ۾ هڙاپا سنسڪرتيءَ جو پرسار ڪٿي ٿيو هو اهو ڏيکاريو. هڙاپا، موهن جو دڙو، لوٿل، ڪالي بنگلن، ڌولاويرا، راکي ڳڙي اِهي شهر کهڙي حصي ۾ آهن؟ اِهي هنڌ هاڻوڪي حصي ۾ آهن. اهو نوٽ ڪريو.

### ٣.٢ هنڌ ۽ وستار:

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي مکيہ بستي سنڌوءَ ۽ اُنجي اُپ ندين جي ڪناري تي هئي. انهي نديءَ جي ڪناري سرسبز زمين ڪري کيتيءَ جو وڪاس ٿيو. نديءَ ڪناري ڳوٺ - بستيون برپا ٿيون. ان ۾ هڙاپا، موهن جو دڙو، ڪالي بنگن، لوٿل، ڌولايرا، راکيڳڙي، بناولي ۽ چنهودڙو وغيرهہ اهميت وارا استان آهن.




ان سنسڪرتيءَ جو جاگرافيڪل وستار اندازن ١٥ لک چورس ڪ.م. هو. هڙاپا سنسڪرتيءَ جو وڪاس اُتر طرف جمو ڪشمير جي منڊا کان ڀارت جي اولهہ ڪناري جي گجرات جي ڍولاويرا ۽ لوٿل ساڳي ريت مهاراشٽر جي اهليانگر ويجهو دائماباد تائين ( اَڄ جو پاڪستان تائين هڙاپا سنسڪرتي پهتي هئي. تہ اوير هڙاپا سنسڪرتيءَ جو وستار (اُتر پرديش جي آل گير تائين هو. پري جي پرديشن سان هلنڌڙ واپار اِهو هڙاپا سنسڪرتيءَ جي رفتار جو مکيہ ڪارڻ هو.

### ٣.٣ لوڪ جيون -

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي هنڌن جو کوٽائي ۾ مليل نشانن مان اُتان جي لوڪ جيون جي ڄاڻ ملي ٿي. جيڪي پڪيءَ ثبوت مليا آهن، اُن مان اُنهن جي جيئڻ جو طريقو ضابطي وارو هو. اهو ڏسجي ٿو. نگر رچنا، ترتيب وار رستا، گهرن جي بناوت، هار - وير جي پاڻيءَ جو سنو انتظام هو. لکيل سڪا، مٽيءَ جا سنا قسم جا برتن، الڳ - الڳ قسمن جا رانديڪا اها هڙاپا سنسڪرتيءَ جي خاصيت آهي.

## رهڻ جو درجو ۽ گهرن جي رچنا

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ماڻهن جا گهر پڪين سرن جا ٺهيل هئا.



### ڇا ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ماڻهن سندن گهرن کي جوڙڻ جي لاءِ جيڪو طريقو واپرايو هو. اُن طريقي کي ’انگلش بانڊ‘ سرشتو ائين چيو ويندو آهي. ان طريقي ۾ آڏيون ۽ سڌيون سرون ان خاص طريقي سان رکيون وينديون آهن، جنهن ڪري پٽ وڏيڪ مضبوط ۽ ٽڪاءُ نهي ٿي. سرون مناسب آڪار جون هيون. هڪ سر عام طور 4:2:1 ان ماپ جون هونديون هيون. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ماڻهن جي هي طريقو واپرائڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ ڪُنهن کي هنن جي گهرن کي ٻوڏ، زلزلي (ڌرتي-ڌڏڻ) ۽ وقت گذرڻ کان پوءِ ٿيندڙ ٽوٽ-ڦوٽ کان بچاءُ ملي اِئين لڳندو هو.

گهرن وچڙ اڱڻ، اُن جي چوڌاري زوردار (ڪمرا) ، گهر جي اڱيان کوهہ ۽ سنان گهر هئا. پاڻي جي رسد ۽ هار-وير جي پاڻيءَ جو بندوبست تمام سٺي نموني هو. هر هڪ گهر مان هار-وير جو پاڻي متيءَ جي پڪين سرن جو اُپيوگ ۾ ڪيو ويندو هو. هڪ خاص ٻالهہ معنيٰ رستي جي نالين کي سرن سان ٺاهيل هو ۽ اُهي سُٺي نموني ڍڪيل هونديون هيون. ان تان عام جي صحت ڏانهن هوُ ڪيترا سُڄاڳ هئا، اِهو ڏسجي ٿو.

### توهانجو ڇا چوڻ آهي؟

هڙاپا سنسڪرتيءَ کان ’سوِش پارٽ ايپيان‘ ٽائين ويچارڻ تي ، صاف-صفائي بنيادي ضرورت آهي. اهو پتو پوي ٿو.



### اَچو ٻڌايو ڏسون:

توهانجي ڳوٺ يا شهر ۾ صاف صفائي ڪيئن رکي ويندي آهي. ان بابت ڄاڻ لکو.

هڙاپا جي وقت شهرن جي رستن جو چار هڪ ٻئي جي پورو وچوت ۽ هڪ ٻئي کي گوني ڪنڊ تي ڪپيندو هو. تنهنڪري تيار ٿيندڙ چوڪنڊي ايراضي ۾ گهر ٺاهيا ويندا هئا.

نگرن جا ٻہ يا وڏيڪ وڀاڳ هئا. اُن مان ڪوٽ ڪري سڏيو ويندڙ وڀاڳ ۾ نگر جو مکيہ اڌڪاري رهندو هو. اهو ڪوٽ (بالي قلعو) مضبوط قلعي وانگر محفوظ اوچائي تي جوڙيو ويندو هو. اُن جي آس پاس جي نگر ۾ عام ماڻهو رهندا هئا. هر هڪ وڀاڳ کي گهري بندي ڪيل هئي.



### ڪري ڏسو:

بالي قلعو معنيٰ قلعي جو سڀ کان اندريون ۽ محفوظ ڀاڱو، جنهن کي قلعي جي ’دل‘ مڃيو ويندو هو. اهو عام طور قلعي جو سڀني کان اوچو هنڌ ٻڌل هوندو هو، تنهن ڪري آسي پاسي جي پريسر تي ڌيان ڏيڻ سؤلو هو ۽ دشمن جي ڪاهہ وقت هي آخري بچاءُ وارو هنڌ هو. بالي قلعي ۾ رجواڙا، دربار، هٿيار گهر، اَناج جو گدام ۽ مندر اهي اهميت واريون عمارتون هيون راءِ ٻُڙهہ، راڄ ٻڙ اِنهن قلعن ۾ بالي قلعو اهميت وارو هنڌ هو. اُن مان بالي قلعي جو چٽر بورڊ تي يا توهانجي ڪاپيءَ ۾ ڪڍو.

موهن جو دڙو جو مها سنان گهر اهو اُن وقت جي اِستاپٽيہ ڪلا جو هڪ خاص نموني آهي. مهاسنان گهر ۽ آس پاس جي پريسر ۾ ڪن پاڻي ۾



موهن جو دڙو جو مها سنان گهر

ڏارمڪ وڏي ڪٽي ويندي هئي. اهو ڪجھ ودوانن جو ويچار آهي. مها سنان گھر جو هڪ وڏو جل ڪُنڊُ آهي، جيڪو 12 ميٽر ڊگھو ، 7 ميٽر ويڪرو ۽ 2.5 ميٽر اونهو هو. اهو پڪين سرن جو ٺهيل هو. پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست هو. اِن ۾ پاڻي ڀرڻ لاءِ ۽ پاڻي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ خاص هُنر واپرايل هو. ان جي آس پاس ننڍا ڪمرا هئا.

### ڪاڌ خوراڪ جا سرشتو:

ڪڻڪ، جَوَ، وناٽا، تِرَ، راگي، مسور ۽ الڳ-الڳ قسمن جون داليون اهي ماڻهن جي ڪاڌي جا مکيه جُزا هئا. ڪير، ماس، مڇيون، پڻ ڪجھ هنڌن تي ڪاڌا ويندا هئا. اَهڙا نشان ملن ٿا. اَناج پچائڻ لاءِ هو مٽيءَ جا برتن وپرائيندا هئا. ڪجھ برتنن تي سندر رنگ ڪم ۽ نقاشي بہ هوندي هئي. اِها نقاشي ڳاڙهي رنگ جي برتنن تي ڪاري رنگ سان ڪڍيل هوندي هئي. نقشيءَ جي نمونن ۾ مڇيءَ جا ڇلڪا، هڪ ٻئي ڳنڍيل گول، پيپل جا پن وغيرھ نمونن شامل آهن.



برتن



**اَچو چرچا ڪريون**

ڪڻڪ، چڻا، چانور، جَوَ، مسور، مانهِن، ٻاجهري وغيرھ انهن مان ڪهڙا اَناج هڙاپا ڪال ۾ هئا ۽ ڪهڙا نہ هئا ۽ نہ هئڻ جي باري ۾ ڪلاس ۾ چرچا ڪريو تہ ڇو نہ هئا.

### پوشاڪ ۽ زيور

هڙپا سنسڪرتيءَ جي ماڻهن جي پوشاڪ ۽ زيور اُن وقت جي ٽيڪنالاجي ، جماليت، احساس ۽ جيون جو طريقو اُنهن جي ڄاڻ ڏين ٿا. هڙاپاواري وقت جي ماڻهن ڪپهه مان ۽ ريشمي ڌاڳي مان ڪپڙا تيار ڪيا هئا.



هڙاپا سنسڪرتيءَ جا زيور

پوراتن کوٽائيءَ ۾مليل سڪا ۽ شلپ جهڙيون ثبوتن جي آڌار تي اُنهن جي پوشاڪ بابت ڇئي سگهجي ٿو. مرد ۽ عورتون ٻنهي جي گوڏن تائين پهرڻ جا وستر ۽ ڪلهي تي وجهڻ وارو ڪپڙو شامل آهي. هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ماڻهو زيور ٺاهڻ جي هُنر ۾ٻڙُ هئا. هو مٽيءَ جا ۽ پٿر جي ننڍن رنگبرنگي ٽڪرن شنک، ٽامو، چاندي ۽ سون جون مٽيون ٺاهيندو هو. هن جي ٻين ديشن خاص ڪري ميسوپو-ٽيميا ۾وڏي گهر هئي. هڙاپاسنسڪرتيءَ جا ماڻهو هار، ٻاجو بند، ڪن جا، چوڙيون، منڊيون، ڪمربند. انهن زيورن جو استعمال ڪندو هو.

### ڌنڌوءِ واپار

هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ماڻهو کيتي ڪري الڳ-الڳ قسمن جا فصل پوکيندا هئا. ان ۾ڪڻڪ، جوَ اهي مکيہ فصل هئا. هڙاپاسنسڪرتيءَ جي ماڻهن کي ڪپهه جي ڄاڻ هئي. هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ڪاريگر، لوهر، ڪوٽي، مٽيءَ، سون مان شيون ٺاهڻ، ڪپڙو اُٽڻ وغيرھ جو ڌنڌو ۽ واپار ڪندا هئا. مٽيءَ جا سهڻا برتن ٺاهيندا هئا. ٻيڙي هلائڻ جي هُنر کي ڄاڻ هئي. تنهنڪري هو پري تائين واپار ڪندا هئا.

## ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟

ڪاري بنگن ۾ دنيا جي سڀ کان پراڻي ڪيڙيل کيت زمين لڌي آهي. جيڪا اَڄ جي راجستان راڄيہ جي هنومان ڳڙ ضلعي جي ، گوگر نديءَ جي ڪناري وسيل هئا.

اِن مان اهو ڏيان ۾ اچي ٿو تہ ڪالي بنگن جا ماڻهو کيتي ڪرڻ ۾ ماهر هئا. اُنهن ڪڻڪ، جَوَ، ڇٽا اهڙن انيڪ فصلن جي پوک ڪئي هئي. اَڄ بہ ڪالي بنگن ڀاڱي ۾ اُٺ جو اُپيوگ کيتيءَ جي ڪم لاءِ ڪيو ويندو آهي ۽ خاص ڪري اُنهن جي هَرَ جا نشان ۽ هڙپا ڪال جا نشان ۾ هڪجهڙائي ڏسجي ٿي.



ڪالي بنگن جي اجان هڪ خاصيت معني اُتي هڪ اگني ڪُنڊُ مليو آهي. اُن جو اُپيوگ ڌارمڪ ڪمن لاءِ ڪيو ويندو هو.

هڙاپا سنسڪرتيءَ جي بين شهرن وانگر هتي بہ هار-وير جي ڀاڱيءَ جو سُنو بندوبست هو. سِرن جا گهر ۽ سِڪا لڌا ويا آهن. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ماڻهن نہ صرف ڳوٺن يا ويجهو جي شهرن ، پر پري جي ديشن سان بہ واپار قائم ڪيو هو. اُنهن اَڄ جي ايراق (ميسوپوٽيميا) ، ايران، ايجپٽ انهن ديشن سان شين جي ڏي وٺ ڪئي. هو مٽيا، زيور، متيءَ جا برتن ۽ ڪپهہ وڪڻندا هئا.

ان بدران ڌاتو، قيمتي پٿر ۽ ٻيون شيون آڻيندا هئا. ان ۾ فائنس ۽ ڪارنيلين ڍڳهي مٽي جي اهميت وارو يوڳدان هو. فائنس اهو ڪانچ وانگر هوندي مکيہ طور نيري، سائي ۽ چنتامٽي رنگن ۾ ٺاهيا ويندا هئا. هڙاپا ۾ تيار ٿيندڙ فائنس جون چوڙيون، مٽيا ۽ زيورڏڪڻ ميسوپوٽيميا جي سوميري ۾ واپار رستيءَ وڏي پئماني تي پُهچندو هو. ان کان سواءِ اَڪِڪ (ڪارنولين) اهو ڳاڙهي رنگ جو رتن هو. اُن مان ڍڳها ۽ گول مٽيا تيار ڪيا ويندا هئا. اهي مٽيا ميسوپوٽيميا وٽ وڪڻيا ويندا هئا.اُتي اهي زيورن ۾ ڌارمڪ شين ۾ واپرايون وينديون هيون. ان واپار مان هڙاپا سنسڪرتيءَ کي آرٿڪ سِمرڌي حاصل ٿي.

## توهانکي ڄاڻ آهي ڇا ؟

انينا ديوي سومير سنسڪرتيءَ جي هڪ مکيہ ديوتا هئي. ميسوپوٽيميا جي مهاواڪيہ ۾ ڏنل ڏند ڪٿا انوسار اسانکي هڙاپا ڪال جي واپار بابت اهميت ڀري ڄاڻ ملي ٿي. انينا ديوي پنهنجي شان جي نشاني ڪري نيرو مُلهہ وارو رتن جو واپار ڪندي هئي. لاڙوردي اهو هڪ نيري رنگ جو ملهہ وارو



رتن آهي. پراچين ڪال ۾ لاڙوردي تمام درلڀ ۽ ملهہ وارو مهيو ويندو هو. ان جون ڪاٽيون

افغانستان ۾ هيون. هڙاپا ڪال جا واپاري ان جو واپار ڪندا هئا. ميسوپوٽيميا ۾ ان جي گهُر وڌيڪ هئي. اِنينا جي ڪٿا جي نيري ملهه واري رتن جو لاڳاپو پراچين ميسوپوٽيميا ۽ هڙاپا سنسڪرتي ۾ واپاري سنبنڌ، سنسڪرتيءَ جو ڏيڻ -وٺڻ، ڌارمڪ پرمپرا ان وچ ۾ اهميت واري ڪڙي آهي. پراڻي ڪٿا اهي اتهاس جا اهميت وارا ساڌن مهيا ويندا آهن. ڇو جو اُن وقت جي سماج، سنسڪرتي ڌرم ۽ راڄ ڪاروبار جي حالت ۾ اِنجو عڪس ڏسجي ٿو.

اُن وقت جي وٽل شهر اهو هڪ اهميت وارو بندر هو. اُتي وڏي آڪار جو دڪو مليو آهي. هڙاپا سنسڪرتي جو واپار عربي سمنڊ جي ڪناري ڪان ايران جي ڪاڙي تائين هلندو هو. هڙاپا جي ماڻهن جا سِڪا مکيه طور واپار لاءِ واپريا ويندا هئا. سڪن تي بيل، هاٿي، مينهن، گينڊو، واگهه جهڙن پراڻين جا تيئن ئي ڪيترا پيرا ماڻهو جي شڪل به ڏسڻ لاءِ ملي ٿي.



اَچو ٻڌايو ڏسون!

چتر ۾ هڙاپا ڪال جي مُدرا ڏسو. اُن تي هڪ سڱ وارو يا ڪالپنڪ پراڻيءَ جو چتر ڏسجي ٿو. توهان ڪهڙين شين يا عمارتن تي ڪالپنڪ پراڻي ڏٺا آهن ڇا؟



## ڪلا ۽ منورجن

هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ماڻهو ڪلا پريمي ۽ پڙ ڪاريگر هئا. اُنهن متيءَ، ڌاتوءَ ۽ قيمتي واري پٿرن جو واپار ڪري انيڪ سندر شيون تيار ڪيون. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي هڪ برونز جي مورتي لڌي آهي. اها نرتڪي ڪري سُڃاتي وڃي ٿي. اُن ڪان سواءِ هڙپا جي ماڻهن پراڻين جو شڪليون، رانديڪا ۽ مدرا تيار ڪيا هئا. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي هڪ تمام مشهور ۽ اهميت واري وستو معنيٰ اُتي لڌل هڪ خاصيتن وارو پتلو. اِهو پتلو موهن جو دڙي



هڙاپا ڪال جي ڪلا جو نمونو

وارو هنڌ ڪوٽائي ۾ لڌو آهي. جيڪو هاڻي نئين دهليءَ جي راشٽريه سنگهراليه ۾ رکيو ويو آهي. اهو پتلو هڪ شانت، گجهو ۽ آدرشيه شخصيت ڏيکاري ٿو. ان کي ’راجا ڌرم گرو‘ ڪري سڃاڻي ٿو.



هڙاپا ڪال جي متي جا رانديڪا

پوراڻن کوٽائيءَ ۾ لڌل شين مان ائين ڏسجي ٿو تہ ٻارن لاءِ خاص رانديڪا ٺاهيا ويا هئا. اهي رانديڪا مٽيءَ مان ٺاهيندا هئا. اُن ۾ ٻيل، ڪُتا، هاٿي جهڙن پراڻين جا رانديڪا تهڙي طرح ڦيٿي تي هلندڙ گاڏي، ڦرڻي، سيٽي شامل هئا.

## ٣.٤ هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پنتي پوڻ جا ڪارڻ

هڙاپا سنسڪرتي هي ڀارت جي گهڻي ترقي يافت ۽ وسيلن سان ڀرپور هئي. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ سنسڪرتيءَ جو ڏيري-ڏيري پنتي پوڻ ٿيڻ لڳو. ان پنتي پوڻ پنيان ڪهڙا ڪارڻ هئا. ان بابت کوج ڪاريہ ٿيا آهن. سڀ کان مکيہ ڪارڻ معنيٰ نديءَ جي وهڪري ۾ بدلاءُ ٿيو هوندو. نديءَ جو وهڪرو بدلجڻ ڪري پاڻيءَ جي ڪمي پيدا ٿي. تنهنڪري کيتي ۽ جيون تي اَثر ٿيو. ٻيو ڪارڻ معنيٰ مهاپور (ٻوڏ) سوڪ يا ڀوڪمپ جهڙن قدرتي آپدائن ڪري نگر برباد ٿيا هوندا. اَچا هڪ اَهميت وارو ڪارڻ معنيٰ عيسوي سن اڳ انداز 2300 جي سوميرن سان واپار گهٽجڻ لڳو ۽ هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پنتي پوڻ جي شروعات ٿي.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي ؟

سارگن هي اَڪڪڙ سامراجيہ جو هڪ سمرٽ راجا هو. هن جي عرصي ۾ ميسوپوٽيميا ۽ هڙاپا سنسڪرتيءَ جي وچ ۾ ساگري واپار هئڻ جا نشان ملن ٿا. ان واپار مان نيرن پٿرن جا ٽڪر، سون، چاندي، مٽيا وغيرهہ قيمتي وارن شين جي ڏي-وٺ ٿيندي هئي. پر سارگن جي ڪال کان پوءِ ميروپوٽيميا ۾ راڄ جي اَسترتا پيدا ٿي. ان جو اثر هڙاپا سنسڪرتيءَ جي واپار تي ٿيو. تنهنڪري سارگن جي عرصي ۾ واپار ڏيري ڏيري بند ٿيو. نتيجي طور هڙاپا سنسڪرتيءَ جي نگر جي اَرٿ ويوسٿا پنتي پوڻ لڳي. اُديوگ ڌنڌا گهٽ ٿيا ۽ ماڻهن شهر ڇڏي ننڍن ڳوٺن ڏانهن لڏپلاڻ ڪيو.

اُن کان پوءِ هڙاپا سنسڪرتيءَ جو اَثر وڏي عرصي تائين ٽڪي رهيو . هڙاپا سنسڪرتيءَ جا نگر اَڄ لُپت آهن. تڏهن بہ، اُنهن جي حصن مان اسان کي اتهاس، پرمپرا ۽ اُن وقت جي جيون شيليءَ جي ڄاڻ ملي ٿي. ان سنسڪرتيءَ کان اسان قدرت سان لاڳاپو، صفائي، ضابطيدار ۽ سرل جيون . انجي اهميت سکي سگهجي ٿي. تنهنڪري ئي هڙاپا صرف پراچين سنسڪرتي ئي نہ هئي. پر اسان جي سنسڪرتيءَ جو هڪ فخر جوڳو ورثو آهي.



### ڪري ڏسو:

هينين سِٽن ۾، هڙاپا سنسڪرتيءَ جي شهرن جا نالا ڪهڙا هئا؟ اُهي شهر ڪيئن هئا؟ ڪهڙيون ڪلاڪرتيون مليون آهن؟ ڪهڙن شين جو واپار ٿيندو هو؟ وغيرهہ جي ڄاڻ لکو.

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------



## اپياس

سوال ۱ (الف) هيٺين متبدلن مان نهڪندڙ متبدل چونڊيو.

۱. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ڪوچ ............ نديءَ جي ڪناري تي.

(الف) گنگا (ب) جمنا

(ث) سنڌو (د) گوداوري

۲. هڙاپا سنسڪرتيءَ جو مها سنان گهر .......... هنڌ مليو آهي.

(الف) ڌولاويرا (ب) لوٿل

(ث) ڪالي بنگن (د) موهن جو دڙو

۳. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ................ ان شهر جي هنڌ بندر لڌو آهي.

(الف) لوٿل (ب) راکي ڳڙ

(ث) بناولي (د) ڌولاويرا

(ب) صحيح آهي يا غلط اُهو لکو:

۱. پري جي پرديشن سان ٿيندڙ واپار اهو هڙپا سنسڪرتيءَ جي وستار جو مکيه ڪارڻ هو.

۲. هڙاپا سنسڪرتيءَ جا ماڻهو ساروجنڪ (عام) جي صحت بابت جاڳرت نه هئا.

۳. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي پنني پوڄ جو هڪ ڪارڻ هو واپار جو گهٽجڻ.

سوال ۲ (اَلف) سنڪلپنا جو چتر پورو ڪريو:




سوال ۲ (ب) لفظي ڳجهارت مان ڪوتائي مان مليل نگرن جا نالا پورا ڪريو




سوال ۳ (اَلف) نوٽ لکو:

۱. موهن جو دڙي وارو مهاسنان گهر

۲. هڙاپا ڪال جي پوشاڪ ۽ زيور

۳. هڙاپا ڪال جا ڪلا ۽ منورنجن

سوال ۴ : پاٺ جي نقشي جي جاچ ڪريو ۽ سوالن جا جواب لکو:

۱. ڀارت جي راجستان راجيه جي هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ڪنهن هڪ هنڌ جو نالو لکو.

۲. ڀارت جي انترا راشٽريه سيما کان ٻاهر هڙاپا سنسڪرتيءَ جي هڪ هنڌ جو نالولکو

۳. منڊا اهو هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ڪهڙي نديءَ جي ڪناري تي هنڌ آهي.

۴. دائماباد هي ڪهڙي هڙاپا سنسڪرتيءَ جو هنڌ هن وقت ڀارت جي ڪهڙي راجيه ۾ آهي؟

سوال ۵ (اَلف) هيٺين سوالن جا جواب وستار سان لکو.

۱. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي سُٺي نموني جي نگر رچنا اِها اَڄ جي شهرن جي رٿا لاءِ آدرش ڪيئن ٿي سگهي؟ اِهو مثال سان سمجهايو.

۲. هڙاپا سنسڪرتيءَ جي نگر جي اَرٿ ويوستا (آرٿڪ حالت) ڪهڙي نموني جي هئي؟

**عملي ڪم**

- هڙاپا سنسڪرتيءَ جي ڪنهن ڪوٺائي واري هنڌ جو ڍانچو تيار ڪيو؟
- توهان جي آس پاس جي رستن ۽ هڙاپا ڪال جي رستن ۾ ڪهڙو بدلاءُ ٿيو آهي اِن بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

**مشغولي**

۱. هڙاپا ڪال جا سُٺي نموني رٿائتا نگر، گهر، رستا پاڻيءَ جو بندوبست، هار-وير جو بندوبست ان جو ڍانچو ٺاهيو.

۲.مهاراشٽرا شاسن جي
https://water.maharashtra.gov.in/en/scheme/sant-gadgebaba-gram-swachhta-abhiyan/

ان سائيٽ تي سنت گاڊگي بابا گرام سوشتا ابيان جي ڄاڻ حاصل ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪيو.

***



# ٤ ويدڪ سنسڪرتي

| ۴.١ ويدڪ ساهتيہ | ۴.٢ويدڪ ڪال جو لوڪ جيون |
|---|---|

توهان ڪڏهن سوڊوڪو راند کيڏي آهي ڇا؟

سوڊوڪو هي راند معنيٰ ترڪ شڪتيءَ ۽ انگن جو گيان جو سنگم هوندو آهي. هيءَ راند بلڪل هاڻوڪي ڪال ۾ نرماڻ ڪئي ويئي آهي.

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٨ | | ٣ | | ٧ | | ٢ | ۴ | |
| ١ | | | | ٢ | ٥ | | ٧ | ٨ |
| | | ٥ | ٦ | | | ٩ | | |
| ٢ | | | ٩ | | | | ٦ | |
| | ٩ | ٨ | | | | ٥ | ٣ | |
| | ٣ | | | | ٨ | | | ٧ |
| | | ١ | | | ٢ | ۴ | | |
| ٩ | ٥ | | ٧ | ۴ | | | | ١ |
| | ٨ | ٦ | | ٣ | | ٧ | | ٩ |

هاڻي ويچار ڪريو، هزارين سال اڳ، جڏهن ڪمپيوٽر ڪونہ هو. ڪيلڪيوليٽر ڪونہ هو. تڏهن ويدڪ رشين حسابن جا اهڙا فارمولا تيار ڪيا هئا، جنهن سان وڏن وڏن انگن جا مثال ڪن پل ۾ حل ڪيا ويندا هئا!

اهي فارمولا معنيٰ ’ويدڪ حساب‘. ان جو هڪ ننڍڙو مثال ڏسون.

ويدڪ حسابن جو هڪ فارمولو آهي. ’نکلم نوتشچرم دشتهہ‘ ان انوسار -

ڏاڪو - ١

٠٢ - (آڌار) ١٠٠ - ٩٨

٠١ - (آڌار) ١٠٠ - ٩٩

ڏاڪو - ٢

- ٠٢ ⟷ ٩٨

- ٠١ ⟷ ٩٩

--------------------

مطلب ضرب ٩٧٠٢

آڏي ڪٽ ست ڪريو. توهان کي ساڳيو ئي جواب ملندو. جواب آهي ٩٧. اهو جواب کاٻي پاسي لکوءِ

$(-٠٢) \times (-٠١) = ٠٢$

(اهو جواب ساڄي پاسي لکو)

جواب $٩٨ \times ٩٩ = ٩٧٠٢$

جنهن زماني ۾ بجلي، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل ڪونه هئي. تنهن زماني ۾ گيان ۽ وگيان ۾ وڪاس ڪيل سنسڪرتي اسانجي ديش ۾ هئي. ويدڪ سنسڪرتي هيءَ اسانجي ڀارت ديش جي پراڻي ۽ سِمرد سنسڪرتي آهي. 'ويد' ان گرنٿ ۾ اُن عرصي جا ماڻهو ڪيئن جيئندا هئا، ڇا سکندا هئا، ان جي جيئڻ جو طريقو ڪيئن هو، ان جو سندر ورڻن (ذڪر) آهي.

ويدڪ سنسڪرتيءَ جي ماڻهن کي گيان ڪيئن پراپت ٿيو هوندو؟
ويدڪ معنيٰ ڇا؟
اُن عرصي جي سماج رچنا ڪيئن هئي؟
ويدڪ پرمپرا اَڄ بہ وجود ۾ آهي ڇا؟
حساب، وگيان، يوگ، آيورويد اهڙن انيڪ وشين جو گيان اُنهن کي حاصل هو ڇا؟
اَڇو، اَسان ڄاڻي وٺون - اهو گيان ڪٿان آيو ۽ اسانکي ڇا ٻڌائي ويو؟

## ۴.۱ ويدڪ ساهتيہ

'وِد' معنيٰ ڄاڻڻ. ان مان 'ويد' هي اسم ٺهيو هوندو. ان جو مطلب 'گيان' آهي. ويدڪ ساهتيہ اهو ڀارت جو پراچين ڪال جو سڀ کان اهميت وارو گرنٿ مڃيو ويندو آهي.

هي ساهتيہ مکيہ طور ويدن ۾ سنگرهہ ڪيل آهي. ويد هي پراچين ڪال جي گيان جو، ڌرم جو، تتو گيان جو ۽ جيون جو طريقو جو مکيہ ساڌن آهي. ويدن ۾ 'رِچا' رشين انتهہ ڪرڻ سان ظاهر ڪيون. ويدن جا ڪي منتر عورتن پڻ رچيا آهن.

ريگ ويد، يجر ويد، سام ويد ۽ اَٿرَ ويد اهي چار ويد آهن. ويد سنسڪرت ڀاشا ۾ لکيل آهن. اهي مکيہ طور منتر، پوڄا، يگيہ وڌي، تتو گيان ۽ سماج جيون سان لاڳاپيل آهن. ريگہ ويد هي سڀ کان پراچين گرنٿ آهي. انهن چئن ويدن کي 'مرتب ڪيل گرنٿ' ائين چوندا آهن. مرتب ڪيل گرنٿ جي رچنا کان پوءِ هرهڪ ويد لاءِ برهمڻ گرنٿ، آرڻيڪ ۽ اُپنيشد جي رچنا ڪئي ويئي. ويدڪ ساهتيہ ۾ انهن کي شامل ڪيو ويو.

**برهمڻ گرنٿ:** برهمڻ گرنٿ هي ويدن جو هڪ اهميت وارو حصو آهي. هي گرنٿ مکيہ طور يگيہ، پوڄا ۽ ڌارمڪ وڌيءَ سان لاڳاپيل آهي. يگيہ ڪيئن ڪجي، ڪهڙا منتر اُچارجن ۽ اُن پويان مطلب ڇا آهي، ان جو وستار سان ورڻ اُن ۾ ڪيل آهي.

**آرڻيڪ:** آرڻيڪ هي لفظ 'اَرڻيہ' معنيٰ جهنگل ان لفظ مان ٺهيو آهي. ڇو جو هي گرنٿ جهنگل ۾ رهندڙ ساڌڪن لاءِ رچيا ويا.

**هيٺ ڏنل تختو ڪلاس ۾ گڏجي پڙهو. ان جا چار ويدن جا مکيہ وشيہ، ان جون خاصيتون ۽ اهميت توهان کي سولائي سان سمجهہ ۾ ايندو**

| رگ ويد | يجر ويد | سام ويد | اٿر ويد |
|---|---|---|---|
| مکيہ وشيہ-منتر<br>ديوتائن جي ساراهہ | مکيہ وشيہ<br>هوَن، ڌارمڪ وڌي | مکيہ وشيہ<br>سنگيت، منتر ڳائڻ | مکيہ وشيہ<br>زندگي، کيتي، دوادرمل |
| خاصيت - اگني<br>اندر، وروڻ جهڙن<br>ديوتائن جو گڻ گان | خاصيت يگيہ ڪرم<br>يگيہ هوَن، منتر اُچار | خاصيت منترن<br>کي سُرَ اُچار ۾ ڳائڻ | خاصيت دوا-درمل<br>علاج، گهرو هوَن جو طريقو |
| اهميت - پراچين<br>ويد، ديوتائن جي<br>جي ساراهہ ۽ يگيہ<br>جي اهميت ٻڌائي ٿو | اهميت-ڌارمڪ<br>وڌي، ڌارمڪ آچار<br>ويچار سيکاري ٿو | اهميت - سنگيت<br>جو منترن جو اڀياس،<br>يگيہ ۾ ڳائڻ جي<br>اهميت سمجهائي ٿو | اهميت-صحت دوا ۽ گهرو ڪلام<br>جيون لاءِ اُپيوگي گيان جي باري<br>۾ رهبري ڪري ٿو. |

ان گرنٿ ۾ يگين جي ڳجهي مطلب بابت، ڌيان، ساڌنا ۽ آتم گيان بابت ويچار پيش ڪيل آهن.

**اُپنيشد** - ’اُپنيشد‘ ان لفظ جو مطلب آهي. گرو جي ويجهو ويهي گيان حاصل ڪرڻ، ان گرنٿ ۾ آتما، پرماتما، برهما ۽ وشوَ جو تتو گيان ٻڌايل آهي. اُپنيشد ۾ هرروز جي جيون جي اڳيان وچي وهنوارڪ گيان تي زور پريو آهي.



**اچو ٻڌايو ڏسون!**

١. هن ويد ۾ مکيہ طور ديوتائن جي ساراهہ ڪيل آهي. هن ۾ قدرت جي ديوتائن جو ذڪر ڪيل آهي.

جواب ------------------------------------

٢. هن ويد ۾ يگيہ ڪرڻ جو طريقو ۽ نمونو ڏنل آهي.

جواب ------------------------------------

٣. هن ۾ ويد ۾ ديوتائن جي ساراهہ سور ۾ ڪيئن ڳائجي ٻڌايل آهي. هن ۾ شلوڪ سنگيت ۾ چيا ويندا آهن.

جواب ------------------------------------

٤. هي ويد عام ماڻهن جي جيون سان لاڳاپو رکندڙ ’ويد‘مڃيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ هن سان صحت، گهرو علاج بہ آهي.

جواب ------------------------------------

## ٤.٢ ويدڪ ڪال جو لوڪ جيون

ويدڪ ڪال ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. ويدڪ ڪال (ان کي رُگ ويدڪ ڪال ڪري چيو ويندو آهي.) ۽ اُتر ويدڪ ڪال.

ويدڪ ڪال عام طور عيسوي سنہ اڳہ ١٥٠٠ کان ١٠٠٠ع.س. اڳ ائين مڃيو ويندو آهي. ان عرصي جي ڄاڻ اسان کي مکيہ طوررُگ ويد مان ملي ٿي. ان عرصي جو لوڪ جيون پشو پالن تي مدار رکندڙ هو. ڏيري-ڏيري کيتيءَ جي شروعات ٿي. ان عرصي ۾ ڳانءِ هڪ مکيہ ملڪيت مڃي ويندي هئي.

اُتر ويدڪ ڪال هي ع.س. اڳ ١٠٠٠ کان اڳ ٦٠٠ اِئين مڃيو ويندو آهي.

ان عرصي ۾ ويدڪ ماڻهن گنگا جي ماٿريءَ ۾ لڏپلاڻ ڪئي ۽ اُتي ٿائنڪا ٿيا. کيتي واپار ۽ هٿ جي ڪلا جو وڏيڪ وڪاس ٿيو. اُن عرصي ۾ نگرن جو اُسرڻ ٿي رهيو هو.

ويدڪ ڪال

ويدڪ ڪال
ع.س.اڳ ١٥٠٠
کان ع.س ١٠٠٠

اُتر ويدڪ ڪال
ع.س اڳ ١٠٠٠
کان ع. س ٦٠٠

### ڪٽنب ۽ سماج رچنا

ويدڪ ڪال ۾ ڪٽنب هي سماج جو سڀ کان ننڍو جُزو هو. هر هڪ ڪٽنب ۾ ماءُ-پيءُ، ٻار، ڏاڏو - ڏاڏي ۽ ٻيا مِٽ مائٽ سڀ گڏ رهندا هئا. هاڻي وانگر اُن عرصي جي سماج پتا پرڌان هئي. معنيٰ ڪٽنبن جا سڀ فيصلا ڪرڻ جو حق ڪٽنب پرمک کي هو. ڪٽنب پرمک کي ’گرهپتي‘ ڪري چوندا هئا. ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي ڪٽنب پرمک جي آگيا جو پالن ڪندا آهن. انيڪ ڪٽنب ملي گرام وساهت (ڳوٺ) تيار ٿيندو هو، تہ انيڪ ڳوٺ ملي ’جن‘ يا ’راجيہ‘ ٺهندو هو. ڳوٺ جي پرمک کي ’گرامڻي‘ ۽ راجيہ جي پرمک کي ’راجا‘ چوندا هئا. سماج جي سيني کي ڌرم ستيہ ۽ نياءُ جو پالن ڪرڻ ضروري مڃيو ويندو هو. ماڻهو پرسپر سهڪاريہ سان ۽ پريم ڀاءَ سان وهنوارڪندا هئا. هر هڪ ماڻهو کي سماج ۾ خاص جوابداري ۽ سٿان هو. ويدڪ سماج، برهمڻ، ڪتري، وئشيہ ۽ شودر اهي چار ورڻ هئا.

### تعليم

ويدڪ ڪال ۾ تعليم ئي سماج جي بيحد اهميت واري ڳالهہ مڃي ويندي هئي. شاگردن کي گروڪُل طريقي تعليم ڏني ويندي هئي. معنيٰ هو گرو جي آشرم ۾ رهي سگهندو هو. گرو جي سامهون ويهي اڀياس ڪندو هو. شاگردن کي گروڪُل ۾ ضابطي وارو جيون جيئڻ لاءِ سيکاريو ويندو هو. جنهن ڪري هو گيان، اخلاق ۽ ڪرتويہ جو



گروڪُل

پالن انهن جو آدرش رکي سماج ۾ ڪم ڪندا . گرو آدرش جيون جيئڻ لاءِ هڪ مارگ درشڪ هئا. شاگرد ويد، حساب فلڪيات (کگول شاستر) آيرويد سنگيت، نيتي شاستر ۽ يُڌ ڪلا جو اڀياس ڪندا هئا. تعليم جو مقصد صرف گيان حاصل ڪرڻ نه هو، پر نمرتا، ضابطي، ڌرم ۽ پاڻ تي ضابطو انهن ملهن کي پنهنجي اَندر آڻڻو هو.



**اَچو ويچار ڪريون:**

توهان جيڪڏهن گروڪُل ۾ سڪندا هجو هان ته ، توهانجي روزاني زندگي ڪيئن هجي هان؟ اُن تي هڪ مضمون لکو.



**ڪري ڏسو:**

پراچين ڀارتيه ساهتيه جي ڪتا ، اتهاس ۽ سنسڪرتي انهن ڪجهه پهلوئن تي روشني وجهڻ لاءِ اُپيوگي هوندي آهي. جنهن مان سماج جي رچنا ۽ اُن وقت جي جيون لاءِ ضروري مُلهه سمجهڻ ۾ مدد ملي تي. ڪجهه ڪتائون توهان به ڳولهيو ۽ ڪلاس ۾ ناٽڪ وانگر پيش ڪيو.

## آشرم ويوستا:

پراچين ڀارت جي ويدڪ سنسڪرتيءَ ۾ آشرم ويوستا وجود ۾ هئي. ان ويوستا ۾ ماڻهوءَ جي جيون جا چار ڏاڪا مڃيل آهن. هر هڪ آشرم ۾ خاص ڪرتويه ۽ مقصد ڏنل هو.

## چار آشرم

**برهمچاريه آشرم** - برهمچريه آشرم هي جيون جو پهريون ڏاڪو مڃيل آهي. ان ڏاڪي ۾ ٻارن کي گرو جي آڳيا ۾ رهي تعليم حاصل ڪرڻ ضروري هو. ان عرصي ۾ شاگرد من لڳائي اڀياس ڪندو هو.

**گرهست آشرم** - تعليم پوري ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو گرهست آشرم ۾ داخل ٿيندو آهي. ان آشرم ۾ شادي، ڪٽنب ۽ سماج جي جوابداري پوري ڪرڻ ان کي اهميت آهي.

**وانپرست آشرم** - گرهست آشرم ۾ رهي جوابداري پوري ڪرڻ کان پوءِ عمر جي هڪ خاص ڏاڪي تي ماڻهو ڪٽنب کان پري وڃي ڌيان، تپسيا، تتون جي چنتن ڪرڻ اُميد ڪيل آهي.

**سنياس آشرم** - سنياس آشرم جي هي جيون جو آخري ڏاڪو مڃيل آهي. هن ڏاڪي تي شخص کي سڀ ناتا تياڳ ڪري منشيه جنم جو مطلب سمجهڻ لاءِ جيئڻ، هڪ جڳهه تي گهڻو وقت نه رهڻ، اهو هن جو مطلب هو.



**ڪري ڏسو.**

آشرم ويوستا تي مدار رکندڙ جيون طريقي جا چار ڏاڪا. هر هڪ ڏاڪي جا چٽر، ان جو ڪرتويه اهميت ان جي چاڻ لکي ڪلاس ۾ نمائش ڪريو. ديوار تي لڳايو.

ويدڪ ڪال جي ماڻهن جو جيون سادگي وارو پر ضابطي وارو هو. هنن کي ستيه، ڌيرج، وڏي دل جهڙن ملهن جو پالن ڪرڻ جي اهميت سيڪاري ويندي هئي. سماج ۾ ايڪتا، مدد ۽ هڪ ٻئي لاءِ آدر کي اهميت ڏنل هئي. ماڻهو مند انوسار ايندڙ اُتسو يگيه، گيت-سنگيت ۽ ناچ ذريعي جيون جو آنند وٺندا هئا. اَناج کي اَجايو نه وڃائڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ، ضابطي ۾جيون جيئڻ اهي ڳالهيون نيتي ملهه جو حصو هئا. انهن نيتي ملهن جي مدد سان سماج ۾سنو سنسڪار اچي ٿو. ۽ ان آڌار تي شخصيت ۾سُڌار ٿئي ٿو. ويدڪ جيون شيلي اها قدرت سان نهڪندڙ ۽ شرم پرڌان هئي.

توهانجو ويچار ڇا آهي؟
آشرم ويوستا سان شخص جي جيون ۾ رتائتو، سُنائي، سترائي، ڏيرج ۽ ڪرتوَيه جي ڄاڻ نرماڻ ٿيڻ ۾ مدد ملي ٿي.

**روزانو جيون:**

ويدڪ ڪال جي ماڻهن جو ڪاڌو سادو ۽ قوت بخش هو. اُن ڪال ۾ ماڻهو کيتي ۽ پشو پالن تي مدار هو. تنهن ڪري اُنهن جي ڪاڌي ۾ اَناج، کير، ڏهي، گيهه، ماکي، ڦل ۽ ڀاڄيون شامل هيون. ڄَوَ، ڪڻڪ، چانور ڀاڄهري وغيره اَناج جو اُپيوگ هو ڪاڌي طور ڪندو هو. ونسپتي جهڙي اناج جو واپر ڪندا هئا. هر مُند انوسار ڦل کائيندا هئا. اَناج شُڌ ۽ ساتوڪ هوندو هو. تهڙي طرح صحيح وقت تي اناج کائڻ اهو عام طور نيم هو. هُننجي کاڌي جو طريقو کُل ملائي صحت بخش ۽ نيم انوسار هوندو هو.



**ڪجھ ويچار ڪريو:**

توهانجي روزاني اُٿڻ جو وقت، کاڌو، ڪسرت ايپاس، آرام ۾ باقائدگي هئڻ ان بابت توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

ويدڪ لوڪ جيون ۾ صحت کي خاص اهميت ڏنل هئي. پراچين ڀارتيه ويدڪ شاستر ۾ روڳ پرتيڪارڪ شڪتي وڌائڻ لاءِ توازون کاڌو، يوگ ۽ شاريرڪ ۽ مانسڪ تندرستي تي زور ڏنل هو. تنهن ڪري ماڻهو وڏي عمر ماڻيندا هئا ۽ نروڳي جيون جيئندا هئا.



**ڪري ڏسو:**

ڪتب جو هڪ ڏينهن جو کاڌي جو بندوبست توهان ڪريو. اُنهن مان ڪهڙا پدارت وڌيڪ صحت بخش آهن ۽ ڇو؟ان تي ڪتب جي ڀاتين سان چرچا ڪيو.

منورنجن جي خيال کان ويدڪ لوڪ سنگيت، نرتيه ڳائڻ، واديه وڄائڻ، ڪتا بڌائڻ، تنوَن تي چرچا.

آهڙيون ڳالهين ۾ رميل هوندا هئا. ڏنش وديا، ارٿ شاستر، ملهه يوڌھ، نڪرين جي راند، اهڙيون رانديون هو کيڏندا هئا. اُتسو ۽ ڌارمڪ ميڙ اها سماجڪ ايڪتا قائم ڪرڻ ۽ منورنجن جا مکيه ساڌن هئا.

ويدڪ ڪال ۾ سنگيت کي بيحد گهڻي اهميت هئي. سنگيت اهو فقط منورنجن جو ساڌن نه هو. ويدڪ پڙهائي ۾ سُرن کي تمام گهڻو مهتو هو. سنگيت هي ڌارمڪ ۽ آڌياتمڪ ٽيئن ئي لوڪ جيون جو اَتوٽ حصو آهي. منتر جي اُچار لاءِ سُرن جو گيان ضروري هو. سام ويد، هي ويد خاص طور سنگيت سان لاڳاپو رکندڙ هو. اُن عرصي ۾ وينا، مردنگ، شنک ۽ بانسوري جهڙا واديه واپريا ويندا هئا. انهن وادين جو اُپيوگ، يگيه، نرتيه ۽ ڌارمڪ وڌين لاءِ ڪيو ويندو هو. مرد ۽ عورتون ٻئي ڳائڻ ۽ نرتيه ۾ شامل هوندا هئا. ويدڪ ڪال جو سنگيت هي ڀڳتي، آنند ۽ آڌياتمڪ جو نشان هو. ان تان اڳتي ڀارتيه شاستريه سنگيت جي پرمپرا وڪست ٿي.

**عورتن جو اِستان:**

ويدڪ ڪال جي شروعات ۾ عورتن کي سماج ۾ برابريءَ جو استان هو. هُنن کي تعليم حاصل ڪرڻ جو اڌڪار هو. هُنن کي مردن وانگر ويدن جي ايپاس جي ڇوٽ هئي. انيڪ عورتون ودوشي طور مشهور هيون. لوپا مُدرا، گهرو ڇا، گارگي، ميترئي، اَپالا اهي اُن عرصي جون مشهور ودوشين جا ڪي مثال آهن. عورتون ڌارمڪ وڌيءَ، يگيه ۾ پوري طرح حصو وٺنديون هيون. اُتر ويدڪ ڪال ۾ سماج وڌيڪ پتر پرڌان بڻيو. عورتن جي تعليم تي بندش آيا ۽ هُنن جي آزادي گهٽجي ويئي. ڏيري-ڏيري اُنهن تي بندش وڌندا ويا. اُنهن جو ڪتنب ۽ سماج جو اِستان ڏ ۾ وڌ ٻئين درجي جو ٿيندو ويو.

**آرٿڪ جيون:** هن عرصي ۾ ماڻهن جو آرٿڪ جيون مکيه طور کيتي ۽ پشو پالن تي مدار رکندڙ هو. ڪڻڪ، ڄَوَ،چانور ۽ ٻيا اَناج هو پوکيندا هئا. ويدڪ ڪال ۾ جانورن کي اهميت وارو استان هو.

ڳانءِ، ٻيل، گهوڙا، رڍون ٻڪريون اهي مکيه پراڻي هئا. ڳان اها مِتا ستا جو هڪ ساڌن هئي. گهوڙن جو اُپيوڳ لڙائيءَ ۾ يگيه ڪرم ۾ ٿيندو هو. ته ٻيلن جو اُپيوڳ هر هلائڻ ۽ اَچڻ وڃڻ جي ڪمن لاءِ ڪيو ويندو هو.

**ڪيتيءَ ڪان سواءِ ٻيا انيڪ ڌنڌا هلندا هئا. پشو پالن، ڌاتو ڪم، ڪنڀار ڪم، ڪپڙو اُڻڻ، سون جو ڪم ۽ رٿ ٺاهڻ اهي ڪي اهميت وارا اُديوڳ هئا.** واپار ڏيري ڏيري ترقي ڪري رهيو هو. شين جي مِٽا ستا واري طريقي وهنوار ڪيو ويندو هو. ڪجهه هنڌن تي ننڍا بازار نرماڻ ٿيا. ٻيڙي هلائڻ ۽ ندي جي رستي واپار ڪرڻ جو ذڪر پڻ ملي ٿو. ڌندوڙي ڪاراگير سماج ويوسٿا جا اهميت وارا جُزا هئا، اُنهن جا الڳه سان سنگم ’شريڻي‘ انهن نالن سان سڃاتو ويندو هو. اُنهن جي پرمکه کي ’شريشٺي‘ چوندا هئا.

### ڌارمڪ جيون:

ويدڪ ڪال جي ماڻهن جو ڌرم قدرت جي پوڄا تي مدار رکندڙ هو. ويدڪ ماڻهن قدرت جي جزن کي ديوتائن جو درجو ڏنو هو. مثال ٻاهه، جل، وايو، سورج، صُبح، پرٿوي، چنڊُ. اِندر کي سڀ کان ٻلوان ديو مڃيو ويندو هو. يڳُه ۾ اَرپڻ ڪيل آهوتي اڳني ذريعي ديوتائن تائين پهچندي هئي، اها مڃتا هئي. يگيه ۾ اناج، گيهه ۽ جانورن جي آهوتي اَرپڻ ڪئي ويندي هئي. ويدڪ منترن جو پاٺ ڪريديوتائن کي پرسن ڪيو ويندو هو، ڌرم جو پايو ستيه، نياءُ، ’رُت‘ معني قدرت جو چڪر بنا رڪاوٽ هلڻ لاءِ ان تي مدار هو.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ڀارتيه نوَ سئنا جي سڃاڻپ جي نشانيءَ تي ننڍي ۾ ’شن نو ورڻ‘ اُپنيشد جي شلوڪ تي آڌارت آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته ورڻ ديوتا اسانجي حفاظت ڪيو.

نوَ سئنا ان ننڍي واڪيه مان جل تي ضابطو ڪندڙ ۽ سامونڊي رهبري ورڻ ديوتا جو سنمان ڪيو آهي. ڀارت کي آزادي ملڻ کان پوءِ نوَ سئنا پرمکه جي سڃاڻپ جي نشاني مقرر ڪرڻ وقت اُن وقت جي گورنر جنرل سي. گوپالاچاريه اهو برد واڪيو ڦڏايو هو. ڀارتيه نوَ سئنا جو نيون نشان ڇترپتي شواجي مهاراج جي راڄ مدرا کان مُتاثر آهي.




**راڄ جي ويوسٿا:** ويدڪ ڪال جي سماج ۾ راڄا جو اسٿان اهميت وارو هو. راڄا هي فقط حڪمران نه، پر هو ڌرم جو ۽ نياءُ جو پالن ڪندڙ هجڻ گهرجي. اهڙي آدرش راڄا جي ڪلپنا هئي. راڄا جي فيصلن ۾ اُن کي صلاح ڏيڻ لاءِ ٻه سنسٿائون ڪم ڪن پيو. اُنهن کي ’سڀا‘ ۽ ’سمتي‘ انهن نالن سان سڏيو ويندو هو. ’سڀا‘ معني وڏن ماڻهن جو منڊل جيڪي اهميت وارا فيصلا ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هئا ته ’سمتي‘ معني ڳوٺ يا ڳوٺ جي برادريءَ جي ماڻهن جي حاضريءَ ۾ چرچا ڪرڻ لاءِ رٿيل بيٺڪ. ان کان سواءِ ’وِدِ‘ ۽ ’جن‘. اهي سنسٿائون پڻ راڄا کي مارڳ درشن ڪنديون هيون. سڀا ۽ ’وِدت‘ سنسٿائن جي ڪم ڪار ۾ عورتن جو ٻه يوڳدان هو.



ويدڪ ڪال جو رٿ

راڄ ڪاروبار سُٺي نموني هلائڻ لاءِ ، مدد ڪرڻ لاءِ راجا آڌڪاري مقرر ڪيا هئا. پوروهت، سيناپتي ۽ سياپتي، اهي خاص اهميت وارا آڌڪاري هئا. ٽئڪس وصول ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل آڌڪاري کي 'ڀاڳدوگهه' چوندا هئا. 'جن' جي ڪمائي مان راجا جو حصو ڳڏ ڪندڙ هو ڀاڳدوگهه. ڏڪ جي وقت راجا خود سڀئا جي اڳواڻي ڪندو هو. راڄ جو ڪاروبار مکيه روپ سان ڌرم، نياءُ، بچاءُ ۽ سماج جي سٺي حالت انهن تتوَن تي رکيل هو.

ويدڪ ڪال ۾ راجا راڄ جو پرمکه هوندي به تڏهن به هن کي سڀ اڌڪار نه هئا. هن کي سڀا ۽ سمپتيءَ جي صلاح سان راڄ ڪاروبار ڪرڻو پوندو هو.



## ايياس

سوال ١ (الف) هڪ لفظ ۾ جواب لکو:

١. 'وِدِ' معني ....................

٢. گرو جي ويجهو ويهي گيان حاصل ڪرڻ معني....................

٣. وڏن ماڻهن جو منڊل معني ................

(ب) جوڙا ملايو:

| الف گروهه | ب گروهه |
|---|---|
| ١. رگ ويد | (الف) يگيه جي منترن جو ڳائڻ |
| ٢. يجر ويد | (ب) صحت ۽ دوائون ۽ علاج |
| ٣. ساموید | (ڪ) ديوتائن جي اُستتي |
| ٤. اٿر ويد | (د) يگيه جي وڌيءَ جو ورڻن |

سوال ٢ (الف) سنڪلپنا چتر پورو ڪريو.




(ب) نوٽ لکو:

١. ويدڪ ڪال جي تعليم جي ويوستا

٢. ويدڪ ڪال ۾ آرٿڪ جيون

٣. عورتن جو اِستان

سوال ٣ (الف) هيٺيان وڌان ڪارڻ ڏئي سمجهايو:

١. ويدڪ سنسڪرتيءَ ۾ ڪيتيءَ کي اهميت هئي.

٢. ويدڪ زماني جي سماج ۾ عورتن جو اِستان عزت وارو هو.

(ب) ويدڪ زماني جي منورنجن جا ساڌن ۽ هاڻوڪي زماني جي منورنجن جا ساڌن انهن ۾ هڪجهڙائي ۽ فرق جون ڳالهيون لکو.

سوال ۴: ويدڪ زماني جي راڄ جي ويوستا جي آڌار تي تختو پورو ڪريو:

| پد \ سنستا | ڪاريه (ڪم) |
|---|---|
| سڀا | ------------------------------------ |
| سمتي | ------------------------------------ |
| ڀاڳدوگهه | ------------------------------------ |

سوال ۵: يوڳ ساڌنا ڪرڻ ڪان پوءِ اسانجي جيون شيليءَ ۾ ڪهڙو بدلاءُ اَچي سگهي ٿو؟

**مشغولي**

- تعليم جو من ئي من ۾ ڌيان ڪندڙ شش. ايڪوليه ان جي ڪٿا جو ناٽڪ ڪرڻ ڪري پيش ڪيو.
- انٽرنيٽ جي مدد سان ويدن جي شلوڪن کي ڳڏ ڪريو.
- ڀارت جي وايو سڱنا، پو (زميني) سڱنا انهن جي سڃاڻپ نشاني ۽ برد واڪيه ملائي مشغولي ڪاپيءَ ۾ لکو.

***



# ٥ جُدا جُدا ڌرمن جون سکيائون


٥.١ ويدڪ ڌرم
٥.٢ جين ڌرم
٥.٣ ٻوڌ ڌرم
٥.٤ يهودي ڌرم
٥.٥ ڪرسچن ڌرم
٥.٦ اِسلام ڌرم
٥.٧ پارسي ڌرم


ڀارت ڌارمڪ نرالائپ وارو ديش آهي. پراچين زماني کان ڀارت ۾ جُدا جُدا ڌرمن جي شروعات ۽ وستار ٿيو آهي. ويدڪ، جين، ٻوڌ، جوُ، ڪرشچن، اِسلام ۽ پارسي ڌرم اِنهن سڀني جو ڀارت جي سنسڪرتيءَ ۾ اهميت وارو اِستان آهي. اَڳتي هلي وچولي زماني ۾ سکه ڌرم جي اِستاپنا ٿي. هر هڪ ڌرم جي سکيائن ۾ بنيادي جيون جا مُلهه ، سهن ڪرڻ، نياءُ ۽ اَخلاق تي زور ڏنو ويو آهي .

اها ڌارمڪ نرالائپ ڀارتيه سماج جي سنسڪرتيءَ کي هڪ الڳ سُڃاڻپ ڏئي ٿي. سڀني کي شامل ڪرڻ واري سوچ اها ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي اندر موجوُد گڻ آهي. ان گڻ سان اسانجي ديش جي نرلائپ ۾ ايڪتا اَچ تائين قائم رکي آهي.

**پراچين ڀارت ۾ ڪهڙن ڌرمن جو پرسار ٿيو؟**

**انهن جدا جدا ڌرمن جو تتو گيان اسان کي ڇا ٿو سيکاري؟**

اِنهن سوالن جو جواب ڳولهڻ لاءِ هن باب ۾ اسان پراچين ڀارت جي جدا جدا ڌرمن جي تتو گيان، سکيائن ۽ اُن ڌرم جو طريقو ان جي ڄاڻ وٺڻ وارا آهيون .

پراچين ڀارت ۾ ڌرم جو وجوُد ماڻهوءَ جي شرڌا کان وڏيڪ وياپڪ ويچارن کي اهميت ڏيڻ وارو هو. ان ۾ جيون جي آخري مقصد کي حاصل ڪرڻ، ستيه جي حقيقت ۽ برداشت ڪرڻ کي وڌيڪ اهميت هئي. پراچين ڀارت ۾ انيڪ ڌرمن جو پرسار ٿيو. ويدڪ ڌرم هي شروتي معنيٰ ويد، سِمرتي معنيٰ ويدن تي مدار رکندڙ ويدڪ ساهتيه ۽ پُراڻ انوسار وهنوار هئڻ اُهي جين ۽ ٻڌ ڌرم اِهي پراچين ڌرم- پرواهه آهن. ع.س. جي پهرين صديءَ ۾ جوُ ۽ ڪرسچن ڌرمن جي ڀارت ۾ داخلا ٿي. اسلام ۽ پارسي ڌرم جا پوئلڳ ع.س. جي عام طور ستين - اٺين صديءَ ۾ ڀارت ۾ آيا .



**ٿورو ويچار ڪريو**

اَسانجي ڪتبن جي ڌارمڪ ڏڻ، پوڄا، ريتي، رواج، ان وشيه تي ڏاڏيءَ - ڏاڏي کان يا ماتا - پتا کان سمجهي وٺو. اها ڏڻ - اُتسو ملهائڻ، رواج، ريتيون پالڻ ان پنيان مُنطقي ڪارڻ ڪهڙو هو. ان تي هُنن سان چرچا ڪريو.

## ٥.١ويدڪ ڌرم

ويدڪ ڌرم ڀارت جو سڀ کان پراڻو ڌرم مڃيو ويندو آهي. ويدڪ ساهتيه جي ان ڌرم جو بنيادي آڌار آهي. ويدڪ لوڪ يڳيه، قدرت جي پوڄا ۽ اُن لاءِ ويدن جي منترن سان ' آهوتي ' اَرپڻ ڪندا هئا. پراچين ڀارت جي عام ماڻهن جو لوڪ جيون سادو هو. ڌرم تي ۽ اَخلاق ملهن تي مدار هو.

مثال طور، ستيہ وچن، ڪتبن جي پتا سمان ماڻهن جو آدر ڪرڻ ، ناتن جي عزت رکڻ، ٻين کي تڪليف پهچي اهڙو وهنوار نہ ڪرڻ ان تي زور ڏنو آهي. وقت گذرندي اهو طريقو وڌيڪ پيچيدو بڻيو.

ويدڪ ڌرم جي پرمکہ گرنٿن ۾ ويد، اُپنشد، پُراڻ ۽ ڌرم شاستر شامل آهن. ويدن ۾ يگيہ، منتر ۽ ديوتا انهن جي ڄاڻ ڏنل آهي. اُپنيشد مان تتو گيان ۾ آتما، برهما جيون جو مقصد ۽ موڪش جي چرچا آهي. ان انوسار انساني جيون، قدرت ۽ دنيا اهي سڀ هڪ ئي 'پربرهم' جي کوج آهي. تنهن کي ئي 'تت' چيو ويندو آهي. اهو ويچار ٻن مشهور جملن ۾ پيش ڪيو آهي.

اُهي ٻہ جملا آهن:

اَهم برهما سِم - مان برهما آهيان

تت توَم اَسي - تون اُهو ئي آهين (تون تَتُ آهين)

هندو ڌرم هي ويدڪ ڌرم جو وڌيڪ وياپڪ روپ آهي. هندو ڌرم ويدن جي علم کي محفوظ رکيو. تيئن ئي ڀڳتي ، تتو گيان ۽ موڪش ڪلپنا جي ويچار کي رواج ۾ آندو. هندو ڌرم ائين مڃيو ويندو آهي تہ، هرهڪ ماڻهوءَ جي ڪرم تي سندس آئيندو ٽڪيل آهي. ڌرم معنيٰ صرف ڌارمڪ وڌي نہ آهي. ستيہ، اِخلاق، ڪرتويہ پالن ۽ سماج سيوا اِنهن ملهن جو پالن ڪرڻ اهو شخص جو جائي ڪان ڌرم آهي. اُنهن مُلهن انوسار هلڻ معنيٰ ڌرم جو پالن ڪرڻ. يگيہ هوم هَوَنُ، پوجا- اُپاسنا ڪرڻ، ڏڻ ۽ اُتسو ملهائڻ اهي سڀ ڳالهيون هندو ڌرم جي جيون شيليءَ جو حصو آهي. ڌرم پالن ۽ روزاني جيون جو وهنوار اِنجي هندو جيون شيلي ۾ سني نموني ميل (جوڙ) ڪيو ويو آهي. پراچين ڀارتيہ سماج ۾ وڪست ٿيل سنسڪرتي، ڪلا ، ساهتيہ ۽ وگيان انهن ۾ ڀڻ ڌرم جيون ۽ وهنوار لاءِ انجي ميل ميلاپ ڪيل ڏسجي ٿي.

'ڀڳوت گيتا' هِندُن جو پوتر گرنٿ آهي. ڦل جي آشا نہ ڪندي هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو ڪرتويہ ڪرڻ کپي. ائين ان لاءِ آهي.ائين ان گرنٿ ۾ چيل آهي. عيسوي سن جي اٺين صديءَ ۾ آديہ شنڪراچاريہ ٿي ويو آهي. گيان ۽ وئراڳہ انهن ڳالهين تي هُنن زور ڏنو. 'اُپنيشد' ، 'برهم سوتر' ۽ 'ڀڳوت گيتا' انهن گرنٿن تي تشريح(سبق) لکي اُن جو مطلب هن چٽو ڪيو. هُن ڀارت جي چئن پاسي بدري ناٿ، دوارڪا، جڳناٿ پوري، شرنگيري انهن هنڌن تي چار مَٺ برپا ڪيا.



آديہ شنڪراچاريہ

روي پونتو سوکينا : سڀ چڱ سکي رهن.

سروي سنتو نِراميا : سڀ چڱا روڳ مُڪت رهن.

سرهي پد راڻي پشينتو. سيني کي ڪلياڻڪاري ۽ ڀلائي جون ڳالهيون ڏسن.

مان ڪشچِدِ دوک ڀاڳيہ ڀويت : ڪوبہ دکي نہ هجي

انهن سنسڪرت شلوڪن جي سٽن ۾ سيني ڀراڻين جو ڪلياڻ ٿئي اهو ويچار ۽ اُنجي باري ۾ ديا پرڪٽ ڪيل آهي.



### ڪري ڏسو.

ستن ڏينهن ۾ توهانجي ڪيل سُٺن ڪمن. توهانجي نوٽ بوڪ ۾ لکي رکو. مثال طور دوست کي مدد ڪئي، گهر ۾ صاف - صفائي ڪئي. وڻن کي پاڻي ڏنو وغيرهہ. هفتي جي آڙري ۾ ڪلاس ۾ اهو عملي ڪم ڪندي مونکي ڇا سکڻ لاءِ مليو؟ اهو ٻڌايو.



### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

ڀارتيہ تتو گيان جي پرمپرا جي جدا جدا ويچار ڌارائون مان نرماڻ ٿيل ڇھہ مکيہ ويچار آهن. جنهن کي 'ڇڙدرشن' چيو ويندو آهي. ڀارتيہ تتو گيان جي انهن ڇهن درشن جو استان بيحد اهميت وارو آهي. 'درشن' ان لفظ جو مطلب آهي. تتو گيان ڇڙ درشن ۾ سانکيہ، يوگ، نياءُ، وئشيشڪ ، فلسفو ۽ ويدانت اِهي ڇھہ درشن شامل آهن. انهن درشنن ۾ سنسار جي تتو گيان، سرشٽي، آتما ۽ موکش جهڙن بنيادي سوالن جا جواب ڳولهيا ويندا آهن.

۱. **سانکيہ درشن :** هن درشن ۾ وشوَ جي پيدائش ڪيئن ٿي ٿئي، اُن کي سمجھايو ويو آهي.

۲. **يوگ درشن :** هي درشن تندرست شرير لاءِ ساڌنا ۽ ڌيان ذريعي آتم گيان پراپت ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو.

۳. **نياءُ درشن:** هي درشن مُنطقي ۽ گيان تي مدار رکندڙ آهي.

۴. **وئشيشڪ درشن :** وشوَ اَڻن جو ٺهيل آهي. اهو هن درشن جو هڪ اهميت وارو سڌانت آهي.

۵. **فلسفو درشن:** هي درشن ويدن مان ڪرم ڪانڊن جو تجزيو ڪري ٿو.

۶. **ويدانت درشن :** هي درشن اُپنيشدن جي تتو گيان تي مدار رکندڙ آهي.

## ۵.۲ جين ڌرم :

جئن ڌرم هي ڀارت جي پراچين ڌرمن مان هڪ ڌرم آهي. هن ڌرم ۾ 'اهنسا' ان تتو کي اهميت ڏنل آهي. ڌرم گيان ظاهر ڪندڙ کي جئن ڌرم ۾ 'تيرٿنڪر' چوندا آهن. جئن پرمپرا ۾ چيل انوسار ڪل ۲۴ تيرٿنڪر ٿي ويا آهن. ورڌمان مهاوير جئن ڌرم جي پرمپرا جو ۲۴ تيرٿنڪر هو.

### ورڌمان مهاوير (ع.س. اڳ ۵۹۹ کان ع.س. اڳ ۵۲۷)

اَڄ جنهن راڄيہ کي اسان بهار نالي سان سُڃاڻيون ٿا، اُن راڄيہ ۾ پراچين زماني ۾ ورجي نالي جو هڪ مهاجن-پد هو. اُن جي راڄڌاني هئي وئشالي. وئشالي نگر جو هڪ حصو هو ڪُنڊ گرام اُتي ورڌمان مهاوير جو جنم ٿيو. اُن جي پِتا جو نالو سڌارٿ ۽ ماءُ جو نالو ترِشلا هو.

ورڌمان مهاوير گيان پراپتيءَ لاءِ گهر ٻار جو تياڳ ڪيو. ساڍي ٻارهان سال تپسيا ڪرڻ کان پوءِ هُن کي گيان حاصل ٿيو. اهو گيان 'ڪيولي' معني پاڪ ۽ اصل صورت هئي. تنهنڪري هن کي 'ڪيولي' چيو ويندو آهي. شرير کي سک ڏيندڙ لڳندڙ ڳالهين ڪري ٿيندڙ آنند ۽ تڪليف ڏيندڙ ڳالهين سان ٿيندڙ پيڙا، اُنهن جو پاڻ تي ڪنهن بہ قسم جو اثر ٿيڻ نہ ڏيڻ. معني وڪارن تي جيت حاصل ڪرڻ. اهڙي جيت هن پاتي. تنهنڪري هُن کي 'جن' معني جيتندڙ چيو ويندو هو. 'جن' ان لفظ مان جئن اهو لفظ ٺهيو آهي. وڪارن تي جيت حاصل ڪندڙ مهان وير معني ورڌ مان هن کي 'مهاوير' چيو ويندو آهي. گيان حاصل ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن کي ڌرم سمجھائڻ لاءِ هن اڻٿڪ ٿيھہ سال اُپديش ڪيو. ماڻهن کي ڌرم سولائي سان سمجھ



ورڌمان مهاوير

۾ اَچي.

تنهنڪري ورڌمان مهاوير 'اَرڌماگدي' ان لوڪ ڀاشا مان ماڻهن سان سنواد ڪندا هئا. هُنن جو چيل ڌرم اَصل شڌ وهنوار تي زور ڏيندڙ هو. شڌ وهنوار لاءِ هُن جي ٻڌايل مارگ جو سار پنچ مهاورت ۽ ٽي رتن ۾ سمايل آهي.

ماڻهن کي اُپديش ڏيڻ لاءِ تيرٿنڪر جون

جيڪي سياڻون ٿينديون هيون تن کي اَرڌماڳدي ٻوليءَ ۾ ’سَم وَسرڻ‘ چوندا هئا. اُنهن سياڻن ۾ برابري هوندي هئي. سَم وسرڻ ۾ سڀني ورڻن جا ماڻهو شامل ٿي سگهندا هئا.

**پنج مهاورت:** پنج مهاورت معنيٰ ڪنورتا سان پالڻ وارا پنج نيم.

١. **اَهنسا:** ڪنهن بہ جيو کي نقصان پهچي يا سندس جان وڃي اهڙي هلت نہ هلڻ.

٢. **ستيہ:** هر هڪ لفظ ۽ ڪم سچو هجي.

٣. **اَستيہ:** ’ستيہ‘ معنيٰ چوري. ٻئي جي شيءِ سندس منظوري کان سواءِ کڻڻ معنيٰ چوري ڪرڻ. چوري نہ ڪرڻ معنيٰ اَستيہ.

٤. **اُپريگرهہ:** ماڻهو لوڀ ڪري ملڪيت گڏ ڪندا آهن. اُئين نہ ڪرڻ معنيٰ اپريگرهہ.

٥. **برهمچريہ:** شرير کي سک ڏيندڙ ڳالهين کي ڇڏي ورتن جو پالن ڪرڻ معنيٰ برهمچريہ.

**ٽري رتن:** ٽري رتن مطلب

١. سَميڪ درشن، ٢. سميڪ گيان، ٣. سميڪ چرتر. اِهي ٽي رتنا. سَميڪ جي معنيٰ آهي برابر.

١. **سَميڪ درشن:** تيرٿنڪر جي اُپديش جو سچ سمجهي اُنتي وشواس رکڻ.

٢. **سميڪ گيان:** تيرٿنڪر جي اُپديش ۾ فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪري اُنجو صحيح مطلب سمجهڻ.

٣. **سميڪ چريتر:** پنجن مهاورتن جو سخت پالن ڪرڻ.

**اُپديش جو تَت:** مهاوير جي اُپديش مان ’انيڪانتواد‘ سدانت سچ جي کوج لاءِ بيحد ضروري آهي. انيڪتا لفظ جي ’انت‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’پاسو‘. سچ جي کوج ڪرڻ وقت وشيہ جي هڪ ٻن پاسن جي کوج ڪرڻ وقت وشيہ جي هڪ ٻن پاسن تي ڌيان ڏيئي نتيجو ڪڍڻ سان سچ نٿو نظر اچي. اهو ان سڌانت ۾ مڃيل آهي. ان سڌانت سبب سماج ۾ ماڻهو پنهنجن ويچارن تي هٺ نٿو ڪري. ٻين جي ويچارن لاءِ بہ آدر پيدا ٿئي ٿو.

ماڻهوءَ جو وڏپڻو هنجي ورڻ تي نہ پر هنجي اُتم چريتر تي مدار رکي ٿو. استرين لاءِ گيان حاصل ڪرڻ جا رستا ويدڪ زماني ۾ ڏيري ڏيري بند ٿي ويا. پر ورڌمان مهاوير استرين کي بہ سنياس وٺڻ جو حق ڏنو. سڀني ساهوارن تي پريم ڪريو، من ۾ ٻين لاءِ ديا ۽ همدردي رکو، جيئو ۽ جيئڻ ڏيو. اهڙو اُپديش هن ڏنو.



**ويچار ڪريو.**

’سچ ڳالهائڻ‘ اهو تتو وهنوار ۾ آڻڻ جو اُپيوگ اَڄ جي زماني ۾ ڪيئن ٿيندو؟

’پريم ۽ ديا‘ انهيءَ تتوَ گيان جو هاڻوڪي سماج ۾ ڪيئن اُپيوگي ٿيندو؟

’اهنسا‘ ان تتوَ جو هاڻوڪي زماني ۾ ڪهڙو مهتو آهي؟

اسان ناگرڪ طور اِهي تتوَ وهنوار ۾ ڪيئن آڻي سگهون ٿا؟

## ٥.٣ ٻوڌ ڌرم

ٻوڌ ڌرم جو پرسار ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر انيڪ ديشن ۾ ٿيو. گوتم ٻُڌ ٻوڌ ڌرم جو پايو وڌو هو.

**گوتم ٻُڌ (ع.س. کان اڳ ٥٦٣ - ٤٨٣)**

گوتم ٻُڌ جو جنم نيپال جي لَنبني بن ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو شڌوڌن ۽ ماتا جو نالو مايا ديوي هو. گوتم ٻُڌ جو اصلي نالي سڌارٿ هو. کين انساني جيون جو پورڻ گيان حاصل ٿيو هو. ان ڪري هُنن کي ’ٻُڌ‘ چوندا هئا.

هُن کي سوال پيو تہ ماڻهوءَ کي جيون ۾ دُک ڇو آهي؟ انجو جواب حاصل ڪرڻ لاءِ هُن ڪٽنب پريوار ڇڏي ڏنو.



گوتم ٻُڌ

هڪ ويساکي پورڻما تي بهار جي گيا شهر ويجهو اُروُ ويلا ۾ هڪ پپل جي وڻ هيٺان ڌيان لڳائي ويٺا هئا. تڏهن کين ٻوڌي پراپت ٿي. اُن پپل جي وڻ کي ’ٻوڌي وڻ‘ چوندا آهن ۽ اُروُ ويلا کي هاڻي ٻوڌ گيا چوندا آهن.

گوتم ٻُڌ پهريون پروچن وارڻسيءَ جي ويجهو سارناٿ ۾ ڏنو. ان پروچن ۾ هن جيڪا سکيا ڏني اُن کي ’ڌم‘ چوندا آهن. ان پروچن ۾ هن ڌم جي چڪر کي رفتار ڏني. ان ڪري ان گهٽنا کي پالي ڀاشا ۾ ’ڌم چڪ-پوتن‘ چوندا آهن. سنسڪرت ۾ اُن کي ’ڌرم چڪر پرورتن ‘ چوندا آهن.



ٻوڌي وَڻ

اُن کان پوءِ هُن ڌم جي سکيا ڏيڻ لاءِ پنجيتاليهه سال رٽن ڪيو. هو پنڌ پنڌ ڦريا. هُن سکيائون پالي ڀاشا ۾ ڏنيون. ٻوڌي ڌرم ۾ ٻُڌ، ڌم ۽ سنگهه جي شرڻ ۾ وڃڻو پوندو آهي. اُن کي ’ترشڻ‘ چوندا آهن. ٻُڌ جي ٻُڌايل ڌم جو سار هيٺئين نموني آهي.

**آريہ ستيہ :** انساني جيون جي پوري وهنوار جو مول چار ستيہ آهن. تن کي ’آريہ ستيہ‘ چيل آهي.

۱. **دک :** انساني جيون ۾ دُک آهي.
۲. **دکن جو ڪارڻ :** دُک جو ڪارڻ هوندو آهي.
۳. **دُک - نوارڻ :** دُک دور ڪري سگهبو آهي.
۴. **پرتپد :** پَرتپد معنيٰ رستو. اهو دک جو انت ڪرڻ جو رستو آهي. اهو رستو شڌ وهنوار جو آهي. ان رستي کي ’اشتانگ مارگ‘ چيل آهي.

**پنچ شيل :** گوتم ٻُڌ پنجن نيمن جو پالن ڪرڻ لاءِ چيو. انهن نيمن کي پنچشيل چئجي ٿو.

۱. ساهوارن جي هچا نہ ڪرڻ
۲. چوري نہ ڪرڻ
۳. غلط وهنوار نہ ڪرڻ
۴. ڪوڙ نہ ڳالهائڻ
۵. نشيدار شيون نہ ورائڻ

**ٻوڌي سنگهہ :** ٻُڌ ڌرم جو پرچار ڪرڻ لاءِ ٻوڌي ڀڪشن جو سنگهہ ٺاهيو. گرهست جيون جو تياڳ ڪري سنگهہ ۾ شامل ٿيندڙ هُن جي ششن کي ’ڀڪشو‘ چوندا آهن. ٻُڌ وانگر ڀڪشو بہ رٽن ڪري ماڻهن کي ڌرم جي سکيا ڏيندا هئا. عورتن جو الڳ سنگهہ هو. اُهي استريون ’ڀڪشون‘ هيوُن. ٻوڌي ڌرم ۾ سيني ورڻن ۽ ذاتين جا ماڻهو شامل ٿي سگهندا هئا.

### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

**اِشٽانگ مارگ:**

۱. **سميڪ درشٽي :** چئن آريہ سَتين جي ڄاڻ

۲. **سميڪ سنڪلپ :** هنسا جو تياڳ

۳. **سميڪ واچا :** ڪوُڙ، ڪنورتا، چُغلي ۽ اَجايو ٻڙ ٻڙ نہ ڪرڻ.

۴. **سميڪ ڪرمانت :** ساهوارن جي هڇا، چوري، ۽ ڇُڙواڳيءَ کان دوُر رهڻ.

۵. **سميڪ آجيو :** صحيح رستي پيٽ ڪمائڻ

۶. **سميڪ وياَام :** وياَام معنيٰ ڪوشش ڪرڻ . غلط ڪم نہ ڪرڻ، غلط ڪم ٿيا هجن تہ اُنجو تياڳ ڪرڻ، سُٺا ڪرم ڪرڻ ۽ اُنهن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

۷. **سميڪ سمرتي :** ڌيان لڳائڻ، لوڀ وغيرهہ وڪارن کان دور رهي من کي سمجهائڻ.

۸. **سميڪ سماڌي :** من ايڪاگر ڪري ڌيان لڳائڻ.

**اُپديش جو سار:** گوتم ٻڌ اِنساني ٻڌيءَ جي آزاد ٿيڻ جو پڙڏنامو ڪيو. ورڻ جي آڌار تي نابرابري نہ هجي. جنم سان ڪو ننڍو - وڏو ڪونہ ٿيندو آهي، اُهو وهنوار سان ٿيندو آهي. ننڍڙي جهرڪي بہ پنهنجي آکيري ۾ آزاديءَ سان چوُن - چوُن ڪندي آهي، هن جو اهو جملو مشهور آهي. ان مان آزاديءَ ۽ برابريءَ بابت سندن سوچ ظاهر ٿئي ٿي. هُن چيو تہ پرش وانگر استرين کي بہ پنهنجي ترقي ڪرڻ جو حق آهي. يڳيہ وغيرهہ ڪرم ڪانڊ جو هن ورود ڪيو. هُن جا ٻڌايل پرگيا (سمجهہ) ۽ شيل (چريتر) مُلهہ انسان لاءِ ڪلياڻڪاري آهن. سڀني ساهوارن لاءِ 'ديا' اهو سندن شخصيت جو خاص گڻ هو.

### ٻڌايو ڏسون!

گوتم ٻڌ جو ٻڌايل سهنشيلتا ملهہ فقط ڀارتي سماج لاءِ ئي نہ پر سڄي انسان جات لاءِ رهبري ڪندڙ ڪيئن آهي؟

### ڪري ڏسو

جاتڪ ڪٿائن ڪري ٻوڌ ڌرم جي بنيادي سکيا سوُلائي سان سمجهہ ۾ اَچي ٿي. ان مان اَسانکي نيتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ ملهہ ۽ زندگيءَ جا سبق سکڻ لاءِ ملن ٿا. توهانجي لئبرريءَ ۾ موُجود ڪتابن يا انٽرنيٽ جي مدد سان هڪ جاتڪ ڪٿا چونڊيو ۽ اُنجي ڪلاس ۾ پيش ڪيش ڪريو.

**لوڪايت :** لوڪايت يا چارواڪ نالي جاتل پراچين وقت جي ويچارڌارا بہ اهميت ڀري آهي. انجو زور آزاد ويچارن تي هو. ان ويدن جو آڌار ناڪاريو. پراچين ڀارت ۾ نوان نوان ڌارمڪ ويچار پيدا ٿيندا رهيا. وقت گذرندي جيوُ، عيسائي، اِسلام ۽ پارسي ڌرم ڀارتي سماج ۾ داخل ٿيا آهن.

### ۵.۴ جيوُ ڌرم

يهوُدي ڌرم جا ماڻهو عيسوي سن جي پهرين کان ٽين صديءَ جي آس پاس ڪيرل ۾ جي ڪوچين ۾ آيا. يهودي ڌرم کي ''جيوُ'' ڌرم بہ چئبو آهي. ايشور هڪ ئي آهي ائين هوُ مڃيندا آهن.



سينيگاگ

يهوُدي ڌرم جي سکيائن ۾ نياءُ، سچ، شانتي، پريم، ديا، نئڙت، دان ڪرڻ، سُنو ٻالهاڻ ۽ سواپيمان اُنهن ڳڻن تي زور ڏنل آهي. سندن پرارٿنا گهر کي ’سنيگاگ‘ چوندا آهن.

### ۵.۵ ڪرسچن ڌرم (عيسائي ڌرم)

عيسائي ڌرم جو پايو يسوع مسيح وڌو. اهو ڌرم سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهي. يسوع مسيح جي ۱۲ ششين مان هڪ سينٽ ٿامس عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ ڪيرل ۾ آيو. هُن ترچوُر ضلعي جي پليوُر ۾ عيسوي سن ۵۲ ۾ چرچ جو پايو وڌو. عيسائي ڌرم جي سکيائن موجب ايشور هڪ آهي. هوُ سيني جو پيارو پتا ۽ سرو شڪتيوان آهي. يِسوُع مسيح ايشور جو پُٽ آهي اَئين به مڃيو ويندو آهي ته انسان جات جي ڪلياڻ لاءِ ڌرتيءَ تي آيو هو. اسان سڀ هڪ ٻئي جا ڀائر-ڀينر آهيون. اسان کي سيني سان پيار ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، دشمن سان به! عيسائي ڌرم ۾ چيل آهي، ڏوهي انسانن کي معاف ڪرڻ گهرج. اَئين عيسائي ڌرم ۾ چيل آهي. ’بائيبل‘ عيسائي ڌرم جو پوتر گرنٿ آهي. عيسائي ماڻهن جي پرارٿنا گهر کي ’چرچ‘ چئبو آهي.



چرچ



**ڪري ڏسو-**

هڪ ڪاغذ تي سيني ڌرمن جا هاڪاري سنديش(پيغام) لکو ۽ هڪ ٻئي کي ڏيو. سيپيئي گڏ تي اُهي هاڪاري سنديش (پيغام) جي زنجير تيار ڪريو ۽ ڪلاس ۾ اُن کي پڙهو.

### ۵.۶ اِسلام ڌرم :

اِسلام هڪ ايشور کي مڃڻ وارو ڌرم آهي. اللهه هڪ ئي آهي. ۽ محمد پيغمبر هُنجو دوُت آهي. ايشور جو سنڌش محمد پيغمبر ذريعي پوتر قُران ۾ ظاهر ٿيو آهي. اِسلام لفظ جي معنيٰ آهي. شانتي ان لفظ جو مطلب ’اللهه جي شرڻ ۾ وڃڻ‘ اَئين به آهي. هر وقت ۽ هر هنڌ فقط اللهه ئي آهي ۽ هو سروشڪتيوان ۽ ديالو آهي. اَئين اسلام ۾ چيل آهي، انساني وجود جو مقصد ئي اللهه جي پوڄاڪرڻ آهي. اسلام ۾ اَئين چيل آهي. ماڻهوءَ کي زندگي ڪيئن جيئڻ گهرجي. انجي راهه پوتر قُران ۾ ڏيکاريل آهي. ڀارت ۽ عربستان ۾ قديم وقت کان واپاري ناتا هئا.

عربي واپاري ڪيرل جي ڪناري وارن بندرن وٽ ايندا هئا. عيسوي سن جي ستين صديءَ ۾ عربستان ۾ اسلام جو ڦهلاءُ ٿيو. ان صدي ۾ ئي عربي واپارين دواران اسلام ڀارت ۾ آيو. اسلام ڌرم جي پرارٿنا گهر کي ’مسجد‘ چوندا آهن.



مسجد

### ۵.۷ پارسي (فارسي) ڌرم

فارسي ماڻهن کي ويدڪ سيپتا جي ماڻهن ۾ قديم زماني کان ناتا هئا. فارسي ڌرم جي پوتر گرنٿ جو نالو ’اَويستا‘ آهي. رگ ويد ۽ اويستا جي ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي آهي. فارسي ماڻهوُن ايران جي ’فارس‘ يا ’پارس‘ پرانت مان ڀارت آيا.

ان کري ڪين فارسي چوندا آهن. هوُ پهريون گجرات ۾ آيا. هوُ عيسوي سن جي اٺين صديءَ ۾ ڀارت ۾ آيا اهو ڪن جو سوچڻ آهي. جهرتستر فارسي ڌرم جو پايو وجهندڙ هو. فارسي جي ايشوري کي ’اَهُرمجد‘ نالي ڄاتو ويندو آهي. فارسي ڌرم ۾ باهه ۽ پاڻيءَ کي گهڻي اهميت آهي. سندن مندرن ۾ پوتر اگني ٻرندي آهي. سندن مندر کي ’اگياري‘ چوندا آهن. اُتم ويچار، اُتم واڻي ۽ اُتم ڪم . اهي ٽي وهنوار جا تتو فارسي ويچارڌارا جو مرڪز آهي.



اگياري

پارسي ڌرم جي تتو گيان انوسار :
” دنيا ۾ سُنائي ۽ خرابي جو سنگهرش لاڳيتو هلندو آهي. انسان کي هميشه سُنائي وارو رستو چوندڻ گهرجي.“



کري ڏسو-

’ڌارمڪ ايڪتا ۽ هڪجهڙائي‘ ان وشيه تي پوسٽر يا چارٽ تيار ڪريو. اُن ۾ ڌار - ڌار ڌرمن جو تتو گيان شامل هجي. اِن جو نمائش ڪلاس ۾ ڪريو.

ڀارت ۾ پراچين زماني کان ڌارمڪ سهنشيلتا هئي. ڀارت جي سنسڪرتيءَ ۾ ’ايڪ سِت وِپرا بهوڌا وَدنتي‘ اهو سڌانت پڪو ٿيو آهي. ان جو مطلب آخري سَچُ هڪ ئي آهي. ان کي انيڪ نالا ڏنا وڃن ٿا، ائين هو. تنهنڪري ڀارتيه سماج طور قائم طور سيني کي جذب (ملائي) ڪري ڇڏيو. سيني ڌرمن جو ڀارت جي سانسڪراتڪ ۽ ڌارمڪ پرمپرائن تي وڏو اثر ڪيو. ان ڌرم جي پوئلڳن سانسڪرتڪ سِمرڌي، سماجڪ سديڀاءُ ۽ ڌارمڪ سهنشيلتا انهن ويچارن کي همٿايو. ڌارمڪ نرلائپ وارو ڀارت جو اَڄ به سيني ڌرمن سان لاڳاپو سمرڌ آهي ۽ ٻين ڌرمن سان سهنشيلتا سان جيئڻ اِها هنجي خاصيت آهي.



ڄاڻ آهي ڇا توهان کي؟

هر هڪ ڌرم جو تتو گيان جيون جي اخلاق تي ، شانتيءَ تي ۽ سماج جي نياءُ تي آڌار رکندڙ آهي.



## - ابياس -

سوال ١ هڪ لفظ ۾ جواب لکو:

١. ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي اندر مؤجود ڳڻ ................

٢. جين ڌرم ۾ ڌرم گيان ظاهر ڪندڙ ................

٣. گوتم ٻڌ پهريون پروچن واراڻسيءَ جي ويجهو ................ ڏنو.

٤. يهوُدي ڌرمن جو مکيه گرنٿ ................

٥. اِسلام ڌرم وارن جو پوڄا جو هنڌ ................

سوال ٢ (الف) تختو پورو ڪريو:

| ڌرم | ڌرم گرنٿ | پوڄا جو هنڌ |
|---|---|---|
| ------------ | ------------ | سينيگاگ |
| ------------ | بائيبل | ------------ |
| ------------ | ------------ | مسجد |
| ------------ | اَويستا | ------------ |

(ب)

| درشن | سمجهاڻي |
| --- | --- |
| ------------ | وشو جي پيدائش ڪيئن ٿي، اُن جي سمجهاڻي |
| يوگ درشن | ------------ |
| ------------ | مُنطقي ۽ گيان تي مدار رکندڙ آهي. |
| وئشيشڪ درشن | ------------ |
| ------------ | ويدن مان ڪرم ڪانڊ جو تجزيو ڪري ٿو |
| ويدانت درشن | ------------ |

(ڪ) واقعا وقت انوسار نهڪندڙ سلسلي سان لکو:

١. گوتم ٻڌ رتن ڪندي ماڻهن کي اُپديش ڏنو.

٢. گوتم ٻڌ جو جنم لُمبني ۾ ٿيو.

٣. ٻوڌگيا ۾ ٻوڏي وڻ هيٺان ڌيان ڪندي هُن کي گيان جي پراپتي ٿي.

سوال ٣: (الف) نوٽ لکو:

١. آريہ سنيہ ٢. ڀڳوت گيتا

٣. پنچ شيل تتو ٤. ٽي رتن

سوال ٤: هيٺين سوالن جا جواب لکو:

١. جُدا جُدا ڌرمن جي آهنسا، ديا ۽ سچ جهڙن مُلهن جو سماج تي ڪهڙو اِثر ٿئي ٿو؟

٢. ڪن بہ ٻن جدا جدا ڌرمن جي سکيائن جي هڪ جهڙائي مثال سان ٻڌايو.

سوال ٥: پرارٿنا / ڌيان / ڌارڻا، وپشينا جي ڪري انساني سموداءِ کي ڪهڙو فائدو ٿئي ٿو؟

عملي ڪم

- جدا جدا ڌرمن جي ڏڻن جي چاڻ گڏ ڪريو.
- ’سرو ڌرم سم ڀاءُ‘ ان تي ڪُٽ ۾ چرچا ڪريو.
- نقشي ۾، ڀاٽ ۾ آيل اهميت وارا هنڌ ڏيکاريو.

مثال طور: ڌارمڪ هنڌ، اِستوپ، جنم اِستان وغيره.

مشغولي

١.هيٺ خالي جاءِ تي توهانجي وٽندڙ ڏٺ ۽ قدرت جو لاڳاپو ڏيکاريندڙ چٽر ڪيو.

***



# ٦ جُنپد ۽ مهاجن پد

٦.١ جنپد
٦.٢ مهاجن پد
٦.٣ گڻ راڄيه
٦.۴ مگڌ راڄ جو اُسرڻ



**اَچو ڄاڻ حاصل ڪريون**

ڳوٺ يا شهر جو ڪاروبا ڪنهن ذريعي ۽ ڪيئن هلندو آهي. ان بابت ڄاڻ وٺو.

پراچين ڀارت ۾ انيڪ ننڍا-ننڍا ڳوٺ، بستيون هئا. اُتي ماڻهو کيتي ڪندا هئا، واپار ڪندا هئا ۽ گڏجي رهندا هئا. ڏيري-ڏيري ڳوٺ ۽ بستين جا ڪاروبار لاءِ ڳوٺ بستين جا سموهه تيار ٿيا. اهڙي سموهه کي ’جنپد‘ چوندا هئا.

جيئن-جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن-تيئن ڪجهه جنپد شڪتي شالي ٿي ويا. اُنهن وٽ سئنا، سُٺي زمين، بهتر حڪومت ۽ سمرڌ واپار هو. جنپدن جو وڪاس ڪندي-ڪندي اُن جو بدلاءُ مهاجن پد ۾ ٿيو.



**چرچا ڪريو :**

هيڏن راڄين مان ڪيرُ سڀ کان شڪتي شالي ٿيو هوندو؟
جن پد، مهاجن پد ۽ راڄيه اُنهن ۾ ڪهڙو فرق هوندو؟
ڪُجهه جنپدن جو وستار ٿيو اُهو ڪيئن ٿيو هوندو؟

اَسان هاڻي اُن وقت جي سماج جيون ۽ حڪومت ڪاروابار جو روپ سمجهي وٺنداسين.

## ٦.١ جنپد:

رواجي طور ع.س. کان اڳ ١٠٠٠ کان ع.س. کان اڳ ٦٠٠ اهو عرصو ويدڪ زماني کان پوءِ وارو عرصو مڃيو ويندو آهي. ان عرصي ۾ ماڻهو ڏيري-ڏيري وڏيڪ ٿائنڪا ٿيا. ڪجهه هنڌن تي اُنهن جون اِسٿر بستيون نرماڻ ٿيون. اهي ننڍا راڄ اَڳتي هلي ’جنپد‘ ڪري ڄاتا ويا. ’جنپد‘ معنيٰ هڪ خاص پرديش ۾ رهندڙ ماڻهن جو ميڙ ، اُتي ماڻهو گڏ رهي کيتي، پشو پالن ۽ ننڍي پئماني تي واپار ڪندا هئا. اهي ميڙ (سموهه) هڪ ئي ذاتيءَ جا هئڻ ڪري اُنهن جي ذات جو نالو جنپد کي ڏنو ويندو هو. جنپد جو هڪ پرمک هوندو هو، پر سڀ اهميت وارا فيصلا سماج جي وڏن ماڻهن جي صلاح سان ڪيا ويندا هئا. جنپد جو لوڪ جيون سرشتو هڪ ٻئي جي سهڪار تي مدار رکندڙ هو. جنپد اهو پراچين ڀارتيه راڄائي سرشتي جو پهريون ڏاڪو مڃيو ويندو آهي. اُتي ماڻهن جي گڏيل فيصلو ۽ سماجڪ سنگهٽن انهن ڳالهين تي زور ڏنو ويو.

## ٦.٢ مهاجن پد

ع.س. ڇهين صديءَ ۾ ڪي جنپد آرٿڪ وهنوار جي، سئنا ۽ حڪومت جي نظريي کان وڏيڪ طاقتور بڻجڻ لڳا. اهڙن وڏن راڄين کي مهاجن پد ڪري سُڃاتوو يو. مهاجن پد ۾ انيڪ، ڳوٺ، نگر، واپار جو رستو ۽ هٿيار بند فوج شامل هئا.




مهاجن پدن ۾ راجا يا صلاح ڏيندڙ منڊل اَڳواڻي ڪندو هو. هتان جي ڪاروباري حڪومت سٺي هلت واري هئي. مهاجن پدن ۾ ڪيتري، واپار، بازار ۽ ڪلا جو وڪاس ٿيو. ڪجهه جنپدن سنڌن سٺنا جي طاقت تي وستار ڪري پير وارن جنپدن تي پنهنجي پڪڙ حاصل ڪئي. ۽ هنن جو پرديش پنهنجي راجيہ ۾ شامل ڪيو. عيسوي سنہ اڳ ڇهين صديءَ تائين مهاجن پدن ۾ سورهن مهاجن پدن ڪي وڏيڪ اهميت حاصل ٿي.

اُنهن جا نالا هينيان آهن:

مهاجن پدن ۽ اُنهن جي راجڌانيءَ جا نگر:

١. ڪاشي - واراڻسي
٢. ڪوسل - شراوستي
٣. انگ - چنپا
٤. مَڳڌ / گري ورج / راڄ گرهہ
٥. ورجي / وجهي / وئشالي
٦. مَل / مالوَ-ڪرشي نگر / ڪوشي نگر

٧. چيد / شوڪتمتي / سوتٿوتي

٨. ونش / وتس نبي ڪوشانبي

٩. ڪُرو / اندر پرست / اندر پٽ

١٠. اُترپانچال - اهچشت ڏشڻ.

١١. متسيہ - وراٽنگر

١٢. شوُرسين / متورا

١٣. اشمڪ / اِسڪ / پوٽلي / پوتن / پودن

١٤. اونتي / اُجيني ۽ مِهشمتي

١٥. گانڌار / تڪششيلا

١٦. ڪنبوج / راجپور

مهاجنپدن جي ترقي اها پراچين پارت جي راجين جي اُسرڻ کان پهريون جو ڏاڪو هو. سورهن مهاجنپدن ۾ مگڌ، ڪوسل، وتس ۽ اونتي اهي چار مهاجنپدن وڏيڪ سمرٿوان ٿيندا ويا. مهاجن پدن اهي جنپدن جي ڀيٽ ۾ آدمشماري ، زميني، سرحد ۽ ساڌن سمپتيءَ ۾ وڏا هئا.

### ٦.٣ گڻ راجيہ :

ڪجھ مهاجن پدن ۾ ڪاروباري سرشتي ۾ جنپدن ۾ عام ماڻهن جي ڀاڱيداري هئي. تنهن کي ’گڻ راجيہ‘ چوندا آهن. گڻ راجين ۾ سڀ فيصلا هڪ ئي ماڻهون جي هٿ نہ هوندي، چونڊيل عيوضين يا صلاح ڏيندڙ منڊل جي مدد سان ورتا ويندا آهن. ان منڊل ۾ وڏي عمر جا ماڻهو، سورما (جودهو) يا چونڊجي آيل ماڻهو شامل هئا. جنپدن ۾ وڏن ماڻهن جي گڻ پريشد هوندي هئي. گڻ پريشد جا ميمبر گڏجي چرچا ڪري راڄ ڪاروبار بابت فيصلا ڪندا هئا. ان بابت جي چرچا (ڳالھ ٻول) جنهن سياگرهہ ۾ ٿيندي هئي. تنهن کي ’سنٿاگار‘ چيو ويندو هو. مثال طور ورجي سنگهہ اهو گڻ راجيہ هو. اُتي فيصلا ڪرڻ وقت عام ماڻهن بہ شامل هوندا هئا. ساڳيءَ طرح، مَلَ گڻ راجيہ ۾ پڻ گڏيل اَڳوانيءَ جو طريقو هو.

ان گڻ راجيہ ڪري پراچين پارت ۾ لوڪ شاهيءَ جي شروعات ٿي ائين چيو ويندو آهي. پراچين پارت راڄ سنا ۽ گڻ راجيہ طريقو هلندو هو.



**اَچو ڄاڻ حاصل ڪريون**

گڻ پريشد ۾ ووٽ جو طريقو سياگرهہ ۾ ٻڌل ميمبرن جي گهٽائيءَ سان پاس ڪيو ويندو آهي. ووٽ جو طريقو کُليل ووٽ، آواز نموني ووٽ يا لڪل نموني ووٽ، انهن الڳ-الڳ نمونن هو. ميمبر جي ووٽ کي ’ڇند‘ ڪري چوندا هئا. الڳ الڳ رنگ جون ڏنيون ووٽ پيپر طور واپرايون ويندڙيون هيون، جنهن کي ’شلاڪا‘ ڪري چوندا آهن. ووٽ ڪرائيندڙ اڏڪاريءَ ’شلاڪاگراهڪ‘ چوندا آهن. غير حاضر ميمبرن کي بہ ووٽ جو اَڌڪاري ڏنل هو، پر تي سگهي تہ حاضر ووٽرن جي آڌار تي فيصلا ڪيا ويندا هئا.



**ويچار ڪريو**

گڻ راجيہ ۾ ووٽ جو طريقو ۽ هاڻوڪو ووٽ جو طريقو ۾ ڀيٽ ڪريو..

### ٦.٤ مگڌ راڄ جو اُسرڻ

ع.س. کان اڳ ڇهين صديءَ ۾ مهاجنپدن ۾ مگڌ راڄ سڀ کان شڪتي شالي ۽ اثردار مهاجنپد اُسريو هو. پراچين پارت جي راجائي آرٿڪ ۽ سانسڪرتڪ نظريي سان اُهي اهميت وارا ثابت ٿيا مگڌ راڄ جو اُسرڻ پنيان ڪي مکيہ ڪارڻ هئا.

**جاگرافيڪل هنڌن جو فائدو.**

- گنگا نديءَ جي ڪناري واري پلي زمين
- ندين رستي واپار

**معدني دولت.**

- خاص ڪري : لوهه جو وڏو پئدار قدرتي ذخيرا.
- کيتي جا جديد طريقا سکيا.
- جديد هٿيار اِستعمال ٿيڻ لڳا.

**راجيه ڪان سامراجيه**

- بنبيسار ۽ اَجات شتروءَ جهڙن راجائن راڄ جو وستار ڪيو.
- پاٽلي پُتر ۾ راڄڌاني برپا ڪئي جو تہ لشڪر راڄ ۽ آرٿڪ نظريي سان بيحد اهميت وارو ڪيندر (مرڪز) هو. پاٽليپتر مان سڄي مڱڌ پرديش تي ضابطو رکڻ سؤلو ٿيو.
- راڄ ڪاروبار سُڌار ڪري راڄ وڌيڪ مضبوط بڻيو.

**مضبوط اَرٿ ويوستا**

- واپار ۽ واپار جي هنڌن جو وڪاس
- اهميت وارا واپاري مرڪز هئا. جتان بين ديشن ۾ ڪپڙو، مصالحا، ڌاتو ۽ بين جي وڪري ٿيندي هئي.

**سياسي اتحاد**

- راڄ جي بين مهاجن پدن ۾ اثر وڌيو.
- راڄ جي وستار لاءِ وِواهہ جو لاڳاپو قائم ڪيو.

اهو پراچين ڀارت جو سامراجيه برپا ٿيڻ جو پهريون مثال مڃيو ويندو آهي.

بنبيسار راجا مڱڌ سامراجيه جو پايو وڌو. ساڳي عرصي ۾ مڱڌ جو واپار وڌيو. کيتيءَ جي حالت سُڌري ۽ آرٿڪ حالت سُڌري . ھُن راڄگرهه ۾ مڱڌ جي راڄڌاني برپا ڪئي.

بنبيسار ڪان پوءِ اُن جو پٽ اَجات شترو ستا ۾ آيو اُن بہ مڱڌ جو وستار ڪرڻ جو سوتر قبوليو. اَجات شتروءَ ورجي گڻ راجيه تي ۽ ڪوسل راڄ تي جيت حاصل ڪئي.



**ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟**

ڪجهه نوان هٿيار تيار ڪيا ائين چيو ويندو آهي.



ھُن ’مھان شلاڪنٽڪ‘ نالي جو وڏن پٿرن جو عملو ڪرڻ وارو يَنتر ٺاھيو، تنھنڪري دشمن جي قلعي جون ڀتيون سؤلائيءَ سان ڪرنديون ھونديون. ساڳيءَ طرح ’رٿموسل‘ نالي واري لوھي ڪنڊيدار لٺي وارو خاص رٿ ھُن تيار ڪيو، جيڪو دشمن جي پيرن ۾ گھسي وڏو نقصان ڪندو ھو. ان نئين ھٿيار ڪري اَجات شتروءَ کي ورجيءَ جھڙي شڪتي شالي گڻ راڄيه جي ورودِ ۾ يوڌي ۾ جيت حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ۽ مگڌ جو سامراجيه گھڻو ۾ گھڻو وڌيو.

اَجات شتروءَ بھار جي پاٽليپتر (اَڄ جو پٽنا شھر) ۾ نئين راڄڌاني قائم ڪئي.

**ٻڌايو ڏسون!**

راڄڌانيءَ جي ڪھڙي اھميت آھي؟ راڄڌاني ڪٿي ھجي اِن لاءِ ڪھڙو پئمانو ھوندو آھي. ان تي ماسترن جي مدد سان ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

اَجات شتروءَ ٻوڌ ڌرم سويڪار ڪيو. ھو گوتم ٻُڌ جو پوئلڳ بڻيو. گوتم ٻڌ جي مھانرواڻ کان پوءِ اَجات شتروءَ جي ايامڪاريءَ ۾ راڄ گرھ ۾ ٻوڌ ڌرم جي پھرين سنگتي (پريشد) ٿي.

اَجات شتروءَ کان پوءِ ٿي ويل مگڌ جي راڄائن ۾ ششوناگ اھميت وارو راڄا ھو. ھُن اونتي، وتس ۽ ڪوسل راڄين تي جيت حاصل ڪئي تنھنڪري مگڌ جو سامرٿيه (طاقت) وڌيڪ وڌيو.

ششو ناگ کان پوءِ نند گھراڻي جو اُسرڻ ٿيو. مھاپدم نند ھي نند گھراڻي جو سڀ کان مشھور راڄا ھو. ھُن مگڌ سامراجيه جو تمام گھڻو وستار ڪيو. اُتر ڀارت جا ڪيترائي ننڍا راڄيه ھُن پنھنجي راڄ ھيٺ آندا. نند راڄائون پنھنجي وڏي لشڪر لاءِ مال -ملڪيت لاءِ ۽ ٽئڪس ويوستا لاءِ مشھور ھئا. اُنھن جي عرصي ۾ مگڌ ڀارت جو سڀ کان طاقتور راڄيه بڻيو. پر آخري راڄا ڌنانند گھڻو اھنڪاري ھو. ھُن ڪيترائي ڀرا ٽئڪس لڳائڻ ڪري جنتا ۾ اسنتوش نرماڻ ٿيو. ڪاروباري ويوستا پرشٽ ٿيڻ تي ساڳي عرصي ۾ مگڌ سامراجيه ڪمزور ٿيڻ لڳو ھو. آخري ۾ آچاريه چاڻڪيه ۽ چندرگپت موريه نند راڄ گھراڻي جو اَنت ڪيو ۽ موريه سامراجيه جي اِستاپنا ڪئي.

جنھن کان سامراجيه ٺائين جو سفر پراچين ڀارت جي راڄ جي وڪاس جو اھميت وارو ڏاڪو آھي. ڳوٺ بستين کان شروعات ٿي وڏن راڄين ٺائين سندن بدلاءُ ڪيئن ٿيو ۽ گڻ راڄيه ڪيئن وڪسٽ ٿيا، اھو اَسين سمجھي سگھون ٿا؟



اِجات شترو - شلپ



## - اَڀياس -

سوال ۱ (الف) ڏنل متبادلن سامهون ✔ جي نشاني ڪريو :

۱. ڳوٺ بستين جي ڪاروبار لاءِ ڳوٺ - بستين جو ميڙ (سموهه) ٺاهيو. اُن سموهه کي ڇا چوندا آهن؟

(الف) جنپد

(ب) مهاجنپد ☐

(ث) راجيه ☐

۲. مَڳڌ سامراجيه جو پايو ڪنهن وڌو؟

(الف) ششو ناگ ☐

(ب) اَجات شتروءَ ☐

(ث) بنبيسار ☐

۳. چندر گپت موريه ڪهڙي راڄ گهراڻي جو اَنت ڪيو؟

(الف) ششوناگ ☐

(ب) نند ☐

(ث) مؤريه ☐

(ب) جوڙا ملايو:

| 'الف' گروهه | 'ب' گروهه |
|---|---|
| ۱. ووٽر اڌڪاري | (الف) ٻڌ ڌرم سويڪاريو |
| ۲. ورجي | (ب) شلاڪا گراهڪ |
| ۳. اَجات شترو | (ث) مهاجنپد |
| | (د) جنپد |

سوال (۲) هڪ سٽ ۾ جواب لکو:

۱. نند گهراڻي جو آخري راجا -

۲. وڏن پٿرن جو حملو ڪرڻ وارو ينتر -

۳. پاٽليپتر ۾ راڄڌاني برپا ڪرڻ وارو -

سوال ۳ (الف) ٿوري ۾ جواب لکو:

۱. ڳوٺ ۽ بستين جو نرماڻ ڪيئن ٿيو؟

۲. جنپدن جو نهڻ ڇاجي ڪري ٿيو؟

۳. مهاجنپد جي وڪاس پٺيان ڪهڙو ڪارڻ هو ٻڌايو.

ب) پنهنجن لفظن ۾ لکو:

۱. مگڌ سامراجيه وڌيڪ شڪتي شالي بڻائڻ لاءِ اَجات شتروءَ ڪهڙا سُڌارا ڪيا؟

۲. گڻ پريشد جي ووٽر سرشتو ۽ هاڻوڪو ووٽر جو سرشتو ان ۾ ڪي تڪليفون ۽ فرق ٻڌايو.

سوال ۴: پاٺ جي نقشي کي ڇاچي ۽ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

۱. ڀارت جي هاڻوڪي اَنترراشٽريه سيما کان ٻاهر مهاجنپدن جا نالا لکو.

۲. 'اشمڪ' هي مهاجن پد هن وقت ڪهڙي راجيه ۾ آهي؟

۳. مهاجنپد وڌيڪ انداز ۾ ڪهڙي نديءَ جي ماٿريءَ ۾ آهن؟

**مشغولي**

پاٺ ۾ آيل مهاجنپد هاڻي ڀارت جي ڪهڙي راجيه ۾ اَڇن ٿا.

اِهو اِنٽرنيٽ جي مدد سان ڳولهي مهاجنپد ۽ راجيه اهڙي لسٽ تيار ڪريو.

مثال - اونتي : گجرات

***



# ۷ مؤريہ ڪال ۾ ڀارت

۷.۱ مؤريہ سامراجيہ جو برپا ٿيڻ
۷.۲ سمراٽ اَشوڪ
۷.۳ مؤريہ ڪال جو راڄ ڪاروبار
۷.۴ ڪلا، شلپ ڪلا ۽ لوڪ جيون

’يُگ پرورتن‘ وقت بدلجڻ، ويچارن ۽ مُلهن جو نئون پرواهہ سماج ۾ نرماڻ ٿيڻ. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪم سبب يا ويچارن ڪري سماج کي نئين راهہ ملي ٿي. تڏهن هُن کي ’’يُگ پرورتڪ‘‘ چوندا آهن.

اهڙي ئي هڪ يُگ کي پرورتڪ ڪال جي شروعات ع.س. اڳ چوٿين صديءَ ۾ ٿيل مؤريہ سامراجيہ جي برپا ٿيڻ سان ٿيو. ان عرصي ۾ ڀارت ڪيترن ننڍن - وڏن راجين ۾ ورهايل هو. پرڏيهي حملا وڌيل هئا ۽ ان عرصي ۾ مگڌ سامراجيہ ڪمزور ٿيو هو. اِن ڪال ۾ چندر گپت موريا مؤريہ سامراجيہ جي اِستاپنا ڪئي. هڪ نئي يُگ جي شروعات ٿي. هن ڪم ۾ راجا چندر گُپت کي آچاريہ چاڻڪيہ جي مدد ٿي.

**ويچار ڪريو :**

- ڀارت جو پهريون وڏو ۽ گڏيل سامراجيہ ڪيئن نرماڻ ٿيو؟
- سمراٽ اَشوڪ سندس پنهنجي سامراجيہ ۾ هند - هند تي ٿنڀا ڇو کڙا ڪيا هوندا؟

اَچو، انهن سڀني سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون!

## ۷.۱ مؤريہ سماج جو برپا ٿيڻ:

پوئين پاٺ ۾ اسين ڏٺو آهي تہ مگڌ سامراجيہ ۾ نند ونش (گهراڻي) جو راجا ڌنانند راڄ ڪندو هو. هو بيحد ڌنوان هوندي بہ، پرجا جي من ۾ هُن بابت ناراضپو هو.

چندر گپت ڌنانند کي هارايو ۽ مگڌ کي جيتيو. ع.س. اڳ ۳۲۱ جي آس پاس چندر گپت مگڌ کٽيو. اڳتي هلي هن اَونتي ۽ سؤراشٽر کٽي موريہ سامراجيہ جو وستار ڪيو.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

آچاريہ چاڻڪيہ کي ’’ڪوٽِليہ يا وشڻو گپت‘‘ بہ چيو ويندو آهي. هو مهان سياستدان ۽ ودوان هو. چاڻڪيہ ’اَرٿ شاستر‘ نالي سان گرنٿ لکيو. ان گرنٿ ۾ ڪاروباري سرشتو، ٽئڪس سرشتو، بچاءُ، جاسوس ۽ سياست انهن بابت اهميت وارا تتو ٻڌايا آهن.

چندرگپت ننڍي هوندي، پنهنجن دوستن سان کيڏندي راجا جو رول ادا ڪندو هو ۽ سندس ڪنهن وڻ هيٺيان پنهنجي دربار لڳائيندو هوندو.



هڪ ڏينهن آچاريہ چاڻڪيہ اُتان وڃي رهيو هو. اُن چندر گپت کي اها راند کيڏندي ڏٺو. چندر گپت جو اها قدرتي اڳواڻي جو گڻ ۽ نياءُ ڏيڻ جو طريقو ڏسي چاڻڪيہ هُن جي طاقت کي سڃاتو.

هُن کي پڪ ٿي هي چوڪرو ننڊ سامراجيہ جو اَنتُ ڪري هڪ وشال ۽ سُنو سامراجيہ جي برپا ڪري سگهندو.

تنهن کان پوءِ چاڻڪيہ چندرگپت کي پاڻ سان کنيو، اُن کي تعليم ڏني ۽ ٽڪسلا ۾ ڪاروبار ۾ پڙ ڪيو. هُن اڳتي هلي مؤريہ سامراجيہ جي اِستاپنا ڪئي. وشاکادت جي لکيل 'مدراڪس' ناٽڪ ۾ ڏنانند جي هار تي چندرگپت مؤريہ سنا ڪيئن برپا ڪئي، اهو ٻڌايو آهي.



## ڪري ڏسو

لئبرري جي ڪتابن جي آڌار تي يا اِنٽرنيٽ جي تعليمي ويبسائيٽ تان چندر گپت مؤريہ جي جيوني تي مدار رکندڙ ڪٿا ڳولهيو. ڪلاس ۾ اُن ڪٿا کي ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪريو.

گريڪ سمراٽ اليڪزينڊر عرف سڪندر ع.س. کان اڳہ ٣٢٦ ۾ ڀارت جي اُتر اولهہ ڀاڱي تي چڙهائي ڪئي. ڀارت جي پنجاب تائين هو آيو. هُن پنهنجي ديش موٽڻ جو فيصلو ڪيو. پر واپس موٽڻ وقت رستي تي سڪندر جي مؤت ٿي. ڀارت جي جيتيل پرديشن جي بندوبست لاءِ هن عملدارن جي مقرري ڪئي هئي. تنهن کي 'سترپ' نالو ڏنائون. هن جي مؤت کان پوءِ 'سترپ' ۾ سنا لاءِ لڙائي شروع ٿي. انهيءَ عرصي ۾ گريڪ سئناپتي سيليوڪس نيڪٽر ڀارت تي ٻيهر حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر اُن کي چندر گپت مؤريہ هارائي ڇڏيو. تنهن ڪري مؤريہ سامراجيہ جو سامرٿيہ وڌيو. ڀارت ۾ گريڪ سنا جو اَثر وڌيو ڪونہ. اَفغانستان جي قابول، ڪنڌار، هيرات انهن پرديشن جو چندر گپت مؤريہ جي سامراجيہ ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ ٿيو. مئگستنيس هي سئليوڪس نيڪٽر جو راڄ دوت چندر گپت مؤريہ جي دربار ۾ رهيو هو. هُنجو 'انڊڪا' گرنٿ جو ورڻن اهو مؤريہ ڪال جي ڀارت جي اَڀياس جو اهميت وارو ساڌن آهي.



## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

چندر گپت مؤريہ جي زماني ۾ هاڻوڪي گجرات راجيہ جي جهوناڳڙ ويجهو 'سُدرشن' نالي تلاءُ (ٻنڌ) ٻڌايو هو. کيتي، ريبج ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي رسد ڪرڻ لاءِ انهيءَ تلاءُ جو اُپيوگ ٿيندو هو. پاڻيءَ جو بندوبست سنڀالڻ لاءِ ڪاروبار ۾ خاص عملدار مقرر ڪيل هئا.

اَرٿ شاستر گرنٿ ۾ جل ڀنڊار جو نقصان ڪرڻ تي شخص کي ڪهڙي سزا ڏني وڃي اهو وستار سان ڏنل آهي. سٺي ريت ان رچيل ٽئڪس بندوبست ۽ پاڻيءَ جي هنڌن جي ديکہ ڀال تنهن ڪري مؤريہ ڪال ۾ اثرائتو پاڻيءَ جو بندوبست نرماڻ ٿيو. اڳتي هلي ڪيترن ئي راجائن انهيءَ تلاوَ جي سنڀال ۽ درستيءَ تي ڌيان ڏنو. سُدرشن تلاءَ جي درستي سمراٽ اَشوڪ، شڪ راجا رُدردامن ۽ پوءِ واري عرصي ۾ راجائن پڻ ڪئي. اَن جو ذڪر جهوناڳڙه جي شيلا ليکہ ۾ ڏسجي ٿو.

سُدرشن تلاءُ پراچين ڀارتيہ جل بندوبست ۽ انجنيئر هُنر جو نشان مڃيو ويندو آهي.

### توهان جو ويچار چا آهي؟

پراچين زماني جي پاڻيءَ جو بندوبست جي ڄاڻ جو اُپيوگ هاڻوڪي زماني ۾ ٿيندو چا؟

چندر گپت پنهنجي زندگيءَ جي آخر ۾ راڄ پد جو تياڳ ڪري جين ڌرم سويڪار ڪيو. هو ڪرناٽڪ جي شروڻ بيلگول وٽ رهيو. چندرگپت کان پوءِ اُنجو پٽ بندوسار سنا ۾ آيو. بندوسار سامراجيہ جو وستار ڪرڻ جاري رکيو. هُن انڊو گريڪ 'سترپن' سان مترتا وارو ناتو قائم ڪيو. هنجي بندگيءَ ۾ مؤريہ سامراجيہ جو راڄ جو ۽ آرٿڪ طور تي وڌيڪ مضبوط بڻيو. بندوسار جي مؤت کان پوءِ اُن جو پٽ اشوڪ راجا ٿيو.



موريه ڪال ۾ ڀارت
اُ
اشوڪ جا شلا ليک
اشوڪ جا ٿنڀا
اشوڪ جو سامراجيه
ڀارت جي هاڻوڪي انترراشٽريه حد
هاڻوڪا شهر
هندوڪش جبل
شهباز ڳڙهي
منسيرا
ڪابل ندي
ٽڪشلا
سنڌو ندي
ڪڇ
سوراشٽر
گرنار
ٽوپرا
ڪالسي
ميرٽ
دهلي
(اندرپرست)
بيرات
مترا
جمنا ندي
چنبل ندي
اُجين
روپنات
سانچي
نرمدا ندي
تاپي ندي
سوپارا
گوداوري ندي
سنتي
ڪرشنا ندي
مسڪي
ڪپگل
سدوداپور
برهمگري
نيلور
ڪاويري ندي
چوڙ
پانڊيه
شراوستي
ڪپلوستا
رومنديئي
لليت پاٽڻ
رام پوروا
لوريا نندن گڙهه
لوريا ارارج
پاٽلي پتر
مگڌ
چمپا
سهسرام
ڪاشي
پرياگ
تامرلپتي
مهاندي
ٽڪشلا
جوگڙ
ڪلنگ
آندرا
عربي سمنڊ
بنگال جو اُپ سمنڊ
لکش دويپ
(ڀارت)
انڊومان ۽ نڪوبار ٻيٽ
(ڀارت)
ڪلوميٽر ٥٠٠
شريلنڪا
هندي وڏو سمنڊ

## ٧.٢سمرات اَشوڪ



سمرات اَشوڪ

بندوسار پنهنجي ڪاريہ ڪال ۾ اُڄيني تڪششلا ۾ اشوڪ کي راجيہ پال ڪري مقرر ڪيو هو. اُتي هن راڄ ڪاروبار جو آزمودو ورتو هو. شڪتي، همت ۽ ڏيمان انهن گڻن ڪري هو راجا بڻيو. اُتر اولهہ ۾ افغانستان ۽ اُتر ۾ نيپال کان ڏکڻ ۾ ڪرناٽڪ ۽ آنڌرا پرديش تائين، اوڀر ۾ بنگال کان اولهہ ۾ سؤراشٽر تائين سمرات اشوڪ جو راڄ پکڙيل هو.

### سمرات اَشوڪ جي ڪلنگ تي چڙهائي:

سمرات اشوڪ جي جيون جو سڀ کان اهميت وارو واقعو معني ڪلنگ جي يڌ پراچين ڪلنگ راڄ. اَڄ جي اوڙيسا راجيہ ۾ شامل آهي. اِهو راڄ مؤريہ سامراجيہ جو حصو ڪونہ هو. تنهنڪري اشوڪ ڪلنگ تي چڙهائي ڪئي. اُن ۾ هُنکي جيت ملي. هن لڙائي ۾ لکين سئنڪ ماريا ويا. انيڪ ڇٽا قيد ٿيا. ايتري وڏي نقصان ڪري اَشوڪ کي دک ٿيو. هن يُڌ ڪري سمرات اشوڪ جو سڄو جيون بدلجي ويو.



**ويچار ڪريو :**

ڪلپنا ڪريو توهان پترڪار آهيو. ڪلنگ جي يُڌ ڪانپوءِ اشوڪ جو جيون ڪيئن بدليو. اُن وشيہ بابت توهان هنجي ملاقات وٺڻ وقت ڪهڙا سوال پڇندا.

### سمرات اشوڪ جي ڌرم ڦهلاءُ جا ڪم:

اَشوڪ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. روزاني زندگيءَ ۾ اَهنسا جو آچرڻ، ماتا پتا جي ديکڀال، گروجن ۽ پتا سمان شخص جو آدر ڪرڻ، انهن ڳالهين تي زور ڏنو. سمرات اَشوڪ پنهنجو سنديش ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ هنڌن - هنڌن تي شلا ليکہ ۽ اِستنڀا ليکہ کورايا. اهي ليکہ برهمي لپي ۾ آهن. انهن ليکن ۾ پاڻ کي 'ديوان پيو پيدسي' (ديوتائن جو پريہ ، پريدرشي سڏايو آهي. اهڙا مليل شيلا ليک يعني اشوڪ جي زماني جي اتهاس جا اهميت وارا ساڌن آهن. اُن شلا ليک مان هُن اهنسا، پر اُپڪار، جيو ديا، ڌارمڪ سهشوٽتا ، اُتم چرتر وغيرهہ سُٺن گڻن جو آچرڻ پرجا کي ڪرڻ لاءِ چيو اهو ڏسجي ٿو. ان لاءِ هن سڄي سامراجيہ ۾ڌرم عملدار مقرر ڪيا. اُنهن کي 'ڌرم معامت' چوندا هئا. اهي عملدار ماڻهن ۾اَخلاقي سنديش پهچائيندا هئا. اِنهن تنون جي پرسار لاءِ اَشوڪ پري جي راڄين ۾ٻہ ڌرم پرچارڪ موڪليا. پنهنجي پُٽ مهيندر ۽ ڌيءَ سنگهہ مترا کي هُن ڌرم پرچار لاءِ شري لنڪا موڪليو ان جو ذڪر ملي ٿو. اِن کان سواءِ اولهہ ۾ سيريا ، ايجپٽ، گريس ۽ اوڀر پاسي مينمار وغيرهہ ڪيترن ديشن ۾ اشوڪ ڌرم پرچارڪ موڪليا هئا. اشوڪ پاٽليپتر ۾ٻوڌ ڌرم پريشد ڪوٺائي هئي.

### سمرات جا لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ:

اشوڪ پنهنجي رعت لاءِ ڪيترائي لوڪ ڪلياڻ راجا ڪم ڪيا. هُن دواخانا، دوائن جا گهر ۽ ڌرم شالائون جوڙايون . نگرن ۾ رستي جي ٻنهي پاسي وڻ لڳايا. کوهہ کوٽايا ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جا پيائو جا بندوبست ڪيو. هن جانورن لاءِ پڻ دواخانا جوڙيا. اشوڪ جي شلا ليکن ۾ رعت بابت هنجي جوابداري ، پريم ۽ سيواڀاءُ صاف نظر اچي ٿو.



**اَچو ويچار ڪريو :**

رعت جو ڀلو ڪندڙ ڪاروبارين ٿو ڪهڙا ڳڻ هئڻ گهرجن ۽ اُهي ڪهڙن ڪمن کي اهميت ڏين ان بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪيو.

### ۷.۳ مؤريہ سامراجيہ جو راڄ ڪاروباري سرشتو:

مؤريہ ڪال جي ڪاروباري سرشتي ۾ راڄا جي هٿ ۾ سڀ اڌڪار هئا. راڄا کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪ وشال منتري پريشد هئي.

اُن ۾ جُدا جُدا وياڀڳن جا مکيہ هئا. تن کي ’اڌيکش‘ چوندا هئا. ان جا ڪي مکيہ مثال معنيٰ پاڻ اڌيکش (واپار جو مکيہ اڌڪاري) ۽ ’سيتا ڌيکش‘ (کيتي جو مکيہ اڌڪاري)

مؤريہ ڪال ۾ جاسوسي ڪاتو بيحد چُست هو. ڪوٽليہ جي اَرٿ شاستر ۾ جاسوسي ويوستا جو وستار سان ورڻن آهي. اَرٿ ويوستا جي ۽ ٽئڪس ويوستا جو روپ پڻ طئہ ٿيل آهي. رعيت جي ڀلي حفاظت ۽ ڌرم ڪارين لاءِ راڄ ڪوش مان خرچ ڪيو ويندو.

راڄ ڪاروبار جي سهوليت لاءِ راڄين کي ڇئن وياڀڳن ۾ ورهايو ويو آهي.

| وياڀڳ | راڄڌاني |
|---|---|
| اوڀر | توشالي |
| اولهہ | اُجيني |
| ڏکڻ | سُورڻ گري |
| اُتر | ٽڪششلا |

راڄ ڪاروبار ٽن مکيہ سطحن تي ورهايل آهي.

**مرڪزي ڪاروبار** - راڄڌاني پاٽليپتر ڪان سامراجيہ جا سڀ فيصلا ورتا ويندا هئا. راڄا منتري پريشد ۽ وياڀڳ جو عملدار انهن جي مدد سان سڄي سامراجيہ جو ڪاروبار اٿرڊار نموني ڪيو ويندو هو.

**راڄين جو ڪاروبار**- سامراجيہ الڳ الڳ راڄين ۾ ورهايل هو. هر هڪ راڄيہ ۾ ڪُمار (راڄ پٽر) ۽ **معاماتيہ** (ڪاروباري اَڌڪاري) انهن جي مدد سان ضابطو رکيو ويندو هو.

**مڪاني ڪاروبار** - ڳوٺن ۽ نگرن جي سطح تي ڳوٺ (ڳوٺ جو پرمک)، نگر ۽ مڪاني سميتن جي معرفت روزانو ڪاروبار ، ٽئڪس ، نياءَ ۽ سنو بندوبست انجو بندوبست ڪيو ويندو هو.



### ڄاڻ آهي ڇا توهان کي؟






توهان ڀارت جي راڄ مُدرا ۾ راشٽريہ جهنڊي جي اَشوڪ چڪر کي ڏٺو آهي ڇا؟ ان نشان بابت توهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟ ان بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ اُن تي چرچا ڪيو.

### ۷.۴ ڪلا، اِستاپتيہ ۽ لوڪ جيون

موريہ ڪال جي شلپ ڪلا بيحد وڪست هئي. سمراٽ اَشوڪ جي حُڪم سان کڙا ڪيل ٿنڀا ۽ استوپ اهي انجا سُهڻا مثال آهن. موريہ ڪال جي شلپن ۾ شينهن ، هاٿي، ٻيل جهڙن پراڻين جا چترَ ڏنا ويا آهن.



اَشوڪ جو ٿنڀو

ڪيترن ئي مسافرن جي لکيل سفرنامي ۾ راڄڌاني پاٽليپترو وڏي راڄا جي محل جو ورڻن مِلي ٿو. ان عرصي ۾ کوٽايل بهار راڄيہ جي باراٻار غفائون سڀ کان پراچين آهن. سانچي ۽ ڀرت ۾ اِستوپ، سارناٿ اِستوپ اِهو ان زماني جي اِستاپتيہ ڪلا جو اُتم نمونو آهن.



باراٻار جون غفائون

موريہ ڪال ۾ پٿرن کي خاص هُنر سان گول مٿول ۽ چمڪندڙ گهسيو ويندو هو جيئن اُن تي عارضي جهڙو عڪس ڏسجي. رٿن ۽ گهوڙن جون شرطون، ملهہ-يُڌ، نرتيہ سنگيت مقابلا اهي وندر جا لوڪپريہ پرڪار هئا. نڪرين جو کيل ۽ شطرنج جهڙيون رانديون وڏي چاهہ سان کيڏنديون هيون.



### ڪري ڏسو :

موريہ ڪال جا ٿنڀا ، شلا ليکن، شلپ انهن جا چتر گڏ ڪريو ۽ ڪاپي ۾ چيڪايو.

موريہ ڪال ۾ لوڪ جيون امير ۽ سکي هو. کيتي ۽ جي پيداوار کي اهميت هئي. کير، ڏهي، گيهہ، الڳ الڳ ڦل، جانور، جوَ وغيرهہ کاڌي ۾ شامل هئا.



### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

مؤريه ڪال جي لوڪ جيون بابت مئگستنس جي ’انڊڪا‘ ان گرنٿ مان گهڻي ڄاڻ ملي ٿي. مئگستنس چوي ٿو. هتان جا ماڻهون محنتي ۽ سنڀالي خرچ ڪرڻ وارا آهن. اُهي انيڪ ڪلائن ۾ پريڙ آهن. هاري سال ۾ ٻه فصل لڙندا آهن، لڙائي چالو هوندي به ڪسانن کي ڪوئي تڪليف ڪونه ڏيندو آهي. دشمن پڻ فصل کي خراب ڪونه ٿا ڪن. ماڻهو خوش ۽ جوابدار آهن. چوري گهٽ ئي ٿيندي آهي. ماڻهو ڪورٽ ۾ گهٽ ئي ويندا آهن. ڪير به ڪنهنجو غلام ٿي نٿو سگهي.

سمراٽ اَشوڪ جي موت کان پوءِ مؤريه سامراجيه جي شڪتي ڌيري ڌيري گهٽجندي ويئي. مڪاني ڪاروباري آزاد ٿيڻ لڳا ۽ سامراجيه جا ٽڪر ٿيا. مؤريه سامراجيه جو آخري راڄا برهدرٿ جي پڇاڙي ڪري پشيمتر شنگ - شنگ گهراڻي جي اِستاپنا ڪئي.



## - ابياس -

سوال ١ (الف) نهڪندڙ متبدل ☑ سامهون هي نشاني ڪريو:

١.’مُدراسڪس‘ ان ناٽڪ جي ڪٿا جو وشيه

(الف) جاسوسي ڪاٽي جو ورڻن ☐

(ب) نند گهراڻي جي زوالت ۽ چندر گپت جا ڪاريه ☐

(ٿ) موريه ڪال جو لوڪ جيون ☐

٢. آچاريه چاڻڪيه جي لکيل اِرٿ شاستر گرنٿ ۾ هينيون ٻالهيون هيون.

(الف) سداچار جي تتون کي همتايو. ☐

(ب) ڪلنگ جي ڏيڏ جو ورڻن ☐

(پ) ڪاروباري ويوسٿا، ٽئڪس، حفاظت ۽ سياست ☐

٣. مئگستن جي ’انڊڪا‘ گرنٿ مان هينين ٻالهين جو ذڪر ملي ٿو.

(الف) جل پيندار جو نقصان ڪرڻ تي شخص کي کهڙي سزا ڏجي، انجي رهبري ☐

(ب) اَهنسا ، جيو ديا، پراُپڪار، ڌارمڪ سهنشيلتا، اُتم چرتر وغيره سدگڻ جو وهنوار پرجا کي ڪرڻ گهرجي ☐

(ٿ) هتان جا ماڻهو محنتي ۽ سنڀالي خرچ ڪرڻ وارا آهن. اِهي ڪيترن ئي ڪلائن ۾ پريڙ آهن. ☐

(ب) نالا لکو :

١. نند گهراڻي جو آخري راڄا .....................

٢.’ديوان پيوپيدسي‘ ...............

٣. مئگستنس جو لکيل گرنٿ ...............

سوال ٢ (الف) سنڪلپنا چتر پورو ڪريو

مؤريه سامراجيه

- برپا ڪندڙ ------------
- ٻوڌ ڌرم قبول ڪندڙ سمراٽ --- --------
- گجرات ۾ تلاءُ --- --------
- آخري راڄا : ---------

(ب) گهٽنا وقت جي سلسلي انوسار لکو:

١. سمراٽ اَشوڪ ٻڌ ڌرم قبول ڪيو.

٢. ڪلنگا جي لڙائي ۾ سمراٽ اَشوڪ جي جيت ٿي.

٣. اُڄيني ۽ ٽڪششلا ۾ اَشوڪ کي ڪاروباري طور مقرر ڪيو ويو.

۴. پٽ مهيندر ۽ ڌيءَ سنگهمترا کي ڌرم جي پرچار لاءِ شري لنڪا ۾ موڪليو

سوال ٢ (الف) ٽوري ۾ جاڃ لکو:

١. سمراٽ اَشوڪ جا ڌرم ڦهلاءَ جا ڪم.

٢. مؤريہ ڪال جي شلپ ڪلا

(ب) هينيان واقعا ڪيئن ٿيا؟ ڪارڻ ٻُولهيو.

١. سمراٽ اَشوڪ هنسا جو رستو ڇڏي ٻُڌ ڌرم قبوليو.

٢. چندر گپت مؤريہ ڌناند کي شڪست ڏني.

سوال ۴ هيٺين سوالن جا جواب وستار سان ڏيو:

١. سمراٽ اَشوڪ پنهنجن شلا ليکن مان رعيت لاءِ ڪهڙيون سوچنائون ڪيون؟

٢. سُدرشن تلاءُ پراچين ڀارت جي پاڻيءَ جي بندوبست ۽ انجنيئرنگ هُنر جو نشان ڇو سمجهيو ويندو آهي؟

٣. ٻُڌ ڌرم قبول ڪرڻ کان پوءِ سمراٽ اَشوڪ پنهنجو پاڻ ۾ ڪهڙو بدلاءُ آندو؟

**مشغولي**

١. مان چاڻڪيہ چوان ٿو ......... ان هڪ پاتر واري پريوگ سان مؤريہ سامراجيہ جي ڄاڻ پريپاٺ ۾ پيش ڪيو.

٢. توهانجي آس پاس پاڻيءَ جو بندوبست ، رين واٽر هارويسٽنگ، هر گهر جل جي ڄاڻ حاصل ڪري ان تي چرچا ڪيو.

***



# ٨ پراچين ڀارت جا ۽ مهاراشٽر جا راڄ ۽ راڄگهراڻا


٨.١ شنگ گهراڻو
٨.٢ ڪٹوُگهراڻو
٨.٣ انڊو گريڪ (يون) حڪمران
٨.۴ شڪ حڪمران
٨.۵ ساتواهن گهراڻيو
٨.٦ ڪوشاڻ حڪمران
٨.٧ گپت گهراڻو
٨.٨ ورڌن گهراڻو


ڀارت جو نقشو جيڪڏهن ڳالهائڻ لڳو تہ؟

ڪلپنا ڪيو تہ ڀارت جو نقشو توهان سان ڳالهائي ٿو. نقشو چوي ٿو:

”پراچين ڪال ۾ منهنجي اندرين سيمائون ۾ ڪيترن ئي سامراجين جي لاهي چاڙهي ڏني آهي. ڪي حڪمران آياست سمُنڊ پار ڪان، ۽ تہ ڪجھ هتان جا مڪاني هئا.“

سمرات اَشوڪ ڪان پوءِ مؤريہ سامراجيہ ۾ گراوٽ شروع ٿي ۽ آخر ۾ لُٽپ ٿي. ڀارت ورش ۾ انيڪ ننڍا وڏا حڪمران اُسريا مؤرين ڪان پوءِ شنگ ۽ ڪٹوُ انهن پنهنجا راڄ برپا ڪيا . انهي عرصي ۾ اسانجي ديش تي گريڪ (يون) ، شڪ، ڪوشاڻ انهن وديشن جو حملو ٿيندو رهيو. ڪجھ وقت هننجو راڄُ هتي برپا ٿيو. انهيءَ وقت ۾ ڏکڻ ۾ ساتواهن گهراڻو اُسريو هو. اُن ڪان پوءِ واڪاٽڪ ۽ اُتر ۾ گپت گهراڻي جو راڄ اِستاپن ٿيو. گپت راڄ جي پڇاڙيءَ ڪان پوءِ ورڌن گهراڻو خاص اثردار ٿيو.“

نقشو توهان ڪان پڇي ٿو:

- نقشي جي جاچ جوچ ڪرڻ ڪانپوءِ توهانکي ڪهڙيون ڳالهيون سمجهيون؟
- اِتهاس سمجهڻ وقت توهانکي منهنجي مدد ڪيئن ٿي؟
- گپت سامراجيہ هي هڪ وڏو اهميت وارو سامراجيہ هو. مهاراشٽر ان سامراجيہ جو حصو هو. ڇا اِهو ڄاڻيو؟“

ٻارو، ڀارت جي نقشي سان گڏ ڪجھ پراچين حڪمرانن جي اتهاس جي جاچ جوچ ڪرڻ لاءِ توهان کي هڪ انوکي سفر تي وٺڻ لاءِ وٺندو ڇا؟اَچو تہ پوءِ !

## ٨.١ شنگ گهراڻو:

سمرات اَشوڪ ڪان پوءِ مؤريہ سامراجيہ ۾ راڄائي اِسترتا وڌڻ لڳي ۽ سامراجيہ پنتي پوڻ لڳو. نتيجي طور تي مؤريہ سامراجيہ جو حصو هوندڙ ننڍا - ننڍا حڪمران آزاد ٿيڻ لڳا هئا. اَهڙي استر حالت ۾ مؤريہ سئنا جو سئناپتي پشپ متر شنگہ سَتا پنهنجي هٿ ۾ ڪنئين. پشپ متر اهي ويدڪ ڌرم کي مڃيندڙ هو. هُن اشوميڌ يگيہ ڪيو، تنهنڪري هنجي راڄائي قائم ٿي. هُن جي راڄ جو وستار پنجاب ۾ جلندر ۽ سيالڪوٽ (شاڪل) تائين اهو ائين ڏسجي ٿو.

## ٨.٢ ڪنوُ گهراڻو:

ديو ڀوتي شنگہ گهراڻي جو آخرين راجا . اُن ڪان پوءِ شنگ گهراڻي جي پڇاڙي آئي ۽ ڪٹوُ گهراڻي جي اِستاپنا ٿي. ڪٹوُ گهراڻي جو برپا ڪندڙ وسوديو ڪٹوُ هو. هُن ڪلا، سيپتا ۽ تعليم کي همٿايو هو.

### ۸.۳ انڊو گريڪ (يون) حڪمران

سڪندر جي ڀارت تي چڙهائي ڪان پوءِ هن جي سئنا جا انيڪ عملدار ۽ سئنا عملدار (ڀارت جي اُتر اولهه ڀاڱي ۾ ٽائنڪا ٿيا. اڳتي هلي اُنهن آزاد راڄ نرماڻ ڪيا. اُنهن کي 'انڊو گريڪ' 'يون' ڪري چوندا آهن.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

پراچين ڀارت ۾يون اهو لفظ گريڪ ماڻهن لاءِ واپرايو ويندو هو. اِن لفظ جو بنياد ''آيونين'' انمول گريڪ لفظ مان ٿي آهي.

انڊو گريڪن کي ڀارتيه ساهتيه، شلا ليک ۽ گرنٿ انهن ۾'يون' ائين سڏيندا هئا. اڳتي هلي وديش مان ايندڙ سپني کي 'يون' چوڻ لڳا. اَفغانستان ۾، پنجاب ۽ گانڌار انهن پرديشن ۾انڊو گريڪن ستا جو مضبوط پايو وڌو. انهن مان سڀ ڪان مشهور ۽ لوڪپريه راجا معنيٰ منينڊر (جنهن کي 'مِلينڊ' ڪري سڏيندا هئا. منينڊ رهي ودوان، وئدو ۽ پرجا جو پلو ڪندڙ حڪمران ڪري سڃاڻيو ويندو آهي. منينڊر ۽ ٻوڌ ڀکو ناگسئن وچ ۾ ٿيل سوال جواب گفتگو 'ملند پناهه' ان مشهور گرنٿ ۾ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. ان ۾ ٻوڌ ڌرم جي تتو گيان جو ورڻن آيل آهي.

انڊو گريڪ راجائن جي سڪي تي گريڪ کروشٽي انهن ٻن لپين ۾ لکيه ملن ٿا. سڪي تي هڪ پاسي راجا جي شڪل، اُن جي سِر جو بچاءُ ڪرڻ وارو ٽوپ ۽ ٻنئين پاسي ڪنهن ديوتا جي پرتيما ڪوريل هوندي هئي. اُن تان اُن سڪي تي گريڪ شيليءَ جو اَثر صاف ڏسجي ٿو. اُن جي اياماڪاريءَ ۾واپار، خاص طور اولهه ايشيا سان هلندڙ ساموندي ۽ خشڪي واپار وڏي انداز تي وڌيو.



انڊو-گريڪ نالو : اڳيون پاسو ۽ ٻنيون پاسو

**چا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

گانڌار شپلي اها ڀارت جي اُتم ڪلا شيلن مان هڪ مڃي ويندي آهي. ان شيليءَ تي گريڪ شيليءَ جو اَثر ڏسجي ٿو. ان ڪلا شيليءَ جو وڪاس مکيه طور ڪُشاڻن جي وقت ٿيو. ۽ سندر ڏسجي ٿي.



هاڻوڪو پاڪستان ، اَفغانستان اُتر ۽ اولهه جي ڀارت اهو پرديش ان ڪلا شيليءَ جو مکيه ڪيندر هو. گانڌار شيليءَ ۾ماڻهوءَ جي مورت بلڪل جيئري گانڌار شيئلي ۾پهريون دفعو گوتم ٻُڌ جون انيڪ مورتيون جوڙيل ڏسجي ٿي.

### ۸.۴ شڪ حڪمران:

مؤريه ڪال ڪان پوءِ واري زماني ۾ڀارت جي اُتر اولهه واري سرحدي کيبري دري مان انيڪ وديشي ڀارت ۾داخل ٿيا. اُنهن مان هڪ معنيٰ شڪ. اُنهن کي 'سِڪٿيين' ائين پڻ چوندا آهن. شڪستان يا شيستان اهو پراچين ڪال ۾شڪن جو مکيه پرديش هو. ان پرديش مان ايندڙ ماڻهن کي گريڪ ۽ رومن پرمپرا ۾'سڪٿيين' ڪري چوندا هئا. شڪستان هاڻوڪي ايران جي، افغانستان جي ۽ اُتر اولهه ڀارت جي ڪجهه ڀاڱن ۾ڦهليل هو. وچ ايشيا ۾لڏپلاڻ ڪندي اُنهن اولهه ڀارت جي گجرات، مهاراشٽر ۽ مالوا وٽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

رُدردامن پهريون پارت جو شڪ راڄ ڪندڙن مان سڀ کان مشهور ۽ شڪتي شالي حاڪم هو. ان جي عرصي ۾ واپار وڌيو ۽ سماجڪ حالت وڌيڪ ٺائنڪي ٿي.



جهوناڳڙ جا شلا ليک

رُدردامن جو جهوناڳڙه شلا ليک مشهور آهي. ان شلا ليک بابت پوئين باب ۾ پڙهيو آهي. ان شلا ليک ۾ هُنجي ڪاروباري بندوبست جي اعيت جي پلي لاءِ ڪيل ڪمن جي ۽ يڌ جي پراڪرم جي وستار سان ڄاڻ ملي ٿي.

شڪن جي زماني ۾ ساموندي واپار وڌي پئماني تي وڌيو هو. شڪ دِڪن (بندر) جو وڪاس ڪيو. واپارن کي سورڪشا ڏني. اها سکا خاص ڪري چانديءَ جا هوندا هئا ۽ اُن تي براهمي لپيءَ جا ليک ملن ٿا. تنهن ڪري پارتيہ ناڻي شاستر جو اڀياس ڪندي شڪن جا سڪا خاص اهميت وارا مڃيا وڃن ٿا. انهن سڪن تي شڪ سنبت جو ذڪر ملي ٿو. اها سکا پراچين پارت جي اتهاس جا اهميت وارا ساڌن آهن.



### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

شڪ سنبت هي پارتيہ ڪال ڳڻنا جو هڪ اهميت وارو طريقو آهي. اَڄ بہ اَساڻجي پنچانگ ۾ واپرايو ويندو آهي. سال کي ’سنوتبير‘ چوندا آهن ۽ هرهڪ سنبت کي خاص نالو ڏنو ويجي ٿو. شڪ سنبت جي شروعات ع.س. ۷۸ ۾ ٿي.

اَڄ جو هلندڙ سال شڪ ڪال ڳڻپ ۾ ڪيترو آهي. ڄاڻڻ هجي تہ هيٺين نموني حساب ڪريو.

عيسيوي سنہ جو هلندڙ سال کان ۷۸ ڪٽ ڪيو، تہ هلندڙ شڪ سال ڪهڙو اهو ڄاڻي سگهجي ٿو.

مثال - ع.س. سال ۲۰۲٦ - ۷۸ ’هاڻوڪو شڪ سال ۱۹۴۸.

اسان جي پاٺيہ پستڪ جي شروعات ۾ پڻ توهان کي اهڙي تٿي ڏسبي، ڏسو ڀلا!



### ڪري ڏسو

متئين مثال جي آڌار تي توهانجي ڪٽنب جي پاتين جو يا توهانجي دوست - ساهيڙي جي جنم سال جو شڪ سنبت ڳولهيو.

## ۸.۵ ساتواهن گهراڻو

ساتواهن گهراڻو هي مهاراشٽر جي اتهاس جو پهريون شڪتي شالي سامراجيہ طور سڃاتو وڃي ٿو. مؤريہ سامراجيہ کان پوءِ واري وقت ۾ ديش ۾ انيڪ هندن تي راجائي اَسترتا نرماڻ ٿي هئي، واپار گهٽجي ويو هو. وديشي حملا وڌيا هئا. اهڙي حالت ۾ سِموڪ ان راجا ساتواهن گهراڻي جي اِستاپنا ڪئي. ساتواهن مهاراشٽر، آنڌراپرديش، ڪرناٽڪ، مڌيہ پرديش انهن ڀاڱن تي پنهنجو سامراجيہ قائم ڪيو. ساتواهنن ۾ سڀ کان مشهور ۽ شڪتي شالي راجا معني گوتمي - پُٽر ساتڪرڻي. هُن شڪ ۽ يون جهڙن وديشي طاقتن کي هارائي پارت جي مڌيہ پرديش کان مهاراشٽر تائين اِستر ۽ لاڳيتو سامراجيہ ڪڙو ڪيو. اُن جي پراڪرم جو ورڻن اُن جي ماتا گوتمي بلشر جي ناسڪ واري ترمشمي غفا جي شلا ليک تي ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. اُن ۾ هنکي ’تري سمو درتوية پيتواهن‘ ائين چيل آهي. انجو مطلب جنهنجي گهوڙي ٽن سمنڊن جو پاڻي پيتو آهي. ٽي سمنڊ معنيٰ عربي سمنڊ، بنگال جو اُپ سمنڊ ۽ هندي مهاساگر.

ساتواهن جي عرصي ۾ واپار جو وستار ٿيو. سنڌس راڄ مان ريشم مارگ ۽ ساموندي واپاري مارگ ويندو هو. تنهنڪري پارتيہ واپارين جو روم، گريڪ جهڙن پري جي ملڪن سان واپار ٿيو.

### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

عيسوي سن اڳ پهرين صديءَ جي زماني جي راڄا پوڙو ماوي جي سکي مٿان



جهاز جوهي چِٽر آهي. سکي مٿان هي چِٽر ساتواهنن جي زماني جي سامونڊي رستي هلندڙ واپار جي هدايت ڏيڻ وارو آهي.

انهن جي سکي تي براهمي ۽ پراڪرت جا ليک ڏسجن ٿا. سانسڪرتڪ نظريي سان ساتواهن زمانو بيحد خوشحاليءَ وارو مڃيو ويندو آهي. ان زماني ۾ ٻڌ ڌرم جي اهميت وڌي ۽ انيڪ ٻڌ غفائون کوٽيون ويئون. ناسڪ، ڪارلا، ڪانهري، ڀاجي، پتل کورا اِهي مشهور غفائون ساتواهن زماني جون آهن.




## ٨.٦ ڪُشاڻ حڪمران:

ڪُشاڻ گهراڻو اصل مڪيہ وچ ايشيا جو هو. هنن اَفغانستان، پاڪستان ۽ اَڳتي اُتر ڀارت ۾ داخل ٿيا. ۽ ڀارتيہ اُپ کنڊ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. اُنهن مان سڀ کان مهان ۽ اَثردار راڄا معنيٰ سمراٽ ڪنشڪ . ڪنشڪ جي وقت ۾ ڪُشاڻ سامراجيہ تمام وشال ٿيو هو. مِٿورا پرديش کان پنڄاب، اَفغانستان، ڪشمير تائين هُنن جو راڄ هو.

ڪنشڪ پنهنجي راڄڌاني پُرش پورو اَڄ جي پيشاور ۾ استاپت ڪئي. ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءُ لاءِ گهڻ همٿايو هو. اُن جي زماني ۾ ٻُڌ پريشد سڏائي وئي.

ڪشاڻ راڄائي ۾ واپار ۽ اَرٿ ويوسٿا تمام گهڻي وڌي. ڀارت، چين، روم ۽ وچ ايشيا کي جوڙيندڙ مشهور ريشم مارگ ، هُنن جي ضابطي هيٺ هو. ان مارگ سان مصالحا، ڪپڙو، ڌاتو، ريشم ۽ وغيرهہ جو وڏي پئماني تي واپار ٿيندو هو. ڪُشاڻن سون ۽ چانديءَ جا عمدا سڪا ٺاهيا.

انهن سڪن تي ڌار ڌار ديوي-ديوتا تن جا چٽر ڏسجن ٿا. مثال هِرڪلس (گريڪ ديوتا)، شِوُ (ڀارت جو ديوتا)، ان تان ڪُشاڻن تي الڳ الڳ سانسڪرتڪ پرواهن جو اَثر ڏسجي ٿو.

### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

ڪنيشڪ جي ايامڪاريءَ ۾ چوٿين ٻڌ ڌرم جي پريشد ڪُندلون (ڪشمير) ۾ ڪوٺائي ويئي هئي. ان پريشد ۾ ٻڌ ڌرم جي سکيائن جي نئين سِر رچنا ڪئي ويئي ۽ ٻڌ تتيو گيان وڌيڪ وياپڪ روپ ۾ پيش ڪيو ويو. ان پريشد ۾ ’هينيان‘ ۽ ’مهايان‘ اهي ٻہ الڳ پنٿ قائم ٿيا. مهايان پنٿ مورتي پوڄا کي قبوليو. ان عرصي ۾ مٿورا گانڌار انهن ڪلاسيئلن ۾ گوتم ٻڌ جي پرتيما نرماڻ ڪيا ويا.

### اَچو ٿورو ويچار ڪريو؟

سڪا ٺاهڻ جي شاستر جي اڀياس ڪندڙ سِڪن جو باريڪي سان اڀياس ڪندا آهن ۽ اُن آڌار تي اُن - اُن زماني جي اِتهاس جي رچنا ڪن ٿا. توهان اِها ڪوشش ڪري ڏسو نيڪ آهي! چِٽر ۾ ڏنل ڪنشڪ جي سکي جو باريڪي سان ڄاچ ڪريو.

سڪي جي ٻنهي پاسي مٿان چٽر ۾ ليکه تان توهان کي ڇا ٿو ڏيان ۾ اَچي. اهو ڪاپيءَ ۾ لکو.



## ٨.٧ گپت گهراڻو:

گپت سامراجيه جو عرصو اهو پراچين ڀارت جو 'سورڻ ڪال' مڃيو ويندو آهي. شري گپت، هي گپت گهراڻي جو برپا ڪندڙ هو.

گپت سامراجيه جي وستار جي شروعات پهرئين چندر گپت جي زماني ۾ ٿي. اُن ڪان پوءِ سنا تي آيل سمدر گتپ جي پراڪرم جو ورڻن اُن جي دربار جي ڪوي هريشيڻ جي لکيل ساراهه ۾ نوٽ ڪيل آهي. اها ساراهه املهآباد جي اَشوڪ جي ٿنڊي تي سمرات اَشوڪ جي ليکه هيٺيان اُڪريل آهي. ڀارت ۾ ڪشمير ڪان نرمدا تائين ۽ ڏکڻ ۾ ڪانچيءَ تائين سمدر گپت پنهنجو سامراجيه برپا ڪيو. پوءِ راجا ٻيون چندر گپت عرف ڪرماِدتيه جي زماني ۾ گپت سامراجيه خوشحاليءَ ڏانهن وڌيو. هُنجي حاصل ڪيل شڪن ي جيت اها هنجي اِياماڪاريءَ جي سپ ڪان وڏيڪ اهميت واري گهٽنا مڃي وڃي ٿي. هن جي ڪاريه ڪال ۾ فائين نالي جو هڪ چيني مسافر ڀارت ۾ اَچي ويو. اُن گپت سامراجيه جي شانتيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ساراهه ڪئي ڏسجي ٿو. هنجي سڀا ۾ ڪاليداس، ڌنونتري، وارهميهر جهڙا مهان ودوان هئا.



سمدر گپت جي زماني وارا سڪا

گپت راجائن جي ڪال ۾ ڪلا، ساهتيه، حساب، کگول شاستر، ڌاتوڪرم، تعليم ۽ ڌرم انهن جو وڪاس ٿيو. (آسماني علم) سڪند گپت اهو گپت گهراڻي جو آخري شڪتي شالي راجا هو.

**توهانجو رايو ڇا آهي؟**

گپت ڪال کي 'سورڻ ڪال' ڇو چوندا آهن؟

## ٨.٨ ورڌن گهراڻو:

گپت سامراجيه جي پنتي پوڻ تي اُتر ڀارت ۾ ڪيترا راجائي اَسترتا نرماڻ ٿي هئي. الهه-الهه پرديشن جا راجا راڄ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان لڙندا هئا. اهڙي اَستر حالت ۾ ورڌن گهراڻي جو اُسرڻ ٿيو.

دهلي ويجهو ٿانيسر ان هنڌ تي پريا ڪروورڌن نالي جو راجا راڄ ڪندو هو. ساڳي عرصي ۾ ورڌان گهراڻو اَٿردار بڻيو. پر ان گهراڻي کي اتهاسڪ اهميت حاصل ٿي. اُها هنجي پٽ سمرات هرش ورڌن جي ڪري. هُن سڄي اُتر ڀارت کي گڏي ڪري هڪ شڪتي شالي سامراجيه ٺاهي تيار ڪيو. هرش ورڌن ڪنوج هينجي راڄڌاني قائم ڪئي. هنجو سامراجيه پنجاب، هرياڻا، اُترپرديش، بهار ۽ بنگال تائين ڦهليل هو.

هرش ورڌن هي ڌرم شيل، ديالو، ماڻهن جو ڀلو ڪندڙ ۽ دان وير راجا ڪري ڄاتو وڃي ٿو. هُن ڌارمڪ اُتسون کي همٿايو.


عيسوي سن چوٿين کان ڇهين صديءَ ۾ پارت
هاڻوڪي پارت جي انترراشٽريہ حد
ڪلوميٽر ٥٠٠
گپتائن جو سامراجيہ
هاڻوڪا شهر
ڪشمير
هندوڪوش جبل
پرشپور
تبت
سنڌو ندي
دهلي
(اندرپرست)
يمونا ندي
نيپال
ڪنوج
گنگا ندي
ويشالي
ڪام روپ
چنبل ندي
پاٽليپتر
پرياگ
چنپا
ماڙوا
ڪاشي
بوڌگيا
بنديل کنڊ
ڪڇ
اُجين
سانچي
سوراشٽر
نرمدا ندي
تامرلپتي
ولڀيا
ڀڙوچ
تاپي ندي
مهاندي
واڪاٽڪ
سوپارا
گوداوري ندي
ڪرشنا ندي
عربي سمنڊ
بنگال جو اُپ سمنڊ
تنگڀدرا ندي
پلو
ڪانچي
ڪاويري ندي
چول
لڪش دويپ
(پارت)
انڊومان ۽ نڪوبار ٻيٽ
(پارت)
پانڊيم
شريلنڪا
هندي وڏو سمنڊ



## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

هڪ پيري هرش ورڌن ڏنو ته سندس راڄڌانيءَ جي هڪ غريب ڪٽنب جي اَناج پاڻيءَ بنا خراب حالت بڻي آهي. اهو ڌيان ۾ ايندي ئي راڄا خود (پاڻ) راڄ محل جي ٻاهر آچي اُن ڪٽنب کي دان ڪيو. هُن کي اِئين لڳو ته صرف اَناج ڏيڻ پورو نه آهي، ته ماڻهن کي تعليم ۽ صحت جي سهوليت پڻ ڏيڻ گهرجي. هُن فرمان ڪيو ته هرهڪ ڳوٺ ۾ وديالير اِسٿاپت ڪيا وڃن، دواخانا کوليا وڃن ۽ ٻکون کي اناج ۽ گهر ميسر ڪري ڏنو وڃي. هرش ورڌن جي دان وير ڪري راڄ جي سڄي رعيت کي اُن بابت آدر ۽ پريم هو.

هڪ پيري هرش ورڌن پنهنجي دربار ۾ سڀا ورتي ۽ چيو ته راڄ جي سڄي خوشحالي ماڻهن جي آنند ۽ ڪلياڻ ۾ آهي. جيڪو دان ڪري ٿو اُهو ئي سچو بلوان راڄا هوندو آهي.

چيني مسافر يوان شوانگ، هن پنهنجي سفرنامي ۾ پڻ هرش ورڌن جو دان وير بابت لکيل آهي. هُن جو چوڻ هو ته سمراٽ هرش ورڌن هر پنجين سال پرياگ راڄ ۾ دان جو وڏو اُتسو انتظام ڪندو هو. اِن اُتسو ۾ هري پيري هو پنهنجي سڄي ملڪيت ۽ سمپتي دان ڪندو هو. هرش ورڌن جو هي دان ڌرم ايترو مشهور ٿيو ته اِڄ به هُنکي 'دانوير' سمراٽ ڪري سُڃاتو وڃي ٿو.

ڏکڻ ڀارت جي چالُڪيه سامراجيه سان هرش ورڌن جي لڙائي ٿي. چالڪين جو راڄا پولڪيشي ٻئين هن جو ڏکڻ ڀارت جي اندر داخل ٿيڻ روڪيو. تنهن ڪري هرش ورڌن جو سامراجيه گنگا جي ماٿريءَ تائين محدود رهيو. اُن جي مؤت (وفات) کان پوءِ ورڌن سامراجيه ۾ گراوٽ آئي.



## ڪري ڏسو -

هڪ نقشي واري ڪاپي تيار ڪريو. هر هڪ گهراڻو ڏيکارڻ لاءِ استينسل جي آڌار تي ڀارت جو نقشو ڪيو. هر هڪ گهراڻي جي پرديش کي الڳ رنگ ڏيو ۽ اُنهن جي راڄڌاني، ذڪر جهڙا هنڌ، واپاري رستو لاءِ ڪجهه نشانين جو اُپيوگ ڪيو.



## - اڀياس -

سوال ١ (اَلف) هڪ سٽ ۾ جواب لکو:

١. مؤريه سئنا جو سئناپتي
٢. ڪٽوُ گهراڻي جو برپا ڪندڙ
٣. پوڏي ڀکشو ناگسين ۽ منيندر جو گفتگو گرنٿ
٤. پارتيه وقت جي ڳڻپ جو هڪ اهميت وارو طريقو

(ب) 'ڪيرُ' اُهو لکو:

١. 'تريسمُدر توپيتيوان' ائين ڪري سڏيو ويو آهي.
٢. هن جي اَيامڪاريءَ ۾ پوڏي ڌرم جي چوٿين پريشد ٿي هئي.
٣. هي گپت گهراڻي جو برپا ڪندڙ سمجهيو ويندو آهي.
٤. هي هر پنجين سال پنهنجي سڄي سمپتي دان ڪندو هو.
٥. هن هرش ورڌن کی هارائی ورڌن سامراجيه جو ڏکڻ پاسي وستار کي روڪيو.

سوال ٢ (اَلف) سنڪلپنا چتر مڪمل ڪريو




(ب) ڏنل واقعن کي تاريخ جي ترتيب سان ترتيب ڏيو:

١. سمرات اَشوڪ کان پوءِ مؤريه سامراجيه ۾ اَستر تا وڌڻ لڳي.
٢. واسوديو ڪڻُو هي ڪڻُو گھراڻي جو برپا ڪندڙ هو.
٣. مؤريه سئنا جو سئناپتي پشپ متر شنگ هن ستا هٿ ڪئي.
٤. ديو يوتي هي شنگ گھراڻي جو آخري راجا هو.

سوال ٣ (الف) ٿوري ۾ جواب ڏيو:

١. انڊو گريڪ راجائن جا سڪا
٢. ڪشاڻ حاڪمن تي الڳ الڳ سانسڪرتڪ پرواهن جو اَثر.

(ب) سبب لکو.

١. پراچين زماني ۾ڀارت جو دورو ڪندڙ پرڏيهي مسافرن پاران لکيل سفرناما اِتهاس جي ساڌن طور اهم آهن.
٢. گپت ڪال کي پراچين ڀارت جو ’سورڻ ڪال‘ سمجھيو ويندو آهي.

عملي ڪم

توهان پنهنجي مائٽن سان گڏ ڪنهن سفر سير تي وڃڻ کان پوءِ اُن جو رڪارڊ رکو.

مثال

- وڃڻ لاءِ ڪهڙي گاڏي استعمال ڪئي؟
- اُتي ڇا ڏٺو؟
- اُتان جو جاگرافيڪل خاصيتون.
- اِن جاءِ جي ڪلا، ٻولي، کاڌو

مشغولي

• نقشي تي ساتواهن ڪال جي اتهاسڪ جڳھين کي ڏيکاريو.

• ڪرنسي ان ملڪ جي خاصيتن، پاليسين کي ظاهرڪري ٿي. ڀارت جي ڪرنسي نوٽن جي جاچ ڪريو ۽ انهن تي خاصيتون لکو.

***



# ٩ پراچين ڀارت جو سيپينتڪ ورثو

| | |
|---|---|
| ٩.١ پراچين ڀارت ۾ سيپينتڪ زندگي | ٩.٤ مهاراشٽر جي ڳڙيل سيپينتا |
| ٩.٢ پراچين ڀارت ۾ واپار، ڪاروبار ۽ مالي زندگي | ٩.٥ پراچين ڀارت ۾ تعليمي سرشتو |
| ٩.٣ پراچين ڀارت جو ويڄ شاستر | |

شاگردو، سوچيو ته اسان وٽ هڪ اهڙو خزانو آهي. جيڪو اسان کي ورثي ۾ مليو آهي. جنهن ۾ سون، هيرا يا سڪا شامل نه آهن. پر تڏهن به اهو تمام گهڻو قيمتي آهي! اچ اسان ان املهه خزاني جو راز کولي رهيا آهيون. اهو خزانو آهي. 'ڀارت جو سيپينتڪ ورثو!'

اچو ته پوءِ هن خزاني جي پيٽي کي آهستي سان کوليون ۽ پنهنجي ديش جي ڪلا ۽ روايتن، ناچ، سنگيت ۽ پراچين عمارتن جي هڪ انوکي دنيا کي ڳولهيون.



ٿورو سوچيو:

- اسان جي ديش ۾ علحدگي آهي ۽ ان ۾ به ايڪتا آهي، ائين ڇو ڇيو ويندو آهي؟
- ڀارت ۾ ڪهڙيون مختلف ٻوليون، ناچ، ويس، وڳا ۽ رسمون آهن؟
- اَجنتا جي غفائن ۾ سهڻين تصويرن کي ڏسي توهان کي ڪيئن لڳندو آهي؟
- ڇا توهان کي خبر آهي ته نالندا يونيورسٽيءَ ۾ هزارين شاگرد پڙهندا هئا؟
- مهاراشٽر جي زمين تي ڳڙيل سيپينتا اُسري ان جا ڪهڙا سبب هوندا؟

هن بابت وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ تيار ٿي وڃو!

## ٩.١ پراچين ڀارت ۾ سيپينتڪ زندگي

پراچين ڀارت ۾ سيپينتڪ زندگي تمام شاهوڪار ۽ علحدي هئي. ان سيپينتا جا ڪيترائي پهلو هئا. سيپينتا جي جُدا جُدا پهلن ذريعي اسان کي ڀارت جي ڌرم، فلسفي، ڪلا، ساهت، ڏڻ وار ان سماجي زندگي ۽ روزاني جي معاملن جي خبر پوي ٿي. مختلف جاگرافيڪل علائقن جي حالتن موجب ٻولي، ويس وڳا، کاڌو سيپينتا ۽ عمارت ڪلا جا مختلف پاسا سامهون آيا. ايتري علحدگيءَ جي ڪان پوءِ به 'وسڌيو ڪٽمبڪم' جهڙا ملهه اسان جي سيپينتا ۾ ايترا شامل آهن جو ڀارت ۾ علحدگي ۾ ايڪتا نطر اچي ٿي.

### ■ واڱمير ۽ ساهت

هڪ ٽهيءَ کان ٻي ٽهيءَ تائين زباني طور پهچندڙ گيان کي 'واڱمير' ڇيو وڃي ٿو. ۽ جيڪو لکيل صورت ۾ اسان تائين پهتو آهي ان کي 'ساهت' ڇيو وڃي ٿو. واڱمير ۾ ويد، اُپنشد، پراڻ، رامايڻ ۽ مهاڀارت جهڙا مهاڪاويه شامل آهن. ساهت ۾ پراڻ، ٻوڌي گرنٿ، جيني گرنٿ، ڪاويه، ناٽڪ، نيتي شاستر، فلسفو ۽ ڌرمي ڪتاب اهي سڀ شامل آهن.




ساهت، گيان، فلسفي، اخلاقي ملهن، ڌرمي ۽ سماجي ملهن کي سيکارڻ جو وسيلو هو. وياڪرڻ جو ماهر پاڻيني اشٽاڌيائي نالي وياڪرڻ جو گرنٿ لکيو. اُن تي راءِ پيش ڪندڙ ڪتاب ’مهاڀاشيه‘ پتنجليءَ لکيو. مهاڀارت ۽ رامائڻ جهڙا مهاڪاويه سماجي آدرش، راڄنيتي، جنگي، ڪلا ۽ اخلاقي ملهه سيکارڻ لاءِ واپرايا ويندا هئا. ڪشمير جو اِتهاس بڌائيندڙ ’راڄترنگڻي‘ اهو ڪلهڻ ڪويءَ جو لکيل گرنٿ، باڻڀٽ جو ’هرشچرت‘ اهو اتهاس بابت ساهت پراچين زماني ۾ تيار ٿيو.



## چا توهان کي خبر آهي؟

پنچ تنتر اخلاقي ملهن تي ٻڌل پراچين پارت جو هڪ مشهور ڪهاڻين جو مجموعو آهي. چيو وڃي ٿو ته ان جي تخليق وشڻو شرما ڪئي هئي. پنچ تنتر جي ڪهاڻين جا ڪردار شينهن، واگهه، هنج، ڪمي، سهي جهڙا جانور آهن . پر انهن ڪهاڻين جو اصل مقصد ماڻهوءَ جي اخلاقي وهنوار بابت رهنمائي ڪرڻ آهي.

پنچ تنتر جون ڪهاڻيون ڪهڙي مقصد لاءِ ٻڌايون ويون هيون. ان بابت هڪ ڪهاڻي آهي:

پراچين ڀارت ۾ امر شڪتي نالي هڪ راجا هو. ڪيس ٽي پٽ هئا. پر انهن مان ڪنهن کي به پڙهڻ ۾ دلچسپي نه هئي. راجا کي سندن مستقبل بابت فڪر رهندو هو. ان ڪري هن عالم ماستر وشڻو شرما کي گهرايو ۽ کين عرض ڪيو ته هو راجڪمارن کي عملي مهارت سيکاري. وشڻو شرما اهو ذمو کنيو. هن تعليم ڪتابن ذريعي نه، پر ڪهاڻين ذريعي ڏني. هن سيکارڻ جو هڪ الڳ طريقو اختيار ڪيو. هن جانورن تي ٻڌل ننڍڙيون ڪهاڻيون تيار ڪيون. انهن ڪهاڻين ۾ تت چالاڪي، دوستي، بردباري، سنيم، مشڪلاتن مان رستو ڪيڍڻ، وشواس ۽ عملي زندگيءَ جون مهارتون بابت رهنمائي هئي.

راجڪمار انهن ڪهاڻين ۾ اينرو نه مگن ٿي ويا جو کين زندگيءَ جا اهم سبق آسانيءَ سان ملي ويا ۽ ڪجهه ئي مهينن ۾ هو سمجهو ۽ راڄ ڪاروبار هلائڻ جي لائق بڻجي ويا.

انهن سيني ڪهاڻين جو مجموعو’پنچ تنتر‘ جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪيترين ئي صدين ۾ ديشن ۾ اهي ڪهاڻيون ٿهيءَ در ٿهيءَ شوق سان پڙهيون ۽ ٻڌايون ويون.

پنچ تنتر جو ترجمو پنجاھہ کان وڌيڪ ٻولين ۾ ٿي چڪو آھي. جنھن مان ان جي مشھوريءَ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.

اھڙي طرح جاتڪ ڪھاڻيون سادي ٻوليءَ ۾، جانورن ۽ ماڻھوءَ جي ڪردارن ذريعي صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ ڪرائن ٿيون.



**ڪري ڏسو:**

ڇا توھان کي پنچ تنتر يا جاتڪ ڪھاڻين جي ڪا ڪھاڻي ڄاڻ آھي؟ اھي ڪھاڻيون حاصل ڪري پڙھو. انھن مان ڪنھن ڪھاڻي تي ڪلاس ۾ ناٽڪ پيش ڪريو.

| پراچين ڀارت ۾ ناٽڪ جي ڪلا | پراچين ڀارت ۾ سنگيت ڪلا: | پراچين ڀارت ۾ ناچ جي ڪلا: |
|---|---|---|
| * پراچين ڀارت ۾ ناٽڪ جي ڪلا تمام گھڻو واڌارو ڪيل ھئي. ڀرت منيءَ 'ناٽيہ شاستر' نالي گرنٿ لکيو. ھن گرنٿ ۾ ناچ، ناٽڪ، سوانگ، سنگيت، رنگ منچ، نون رسن، جذبات، ويس، وڳن، سينگار ۽ ڏسندڙن سان ٻولچال جھڙن ناٽڪي ڪلا جي سڀني انگن تي ويچار ونديل آھي. اڄ بہ ناٽڪ، ناچ ۽ سوانگ سکڻ وقت ھن گرنٿن جو اڀياس ڪيو ويندو آھي.<br>* ھن دور جا ڪجھہ مشھور ناٽڪ :<br>مھاڪوي ڀاس ، 'سوپن واسودت' اھي مشھور ناٽڪ لکيا، اشو گھوش 'ساري پت پرڪرڻ' نالي ناٽڪ لکيو.<br>ڪاليداس ھڪ مھان ڪوي ۽ ناٽڪ نگار ٿي گذريو آھي. ھن 'شاڪنتل' ، 'مالوڪا اگني متر' ۽ 'وڪرمورشيہ' جھڙا ٿي عالمي مشھور ناٽڪ لکيا.<br>شو درڪ ۽ وشاک دت آھن.<br>شودرڪ 'مرڇ ڪٽڪ' ناٽڪ لکيو، جڏھن تہ وشاک دت 'مدرا راڪشس' ناٽڪ جي رچنا ڪئي.<br>سمراٽ ھرش وردن پاڻ ٿي ناٽڪ لکيا ھئا، 'رتناولي'، 'پريہ درشيڪا' ۽ 'ناگانند' | * ڀارتي سنگيت جي ريت جي اوسر سام ويد ۾ آھي.<br>* آيويد، ڌنر ويد، گانڌر ويد ۽ ارٿ شاستر ، اھي چار اپويد مڃيا وڃن ٿا. انھن مان گانڌروید کي ڀارتي سنگيت، ناچ ۽ واڄ جو مکيہ وسيلو سمجھيو ويندو آھي.<br>* 'سنگيت رتناڪر' سنگيت بابت ھڪ مشھور ڪتاب آھي. جيڪو شارنگ ديو نالي سنگيت جو ڄاڻوءَ لکيو ھو. | * ويدڪ دور کان وٺي ڀارتي ساھت ۾ ناچ جي ڪلا بابت حوالا ملن ٿا.<br>* ڀارت ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ جدا جدا ناچ جا نمونا آزاد نموني واڌ ڪائيندا ويا.<br>* ڀارتي ناچ جي ڪلا ۾ ڪٿڪ، ڪٿڪلي، ڀرت ناٽيم، مڻي پوري، اوڙيسي، ڪچي پوڙي ۽ موھني اٽم جھڙيون ڪل ست وڏيون ريتيون مڃيون وڃن ٿيون.<br>* پراچين ڀارت جي مختلف پاسن ۾ لوڪ ناچ پڻ پيش ڪيا ويندا ھئا. ڏڻن، ميلن ۽ خوشيءَ جي موقعن تي من پاسئاپ ڪرڻ لاءِ ماڻھو ناچ ڪندا ھئا. لوڪ ناچ من جي لھر ھوندو آھي. ۽ وقت گذرڻ سان گڏ ان مان ئي لوڪ ريتيون جنم وٺنديون آھن. |

## ■ ڪلا ۽ اڏاوت

پراچين ڀارت ۾ اجنتا جي غفائن جون ڀت تصويرون سڄي جهان ۾ مڃيل آهن. انهن چترن لاءِ مختلف ٻوٽن، مٽي ۽ پٿرن مان تيار ڪيل رنگ ڪتب آندا ويا آهن. تصويرن ۾ ماڻهن جا ڀُهه، لتا، وارنجي ڀونڊائي ۽ ٻيون سوڪيم تفصيل ڏيکاريا ويا آهن. انهن مان زماني جي جيئڻ جي نموني ناچ، واڃن، قدرت جي سونهن جي ڄاڻ ملي ٿي. ايلورا جي غفائن ۾ هندو، ٻڌ، جين غفائن ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون ايلورا جون ڪيلاش غفائون، دنيا جي حيرت انگيز مندرن مان هڪ آهي. هڪ وڏي پٿر مان اُڪريل هن غفا جي شروعات چوٽيءَ (ڪلس) کان ڀائي تائين ٿي. ان بابت ئي شايد اها ڳالهه مشهور ٿي آهي ته ”پهرين ڪلس پوءِ پايو.“ مندر ۾ سهڻيون مورتيون، اوچا ٿنيا ۽ ننڍي منڊپ جهڙا بهترين اُڪريل ڪم ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. گڏوگڏ انهن مورتين ۾ مختلف ديوتائن ، راڇين ڪهاڻين جا منظر پڻ اُڪريل آهن.



ويرول ڪئلاش مندر

ٻڌ غفائن ۾ ٿنيا، استوپ، چيتيه گهر ۽ وهار ان دور جي عمارت سازي جا مکيه حصا آهن. آزاد نموني اڏيل استوپ ڀارتي عمارت سازي ڪلا جي هڪ ٻي خاصيت آهن. سمرات اشوڪ جي دور ۾ سانچي ۾ استوپ اڏيو ويو. انهن جي دور ۾ استوپ جي چئني پاسن کان چار وڏا دروازا تورڻ تيار ڪيا ويا .



سانچي اِستوپ

انهن تي شينهن ، هاٿي وغيره جون شڪليون اُڪريون ويون، گڏوگڏ گوتم ٻڌ جي زندگيءَ جا واقعا پڻ چٽيا ويا آهن. ٻين پراچين استوپن تي پڻ اهڙيون شڪليون نظر اچن ٿيون. استوپ جي چوڌاري ڀڪشن لاءِ ڌرمي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ يا پوڄا لاءِ هال تيار ڪيا ويندا هئا. جن کي ’چيتيه گهر‘ چيو ويندو آهي. ڪارلي جون غفائون چيتيه گهر جي عمارت سازيءَ جو بهترين نمونو آهن.

چيتيه گهر جي ويجهو ٻڌ ڀکن جي رهائش لاءِ غفائون ڪوٺيون ونديون هيون. هن کي ’وهار‘ چئبو آهي. مهاراشٽر جي ڀاجي واري وهار کي سڀ کان پراچين سمجهيو وڃي ٿو. ناشڪ، ٻدسي، اجنتا وغيره جا ويچار پڻ مشهور آهن. اوڙيشا جي کنڊگري ۽ اديگري ۾ جين غفائن پڻ مشهور آهن.



### چا توهان کي خبر آهي؟

دهليءَ جي مهروليءَ ۾ موجود لوهه جو ٿنيو ڀارت جي پراچين ڌاتو گيان جي ترقيءَ جو هڪ انوکو نمونو آهي. هي ٿنيو گپت سمرات چندر گپت ٻئي يعني وڪرمادتيه جي دور ۾ تيار ڪيو ويو هو. هن ٿنڀي بابت سڀ کان وڏي حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ١٦٠٠ سالن کان وڏيڪ عرصو گذرڻ جي باوجود هن کي اڄ تائين ڪٽي ٻه زنگ نه لڳو آهي.



لوهه جو ٿنيو

## ۹.۲ پراچين پارت ۾ واپار ڌنڌو ۽ مالي زندگي

هن دور ۾ کيتي بنيادي ڌندو هو. ماڻهن جي اناج، ڪپڙي ۽ روزاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ کيتي تمام اهم هئي. گنگا، يمنا، گوداوري ۽ ڪرشنا جهڙيون نديون کيتيءَ لاءِ مددگار هيون. ديش جي اندر ۽ ٻاهر درياهي توڙي سامونڊي رستن ذريعي واپارترقي ڪئي. پراچين پارت ۾ اناج سان گڏ ڪپڙو، مصالحا ڌاتو، زيور، هاٿي ڏند ۽ قيمتي پٿرن جو وڏي پيمانې تي واپار ٿيندو هو. خاص طور تي مهاراشٽر ۾ ساتواهن دور ۾ رومن سامراجيہ سان بہ واپاري لاڳاپا هئا. مصالحا ريشمي ڪپڙو، مٽيا ۽ زيورن جي وڏي پيمانې تي آمدني ۽ روانگي ٿيندي هئي. نيون بازارون وجود ۾ آيون. ۽ ناڻي جو سرشتو رٿيل هو. گڏوگڏ ڊل جو بهتر سرشتو لاڳو هو. جنهن ڪري راڄيہ جو مالي سرشتو استر رهيو. کيتي کان سواءِ ڪپڙي جي صنعت، ڌاتن جا ڪم جهڙيون صنعتون بہ مالي زندگيءَ ۾ اهم هيون. واپاري رستن تي بندر گاهہ، بازارون ۽ شهر آباد ٿي رهيا هئا. اِن سبب ڪري ترقي جو اثر سماجي، سيينتڪ ۽ سياسي زندگيءَ تي پڻ نظر اچن ٿا.



**چا توهان کي خبر آهي؟**

ساتواهن دور کان ڏکڻ ۾ واپار ۽ صنعتن ۾ واڌارو ٿيو. اڏاوتن ڪري ڏکڻ ۾ کيترائي شهر آباد ٿيا. مثال طور پرٿشنان پيٺڻ، تگر (تير) ناسڪ (ناشڪ) ڪرهاٽڪ (ڪرهاڙ) وغيره. اهڙي طرح قلعبنديءَ وارا هئا. انهن شهرن جي کوٽائي مان مليل رومن سڪن جو ان دور جي ترقي ڪيل واپار جو پتو پوي ٿو.

سوپارا، ڪلياڻ، پڙوچ ان دور جون اهم بندر هئا. جنر ۽ ناشڪ جهڙن هنڌن جي شالا ليکن مان ڪلارڪ) متيءَ جا ٿانءُ ناهيندڙ، تيل پيشڪ (تيل ڪيندڙ) (ڪولڪ) اُڻندڙ جهڙن کيترن ئي پيشيورن جو ذڪر ملي ٿو.



**چا ڪندا؟**

جيڪڏهن توهان ان دور جا واپاري هجو ها، تہ توهان ڪهڙي قسم جو واپار ڪرڻ پسند هجي ها؟ ۽ ڇو؟

## ۹.۳ پراچين پارت جو ويڄ شاستر

پارتي ويڄ شاستر جو اصل اٿر ويد آهي. پراچين پارت جي جيوڪ ، ششرت ۽ چرڪ جهڙن اهم ويڄن ماهرن سرير رچنا سرجري (آپريشن)، دوائن ناهڻ، بيمارين جو علاج ۽ کاڌي پيتي جي نيمن بابت قيمتي ڪتاب لکيا. اِنهن گرنٿن پراچين پارتيہ ويڄ شاستر جو پايو وڌو.

- جيوڪ پراچين جو مشهور ويڄ هو. هن گوتم ٻڌ جو علاج ڪيو هو. ائين ٻوڌي گرنٿن مان ڄاڻ ملي ٿي. هن تڪششلا ۾ ويڄ شاستر جو علم حاصل ڪيو. هن سرجري ، دوائن ۽ بيمارين جي علاج ۾ اهو ڪم ڪيو.
- ششرت 'ششرت سنهتا' ڪتاب لکيو. هن ڪتاب ۾ ويڄ تعليم، دوائن ذريعي علاج، سرجري ۽ صحت جي علم بابت وگيانڪ ڳالهہ ٻول ٿيل آهي.
- چرڪ 'چرڪ سنهتا' ڪتاب ۾ بيمارين ان وڙهڻ شڪتي، دوائن جو صحيح استعمال ، کاڌي پيتي ۽ زندگي جي نيمن جو وستار سان ذڪر ڪيو آهي. هي ڪتاب عربستان، تبت، چين وغيرهہ ديشن ۾ بہ مشهور هو.

**چا توهان کي خبر آهي؟**

’سشرت سنهتا‘ ڪتاب ۾ سشرت ڪيترن ئي آپريشنن ۽ ان لاءِ گهربل ڪيترن ئي اوزارن جي تصويرن سان گڏ ڄاڻ ڏني آهي. پيٽ جو آپريشن ڪرڻ، هڏادو نڪ لڳائڻ، ڪل جي پيوندڪاري وغيره جهڙا آپريشن سشرت سنهتا ۾ بيان ڪيا ويا آهن. گڏو گڏ ١١٢٠ بيمارين جي اهڃاڻن جي فهرست بہ ڏني وئي آهي. سشرت کي سرجري جو جنڪ مڃيو وڃي ٿو. نڪ جي سرجريءَ لاءِ هن جيڪو طريقو ڳولهي لڌو اهو بلڪل جديد هو. نڪ ٺڪ جي ڪري آيل عيب کي ختم ڪرڻ لاءِ نڪ جي سرجري ۾ سشرت شروعات ۾ ڳل جي کل جو استعمال ڪيو. سشرت جي تيار ڪيل طريقن جو سڪندا اَڳتي هلي ١٨هين صديءَ ۾ يورپي ماڻهن ڪيو.

هن چمڙيءَ جي آپريشن جي ٽڪنيڪ کي اِڏيڻ فليپ جي نالي سڃاتو وڃي ٿو





سشرت جي گرنٿ ۾ ڏنل آپريشن جا اوزار

### ٩.۴ مهاراشٽر جي گڏيل سپيتا

مهاراشٽر ۾ ڌرم ڪلا، ٻولي، تعليم ۽ روايتن جو هڪ انوکو سنگم ٿيو. مهاراشٽر کي انگريزيءَ ۾ پراچين پارٽ جو ’ميلٽنگ پاٽ‘ پڻ سڏيو ويندو آهي. سمنڊ جو ڪنارن انهن سپني سبب ڪري هن ايراضيءَ ۾ واپار، ٻاهرين دنيا سان رابطو ۽ مختلف سپيتائن جي ڏي وٺ سولي ٿي وئي. ستواهن جي دور ۾ رومن سامراجيہ سان واپار جو ڦهلاءُ ٿيو. اجنتا ايلورا ۽ ڪانهيري جي غفائن ۾ ٻڌ ۽ جين ڪلا نظر اچي ٿي. جڏهن تہ عمارت سازي ڪلا، مورتي ڪلا ۾ شالا ليڪن جي ڪري اتهاس جي ڄاڻ ملي ٿي. مهاراشٽر ۾ ٻولي ۽ ساهت ۾ پڻ علحدگي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مهاراشٽر ۾ پراچين تعليم بنياد طور تي گروڪول روايتن ۾ ٻوڌي وهارن تي ٻڌل هئي. پيٺڻ پراچين (پرٿشنان) اجنتا ايلورا ۽ ڪانهيري اهم مرڪز هئا. جتي شاگرد ڌرم، فلسفو، ٻولي، ويچ شاستر، مورتي ڪلا وغيره جهڙا وشيہ سکندا هئا.

**چا توهان کي خبر آهي؟**



شاگردو ڏنل تصويرن کي ڌيان سان جاچيو. چا توهان کي خبر آهي تہ اها ڪهڙي تصوير آهي؟

ٽڪرن تي هي مورتيون هزارين سال اڳ اُڪريون ويون هيون. سج، جانور، ناچ ڪندڙ ماڻهو، شڪاري ۽ مختلف نشانن واريون اهي تصويرون آهن . انهن کي ’ڪاٽل شلپ‘ چيو ويندو آهي. مهاراشٽر جي ڪونڪڻ واري ايراضي ۾، خاص طور تي رتناگري ۽ راجا پور ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهي ڳجهيون اُڪريل تصويرون اڄ به موجود آهن. اهي پٿر جون تصويرون مهاراشٽر جو هڪ انوکو ۽ پراچين سيٽڪ ورثو آهن.

## ٩.٥ پراچين ڀارت جو تعليمي سرشتو

تعليم جي شروعات گهر ۾ ٿيندي هئي. اڳتي هلي شاگردن جي پسند ۽ مطابق گروڪل ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. بعد ۾ وڏين يونيورسٽين جهڙوڪ نالندا، تڪشلا ۽ وڪرم شيلا جهڙين يونيورسٽين وشين جو اڀياس ڪيو ويندو هو. شاگردن کي سائنس، حساب، جيوتش فلسفو، ٻولي، سنگيت، مورتي ڪلا، هٿيار، وديا، آيروید ۽ عمارت سازي بابت گهري تعليم ڏني ويندي هئي. گروڪل سرشتو ۾ شاگردن کي وهنوار، سنا سنسڪار، اخلاقي ملهه ۽ جيون جيئڻ جا نيم سيکاريا ويندا پراچين ڀارت ۾ عورتن کي به تعليم جو حق حاصل هو. لوپامدرا، گارگي ۽ ميتري جهڙن عورت شاگردن جو ذڪر ڪجهه ڪتابن ۾ ملي ٿو.

### ■ تڪشلا يونيورسٽي

تڪشلا پراچين ڀارت جي سڀ کان پراچين ۽ نامور تعليمي مرڪزن مان هڪ هئي. هي اجوڪي پاڪستان ۾ راولپنڊي جي ويجهو هئي. تڪشلا يونيورسٽي ۾ سياست، ارٿ شاستر، هٿيار وديا، آيروید، فلسفو، حساب، علم، جيوتش، ٻولي ۽ ڌرم جهڙن مختلف وشين جي گهري سکيا ڏني ويندي هئي. هن يونيورسٽي ۾ پري پري کان شاگرد ايندا هئا. موريه سامراجيه جي باني چندر گپت موريه جي سکيا تڪشلا يونيورسٽي ۾ ٿي هئي. گرامر جو ماهر پاڻيني ، وئد چرڪ ۽ وئد جيوڪ پڻ هن ئي يونيورسٽي جا شاگرد هئا.

### ■ نالندا يونيورسٽي

نالندا يونيورسٽي ۾ ٻودي فلسفو، ويد، حساب، ساهت، سنگيت ۽ ڪلا جهڙا وشيه سيکاريا ويندا هئا. هتي ١٠،٠٠٠ کان وڌيڪ شاگردن جي رهائش جو بندوبست هو. هتي مختلف هنڌن تان ماسٽر ايندا هئا. نالندا يونيورسٽي ۾ هڪ وشال لئبرري هئي. شاگرد ۽ ماسٽر مختلف وشيه سکندا هئا. نالندا يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ لاءِ تمام سخت امتحان ڏيڻو پوندو هو.



نالندا يونيورسٽي

### ■ وڪرم شيلا يونيورسٽي

وڪرم شيلا يونيورسٽي اٺين صديءَ عيسويءَ ۾ قائم ٿي. هيءَ يونيورسٽي اجوڪي بهار جي ڀاڳلپور ويجهو هئي. هن يونيورسٽي ۾ عالمن ڀاران داخلا جو امتحان ورتو ويندو هو. هتي خاص طور تي ٻوڌي فلسفو، ڌرم شاستر، تڪنيڪ آيروید ۽ ساهت جو اڀياس ڪيو ويندو هو.

### ■ ٻيا اهم تعليم مرڪز

پراچين ڀارت ۾ نالندا، تڪشلا ۽ وڪرم شيلا کان سواءِ واراڻسي، ولڀي ۽ ڪوشامبي پڻ تعليم جا اهم مرڪز هئا.

هتي ڪلا، مورتي ڪلا، عمارت سازي ۽ ساهت جو گهرو اڀياس ٿيندو هو. مهاراشٽر ۾ پيٺڻ ستواهن دور ۾ تعليم جو اهم مرڪز هو.

ڏٺو نہ! ڀارت جو پراچين سيينٽڪ ورثو ڪيترو حيرت انگيز آهي. ڪلا، عمارت سازي، تعليمي سرشتو، ويچ شاستر، واپار انهن سڀني ڪيترن ۾ پراچين ڀارت تمام گهڻو ترقي ڪيل هو. سچ پچ تہ هي هڪ املهہ سيينٽڪ خزانو آهي !



**ڪري ڏسو.**

هاڻي توهان انهن سيينٽڪ ڀاڱهين سان لاڳاپيل تصويرون ڳولهيو يا انٽرنيٽ/ڪتابن مان حاصل ڪريو. انهن تصويرن جا خاڪا، پت چتر ٺاهيو . توهانجي ڪلاس / اسڪول ۾ هڪ نمائُ ڪوٺايو .



## - اڀياس -

**سوال ۱ (الف) خالي جايون ڀريو:**

۱. پتنجلي ۽ جو ................ پراچين زماني جو گرامر جو ڪتاب آهي.

۲. پرت مني ۽ ................ ڪتاب لکيو.

**(ب) هڪ جملي ۾ جواب لکو:**

۱. وشنو شرما ڪهڙو ڪهاڻين جو مجموعو لکيو؟

۲. گوتم ٻڌ جي زندگيءَ جي واقعن تي ٻڌل ڪهاڻين کي ڇا چيو ويندو آهي؟

۳. ڪشمير جي اتهاس ٻڌائيندڙ ڪوي ڪلهڻ جي ڪتاب جو نالو لکو.

۴. ساتواهن دور ۾ مهاراشٽر تعليم جو مکيہ مرڪز ڪهڙو هو؟

**سوال ۲ (الف) جوڙا ملايو**

| 'الف' گروپ | 'ب' گروپ |
|---|---|
| ۱. شارنگ ديو | ۱. شاڪنتل |
| ۲. پاس | ۲. سنگيت رتناڪر |
| ۳. ڪاليداس | ۳. مدرا راڪشس |
| ۴. وشاک دت | ۴. سوپن واسو دت |

**(ب) خاڪو مکمل ڪريو**

| پراچين يونيورسٽي | موجوده هنڌ |
|---|---|
| ---------------- | راولپنڊي |
| نالندا | ---------------- |
| ---------------- | ڀاڳلپور |

سوال ۳ (الف) نوٽ لکو:

۱. نالندا يونيورسٽي

۲. سشرت سنهتا

(ب) ٿوري ۾ جواب لکو:

۱. ڀارت جا ست ڪلاسيڪل ناچ جا قسم ڪهڙن راجين ۾ آهن؟ انهن جا نالا لکو.

۲. دهليءَ جي مهروولي ۾ موجود لوهہ جي ٿنڀي بابت ڄاڻ لکو.

سوال ۴ وستار سان جواب لکو:

۱. سانچي/ستوپ جي تصوير ڏسي ان جو بيان ڪريو.

۲. مهاراشٽر جي گڏيل سيپتا بابت مختصر ڄاڻ لکو.

سوال ۵: پراچين دور جي تعليمي سرشتو ۽ جديد دور جي تعليم سرشتي جي وچ ۾ ڀيٽ ڪريو.

سوال ٦ : ڳجهارت پوري ڪريو

۱)

| | | | |
|---|---|---|---|
| (۲ | | | (۱ م |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | (۳ |

اُڀا لفظ

۱. هڪ پراچين مهاڪاويه

۲. هڪ پراچين يونيورسٽي

آڏا لفظ

۳. هڪ پراچين يونيورسٽي

مشغوليون

- پنهنجي ايراضي جي ڪنهن آيرويدڪ ڊاڪٽر سان ملاقات ڪري آيرويدڪ علاج جي طريقي بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.
- انٽرنيٽ جي مدد سان پراچين پٽر جي اُڪريل تصويرن جون تصويرون ڳولهيو
- پنچ تنتر يا جاتڪ ڪهاڻيون پڙهو ۽ اُنهن مان ڪنهن هڪ ڪهاڻي کي ناٽڪ جي روپ ۾ اِسڪول ۾ پيش ڪريو.

***



# ١٠ پراچين ڀارت ۽ دنيا

١٠.١ پرشين سڀيتا سان رابطو

١٠.٢ يوناني (گريڪ) ۽ رومن سڀيتا جا ڀارت تي اثر

١٠.٣ ڀارت ۽ پاڙيسري ديش

**ويچار ڪريو.**



هي ڀارت مان مليل هڪ رومن سڪو آهي. هي سڪو ڀارت ڪيئن پهتو هوندو؟





ڪابي پاسي واري تصوير ۾ايراني سلطنت جي گاديءَ واري شهر 'پرسي پوليس' جو ٿنڀو نظر اچي رهيو آهي. ۽ ساڄي پاسي واري تصوير ۾ هڪ اشوڪ ٿنڀو ڏيکاريل آهي. ٻنهي ۾ ڪا هڪجهڙائي نظر اچي ٿي؟



هيءَ تصوير توهان اڳين باب ۾ ڏسي چڪا آهيو. گوتم ٻڌ جي هن مورتي تي يوناني ڪلا جو اثر ڏسجي ٿو. ائين ڇو هوندو؟





انهن ٻن تصويرن مان هڪ ڀارت جي آهي ۽ هڪ شريلنڪا جي توهان کي انهن ٻنهي ۾ ڪا هڪجهڙائي نظر اچي ٿي؟




هي نقشو ڀارت ۽ اولهہ ايشيا جي وچ ۾ واپاري رستن جو آهي. هن رستي ذريعي کهڙين شين جو واپار ٿيندو هوندو؟

انهن سيني تصويرن مان توهان کي اندازو ٿيندو تہ پراچين ڀارت جا ديش ڪان ٻاهر جي ديشن سان لاڳاپا هئا. انهن جي وچ ۾ سيينتڪ ڏي وٺ ٿيندي هئي. پراچين زماني ۾ ڀارت ڪيترن ئي ديشن سان سيينتڪ، ڌرمي ۽ واپاري لاڳاپا ذريعي جڙيل هڪ اهم مرڪز هو. هماليہ جي ٻئي پاسي چين ۽ تبيت ، ڏکڻ ۾ شريلنڪا، اوڀر ۾ ميانمار ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ، جڏهن تہ اولهہ ۾ ايران (پرشيا) ۽ وچ ايشيا جي ايراضين سان ڀارت جا گهرا لاڳاپا هئا. انهن ديشن سان لڳاتار ڏي وٺ جي نتيجي ۾ ڀارتي ڌرمن جو ڦهلاءُ ٿيو. واپاري رستا، وديا، مختلف ڪلائن جو ميلاپ ٿيو. ان مان ڀارت جي گڏيل سيينتا پروان چڙهندي رهي.



ڪري ڏسو:

درسي ڪتاب جي آخرين صفحي تي ڏنل اِتهاسڪ سڪياداڻڪ ڪتا مالها جو ڀاڱو ۴ حاصل ڪريو ۽ ان جون

ڪهاڻيون پڙهي ڀارت ۽ ٻين ديشن جي وچ ۾ هوندڙ سيينتڪ ناتا ڄاڻي وٺو.

### ١٠.١ پرشين سيينتا سان رابطو:

پراچين ڀارت ۽ پرشيا جا سيينتڪ واپاري ۽ سياسي لاڳاپا هزارين سال اڳ کان هئا. پراچين پرشين سيينتا دنيا جي ترقي ڪيل پراچين سيينتائن مان هڪ هئي. پريشين جي سلطنت روم تائين پکڙيل هئي. ان سلطنت جو ڪاروبار انتظام وارو هو. اتان جي مورتي ڪلا اوچ درجي جي هئي.

ڀارت جو اُتر اولهہ وارو علائقو (گانڌار، سنڌ) هڪ حصو آهي. پرشين سلطنت جو هڪ حصو هو. پرشين سلطنت کي ’اڪميشن سلطنت‘طور سڃاتو ويندو هو. پرشين سلطنت صوبن ۾ ورهايل هئي. ورهاست، ڊِل سرشتو، جاسوسي سرشتو ۽ عهديدارن جو درجو اِنهن جي بناوت ڪيل هئي.

موريه سلطنت جي حڪومتي سرشتي تي انهن ڳالهين جو اثر نظر اچي ٿو. سمراٽ اشوڪ جي شلا ليکن جي کروشٽ ۽ اريمائيڪ لپين جي شروعات پرشين لپين مان ٿي. پارٿ پرشيا ڏانهن ڪپڙو، موتي، هاٿي ۽ مصالحا روانگي ڪندو هو. جڏهن ته پرشيا مان قيمتي ڌاتو ۽ پارٿ ۾ ايندا هئا.

موريه دور جي مورتي ڪلا ۽ عمارت سازيءَ تي پرشين ڪلا جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اشوڪ جا ٿنڀا جن تي شينهن، گهوڙي يا ڏاند جون مورتيون تراشيل آهن. پرشين نموني جي ڪلا جو اثر ڏسي سگهجي ٿو.

## ۱۰.۲ گريڪ ۽ رومن سڀيتا جا پارٿ تي اثر



سمراٽ سڪندر

عيسوي سن کان اڳ ۳۲٦ ۾ ميسيڊونيا جي راجا سڪندر پرشيا کي فتح ڪري پارٿ جي اُتر اولهه وارن علائقن ڏانهن قدم وڌايو.

سڪندر جي پارٿ تي حملي سبب پارٿي اُپ کنڊ جي ماڻهن جي يوناني سڀيتا سان سڃاڻپ ٿي. هن سنڌو علائقي جون ڪيترا ئي ننڍا راجيه پنهنجي قبضي ۾ آندا. سڪندر جي موت کان پوءِ سندس سلطنت جا ٽڪر ٿي ويا ۽ 'گريڪ' يا 'انڊو گريڪ' گهراڻا وجود ۾ آيا . انهن جي دور ۾ سڀيتا سان ناتو جوڙيو. موريه سمراٽ چندر گپت، بندو سار ۽ سمراٽ اشوڪ جا يوناني بادشاهن سان سياسي لاڳاپا قائم هئا. ميگسٿينيز ۽ چندر گپت سيليوڪس جا عيوضي هئا، جيڪي چندر گپت جي دربار ۾ هو. ميگسٿينيز جي لکيل ڪتاب 'انڊيڪا' مان موريه دور جي سماجي بناوت، راڄ ڪاروبار، زراعت ۽ واپار وغيره جي ڄاڻ ملي ٿي. يوناني مورتي ڪلا جي اثر هيٺ ڪشاڻ دور ۾ پارٿ ۾ هڪ نئين نموني جي ڪلا جو جنم ٿيو. جنهن کي 'گانڌار ڪلا' چيو ويچي ٿو. گانڌار نموني ۾ گوتم ٻڌ جون مورتيون تيار ڪيون ويون. هن نموني جي مورتين جي چهري جي بناوت گريڪ چهري جي بناوت سان ملي ٿي. بيڪٽريا جي يوناني بادشاهن جا سڪا هن ڪلا جو بهترين نمونو آهن. انهن سڪن کي انڊو گريڪ سڪا چيو ويندو آهي، جن تي يوناني اثر ڏسجي ٿو.



پڙهو ڏسان.

''مان نه سمراٽ آهيان، نه ئي سپاهي.
پر شاهي دربار ۾ جڳهه منهنجي پرڏيهي
ماڻهن جي نظر سان پارٿ کي ڏٺم.
جيڪو ڪجهه ڏٺم، سو ٻڌائڻ لاءِ 'انڊيڪا'
ڪتاب لکيم ٻڌايو.
''مان ڪير آهيان؟''

عيسوي سن جي پهرين ۽ ٻي صديءَ دوران پارٿ ۽ روم جي وچ ۾ واپار عروج تي هو. هن واپار ۾ ڏکڻ پارٿ جي بندرگاهن کي وڏي اهميت حاصل هئي. مهاراشٽر جي ڪولهاپور ۾ ڪوٽائي دوران ڪانچهري جون ڪجهه شيون مليون آهن.

جيڪي رومن بناوت جون آهن. تمل نادو جي اريڪاميڊو ۾ ٿيل کوٽائيءَ مان پڻ رومن بناوت جون ڪيترين ئي شيون مليون آهن.



### چا توهان کي خبر آهي؟

’تير‘ مهاراشٽر جي ڏارا شو ضلعي ۾ ستواهن دور جو هڪ اهم واپاري مرڪز هو. هتي کوٽائي دوران رومن سڪا، ايمفورا ٿانو، شيشي جا مٽيا ۽ هاٿي ڏندن جون نفيسون تراشيل مورتيون مليون آهن. تير جو ڪپڙو ، موتي ، زيور ۽ هٿ جو ڪم رومن بازارن ۾ تمام گهڻو مشهور هو. انهن ۾ هاٿي ڏند جي ١٢ سينٽي ميٽر اوچي تراشيل گُڏي ويا مورتي خاص ڌيان ڇڪائي ٿي. اهڙي ئي هاٿي ڏند جي مورتي عيسوي سن ٧٩ ۾ ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ سبب تباهه ٿيل اٽليءَ جي پراچين شهر ’پامپئي‘ جي کوٽائيءَ مان ملي هئي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ تير هڪ اهم واپاري مرڪز هو ۽ ان سان روم جا واپاري لاڳاپا هئا.

اهڙن ڪيترن ئي واپاري مرڪزن جو ذڪر ان دور جي ساهت ۾ ملي ٿو. هن واپار ۾ مصر جو ’اليگزينڊريا‘ نالي بندر گاهه تمام اهم هو. پارٽي مال عرب واپاري اليگزينڊريا تائين کڻي ويندا هئا، جتان اهو يورپي ديشن ڏانهن موڪليو ويندو هو. ڏکڻ ڀارت جي بندرگاهن مان رومن واپاري سڌو ڀارت ايندا هئا ۽ ڪپڙو، مصالحا، قيمتي پٿر، جڙي ٻوٽيون وڏي پيماني تي خريد ڪندا هئا. ڀارت ۾ اڄ بہ هزارين رومن سڪا ملن ٿا. جنهن مان هن واپار جي پئمانو ۽ اهميت جو اندازو ڏسجي ٿو.



### چا توهانکي خبر آهي؟

پراچين زماني ۾ ڀارت مان روانگي ٿيندڙ ’ڪارو مرچ‘ يورپ ۾ تمام قيمتي شيءِ مڃي ويندي هئي. روم ۾ اها ايتري تہ مهانگي هئي جو کيس ’ڪارو سون‘ چيو ويندو هو. رومن ماڻهن جي کاڌن ۾ مصالحن جي کوٽ هئي. ان ڪري مرچ اُنهن جي ذائقي ۽ صحت، ٻنهي لاءِ تمام اهم هئا. ڏکڻ ڀارت جي بندرگاهن مان مرچ وڏي مقدار ۾ رومن سلطنت ڏانهن موڪليا ويندا هئا. رومن واپاري ڀارتي واپارين کي سون جا سڪا ڏيئي مرچ خريد ڪندا هئا. رومن ليکڪ پلني پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ”روم مان هر سال ڀارتي مصالحن لاءِ تمام گهڻو سون ٻاهر وڃي ٿو.



بوروبدر استوپ

## ۱۰.۳ ڀارت ۽ پاڙيسري ديش

پراچين ڀارت جا پنهنجي پاڙيسري ديشن، خاص طور تي ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ديشن سان تمام گهرا لاڳاپا هئا. ساموندي واپار، ٻڌ ۽ هندو ڌرم جو ڦهلاءُ ، ٻولين ۽ ڪلا جي ڏي وٺ ذريعي ڀارتي اثر شريلنڪا، ميانمار ، ٿائيليند، ڪمبوديا، ويتنام، انڊونيشيا، ۽ مليشيا تائين پهتو. ڀارتي واپاري مصالحا، ڪپڙو، قيمتي پٿر ۽ ڌاتو ڪٺي ساموندي رستن ذريعي انهن ديشن ۾ ويا. انهن مان ڪجهه اُتي ئي رهجي ويا ۽ ڪن واري اُتي پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون. ٻوڌي ڀڪشن ٻوڌي فلسفي جو پرچار ڪيو. ڏکڻ اوڀر ايشيا جا مندر، ناچ، ڪلا، عمارت سازي ۽ سياسي روايتن تي ڀارتي سڀيتا جو اثر صاف نظر اچي ٿو. انڪور مندر بوروبدر استوپ ڀارتيہ مهاڪوين ان جا بهترين مثال آهن. پراچين ڀارت ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جا لاڳاپا صرف واپار تائين محدود نہ هئا، پر سڀيتڪ ۽ روحاني مٽا سٽا جو هڪ اهڃاڻ هئا.



سگيريا غفائن جون پٽ - تصويرون

### ■ شريلنڪا

ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءُ لاءِ سمراٽ اشوڪ پنهنجي پٽ مهيندر ۽ ڌيءَ سنگهمترا کي شريلنڪا موڪليو هو. اُنهن جي نالن جو ذڪر شريلنڪا جي پراچين ٻوڌي ڪتابن ’مهاونس‘ ۾ ملي ٿو. سنگهمترا پنهنجي پاڻ سان گڏ ٻوڌي وڻ جي هڪ شاخ بہ کڻي وئي هئي. شريلنڪا جي انوراڌاپور ۾ موجود ٻوڌي وڻ بابت مڃيو وڃي ٿو تہ اهو ساڳئي شاخ مان وڌو ٿيو آهي.

شريلنڪا جي موتين جي ڀارت ۾ تمام گهڻي گهر هئي. شريلنڪا جي ’سگيريا‘ واري علائقي ۾ عيسوي سن جي پنجين صديءَ ۾ راجا ڪيشپ غفائون کوٽايون هيون انهن غفائن ۾ پٽ-تصويرن جو انداز اجنتا جي تصويرن جهڙو آهي. ’مهاونس‘ ۽ ’ديپ ونس‘ پالي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب ڀارت ۽ شريلنڪا جي آپسي لاڳاپن تي روشني وجهن ٿا.

### ■ چين

پراچين زماني کان ڀارت ۽ چين جي وچ ۾ واپاري ۽ سڀيتڪ لاڳاپا قائم ٿيا هئا. سمراٽ هرش ورڌن چين جي درٻار ۾ پنهنجو عيوضي موڪليو هو. چين ۾ تيار ٿيندڙ ريشمي ڪپڙي کي ڀارت ۾ ’چينا نشڪ‘ چيو ويندو هو، جنهن جي ڀارت ۾ وڏي گهر هئي.

پراچين ڀارت جا واپاري هي ريشمي ڪپڙو اولهہ وارن ديشن ڏانهن موڪليندا هئا. هي واپار خشڪي رستن ذريعي ٿيندو هو. ڀارت، افغانستان ۽ وچ ايشيا جي علائقن مان گذرندڙ هن رستي کي ”ريشمي رستو“ چيو وڃي ٿو. ڀارت جا ڪجهه پراچين هنڌ هن ريشمي رستي سان جڙيل هئا. جن ۾ مهاراشٽر جو ممبئي ويجهو پالگهر ضلعي ۾ موجود نالا سوپارا بہ هڪ هو. چين مان ڀارت ۾ آيل ٻوڌي ڀڪو

فاھيان ۽ يوان شوانگ پڻ ريشمي رستي ذريعي ڀارت پھتا ھئا. يوان شوانگ کي ھيوئن تسنگ بہ چيو وڃي ٿو.

عيسوي سن جي پھرين صديءَ ۾چيني سمراٽ ”منگ“ جي نينڊ تي ڌرم رکشڪ ۽ ڪيشپ ماتنگ جھڙا ٻڌ ڀڪو چين ويا. اُنھن ڪيترن ئي ڀارتي ٻوڌي ڪتابن جو چيني ٻوليءَ ۾ترجمو ڪيو. اُن ڪان پوءِ چين ۾ ٻڌ ڌرم جي ڦھلاءُ کي تيزي ملي. ٻڌ ڌرم اڳتي ھلي جاپان، ڪوريا ۽ ويتنام جھڙن ديشن تائين پھتو.



چا توھان کي خبر آھي؟

عيسوي سن جي ستين صديءَ ۾چين مان يوان شوانگ ٻڌ ڌرم جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارت آيو. نالندا يونيورسٽي ۾ھن ڪيترن ئي سالن تائين علم حاصل ڪيو. اُتان جي عالمن ڪيس ٻوڌي فلسفو ، گرامر، ويچ شاستر ۽ ڏيان جھڙن ڪيترن ئي وشين تي قيمتي ڪتاب ڏنا. ڀارت مان واپس ويندي ھن پنھنجي پاڻ سان ٦٠٠ کان وڌيڪ ھٿ اکر لکيل ڪتاب گڏ ڪيا. ھن جو اھو مقصد ھو تہ اھي ڪتاب چين کڻي وڃي اتان جي ماڻھن کي ٻڌ ڌرم جي ڄاڻ ڏجي. يوان شوانگ ڀارت مان وچ ايشيا ڏانھن ويندڙ بياباني رستو اختيار ڪيو. سڄو ڏينھن سخت اُس ۽ رات جو ھڏا ڄمائيندڙ ٿڌ جھڙي ڏکئي صورتحال ھئي. بيابان سندس حوصلي جو امتحان وٺي رھيو ھو. پوءِ بہ ھو نہ رڪيو. چو تہ ھن وٽ موجود ڪتاب علم جو خزانو ھئا. ھڪ ڏينھن جڏھن ھو ٽاڪلمڪان بيابان مان گذري رھيو ھو تہ اوچتو آسمان ڪارانجي ويو ۽ واريءَ جو زبردست طوفان اُٿيو. اُن تي ضابطو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو ۽ کيس ڊپ ٿيو تہ ڪٿي ڪتاب خراب نہ ٿي وڃن. يوان شوانگ پنھنجي جان جوکي ۾ وجھي انھن ڪتابن کي



طوفان کان بچايو. آھستي آھستي طوفان گھٽجڻ لڳو. ٿڪل ۽ مٽيءَ ۾ڀريل يوان شوانگ اُٿيو ۽ سڀ کان پھرين ڪتاب محفوظ آھن نہ اھو خوش قسمتيءَ سان سڀ ڪتاب محفوظ ھئا.

ڪيترن ئي مھينن جي سفر کان پوءِ آخرڪار چين پھچي ويو. جتي سندس شاندار سواگت ڪيو ويو. اتان جي ڪجھہ عالمن انھن ڪتابن جو اڀياس شروع ڪيو ۽ انھن جو ترجمو ڪيو. جنھن ڪري اوڀر ايشيا ۾ ٻڌ ڌرم جي ڄاڻ وڏي پيماني تي پکڙجي وئي. چين جي سمراٽ پڻ سندس آجيان ڪئي ۽ انھن ڪتابن جي ترجمي لاءِ ھڪ خاص مرڪز قائم ڪيو. يوان شوانگ اڳتي ھلي ٧٥ کان وڌيڪ ٻڌ ڪتابن جو چيني ٻوليءَ ۾ترجمو ڪيو.



انڪوروٽ جو مندر

## ڏکڻ اوڀر ايشيا

ڪمبوڊيا ديش ۾ ’فونان‘ نالي پراچين راڄيه جو بنياد عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ پيو. چيني روايتن مطابق ”ڪونڊنيه نالي هڪ ڀارتي شخص ان راڄيه جو بنياد رکيو هو. اهڙي ڄاڻ ملي ٿي.“ فونان جي ماڻهن کي سنسڪرت ٻوليءَ جي ڄاڻ هئي. هن وقت جو هڪڙو ڪوريل شلا ليک مليو آهي جيڪو سنسڪرت ۾ آهي.



### چا توهان کي خبر آهي؟

چيني مسافرن جي لکيل نوٽن موجب، انڊونيشيا ۾ ’شري وجيه‘ سامراڄ ٻڌ ڌرم جي گرنٿن جي پڙهائيءَ سنسڪرت سکڻ لاءِ هڪ اهم هنڌ هو. انهيءَ باري ۾ هڪ خاص ذڪر آهي. اِن موجب عيسوي سنه ٦٧١ ۾ ’اتسنگ‘ نالي چيني ٻڌ مسافر چين کان واپس موٽ ڪندي جهاز ذريعي انڊونشيا ۾ آيو هو. هن وقت شري وجيه راڄ ۾ ڇهه مهينا سنسڪرت ٻولي سکڻ لاءِ رهيو هو. تنهن کان پوءِ هوُ سمنڊ رستي ڀارت ۾ داخل ٿيو.

شري وجيه راڄ ۾ هڪ ٻه سال سنسڪرت سکڻ لاءِ رهي ڪري پوءِ ئي ڀارت وڃڻ جي صلاح اتسنگ ٻوڌي ڀکن کي پنهنجي لکتن مان ڏني هئي. هن جي لکيل نوٽن موجب هن وقت شري وجيه راڄ جي وهارن ۾ هڪ هزار کان مٿي ڀکو رهندا هئا. هن موجب چين کان ڀارت اچڻ وارا چيني ٻوڌ ڀکو انڊونيشيا ۾ ڪجهه مهينا سنسڪرت سکڻ لاءِ رهي پوءِ ڀارت ايندا هئا.

ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ٻين ديشن ۾ ٻه ڀارت کان ويل ڪجهه ماڻهن راڄ قائم ڪيا. تن ۾ ڪجهه راڄن جي سامراڄن ۾ ڀبلاءُ ٿيو. انهن راڄن ڪري ڀارتي سڀيتا جو ڦهلاءُ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ ٿيندو رهيو. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ڪلا ۽ سڀيتڪ جيون تي ڀارتي سڀيتا جو نشان چٽيل نظر اچي ٿو. انڊونيشيا ۾ راڄ ٻه رامائڻ ۽ مهاڀارت تي ٻڌل ناچ، ناٽڪ ڏاڍو مشهور آهي. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي راڄن ۾ ڀارتي سڀيتا جو اثر وڌندو ويو.

پراچين وقت ۾ ٻڌ ڌرم ميانمار، تائيليند، انڊونيشيا وغيره ديشن ۾ پهتو. پوءِ جي وقت ۾ شو ۽ وشڻو جا مندر بہ ٺاهيا ويا.



ڳولهيو ڏسان

ڪمبوڊيا، انڊونيشيا، ويتنام، تائيليند، ميانمار يا انهن ديشن ۾ڀارتي سيينا جو اثر رکندڙ ڪجهہ اڏاوتن کي يونيسڪو پاران عالمي ورثي جو درجو مليو آهي. انهن جي جاڳاٽ ڳولهي ڪيڊو ۽ انهن جي هڪ فهرست تيار ڪريو.

هن باب ۾ اسان پراچين ڀارت ۽ دنيا وچ ۾ آپسي لاڳاپا سمجهياسين هن ترتين ۾ اسين اهو بہ سکياسين تہ پراچين وقت جو اتهاس سکڻ سان جُدا جُدا ديشن جا سيينتڪ لاڳاپا ڪيئن مضبوط ٿين ٿا.



## - اڀياس -

**سوال ۱ (الف) صحيح جواب جي اڳيان ☑ جونشان لڳايو:**

۱. گانڌار ڪلا جون ڪهڙيون مورتيون ڪهڙي ديش ۾ وڏي پيماني تي مليون آهن؟

(الف) شو ☐

ب) وشڻو ☐

پ) گوتم ٻڌ ☐

۲. چين جو عالم ٻڌ ڀکو 'يوان شوانگ' ڀارت جي ڪهڙي يونيورسٽي ۾ ڪيترن ئي سالن تائين علم حاصل ڪيو؟

(الف) تڪشلا ☐

ب) وڪرمشيلا ☐

پ) نالندا ☐

۳. راماڻ ۽ مهاڀارت جي ڪهاڻين تي ٻڌل ناچ ناٽڪ ڪهڙي ديش ۾ وڌيڪ مشهور آهن؟

(الف) انڊونيشيا ☐

ب) تائيليند ☐

پ) ڪمبوڊيا ☐

۴. 'ريشمي رستو' هيٺ ڏنل ڪهڙن ديشن مان لنگهي ٿو؟

(الف) ڀارت - سريلنڪا - ڪمبوڊيا ☐

ب) ڀارت - افغانستان - وچ ايشيا ☐

پ) ڀارت - انڊونيشيا - چين ☐

**سوال ۲ (الف) هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو:**

۱. موريہ سلطنت جي مورتي ڪلا ۽ اڏاوت تي ايراني ڪلا جو اثر ڪيئن نظر اچي ٿو؟

۲. ڀارتي سيينا جو ڦهلاءُ ڀارت کان ٻاهر بہ وڏي پيماني تي ٿيو، ان جو مثال لکو.

۳. ڀارت جا ڏکڻ - اوڀر ايشيا جي ديشن سان ويجها لاڳاپا هئا، ان جا ثبوت لکو.

نوٽ لکو :

۱. ريشمي رستو

۲. پراچين ڀارتي سيينا ٻين ديشن دنيا تي اثر

۳. گانڌار شلپ ڪلا

## سوال ۳ :تصوراتي خاڪو پورو ڪريو:




عملي ڪم

- دنيا جي نقشي جي خاڪي ۾ پارتي سپيتا جو اثر جتي پهتو، اهي جايون ڏيکاريو.

مثال طور: شريلنڪا، انڊونيشيا، ڪمبوڊيا

- اَنٽرنيٽ جي مدد سان شريلنڪا ۾ جي 'انوراڌاپور' جي ٻوڌي وڻ جو فوٽو ۽ چاڳ هٿ ڪريو.

### مشغولي

- پارت ۽ ٻين ديشن وچ ۾ ڪهڙين ڪهڙين شين جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. اهو ڏيکاريندڙ هڪ تختو ( مثال ) تيار ڪريو.

| ديش | پارت مان ديش ڇا ويندو هو؟ | پارت تي ڪهڙو اَثر پيو؟ |
|---|---|---|
| روم | ڪارا مرچ | واپار جي ڪري سونا سڪا پارت ۾ آيا |
| ........ | ............. | .................... |
| ........ | ............. | .................... |

- يوان شوانگ ڪيترائي پارتي ڪتاب پنهنجي ديش ڪٽي وڃي ترجمو ڇو ڪيو هوندو. ان بابت ڪلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪريو.



شلپ پٽي : گانڌار شلپ ڪلا

***

# ناگرک شاستر

| نمبر | ايپاسڪرم جي لياقت | علمي حاصلات | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|
| | ايپاسڪرم جا مقصد : CG5 ڪتنب ۾ هلندڙ معاملن کان وٺي سماج\ علائقائي\ راشٽريہ سطح تي سماج ۾ موجود مختلف قسمن جي نابرابري ۽ اڳوات تعصب کي سمجهڻ ۽ انهن مسئلن کي نبيرڻ لاءِ اڳيرائي ڪرڻ: | | |
| ١. | اسانجو سماجي جيون<br>C-5.2: سماجي، سياسي، مالي راڄنيتيڪ سنستائن پاران مختلف سطحن تي ڪيل ڪوشش کي سڃاڻڻ چٽو ڪرڻ ۽ اُن جي آڌر تي برابري، شامل ڪرڻ ۽ سماجي نياءُ کي پڪو ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڇا ڪري سگهي ٿو، ان جو اپياس ڪرڻ | ١. سماج جي ويچار کي چٽو ڪري ٿو.<br>٢. ڪتنب جي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>الف) ناتن جي اهميت ٻڌائي ٿو.<br>ب) سماجي ريتن رسمن جو بيان ڪري ٿو. | ٨٧، ٩٣<br>٨٨، ٩٣<br>٨ ٨<br>٩٠، ٩١ |
| | | ٣. ماڻهوءَ جي جيون ۾ سماجي سنستائن جي يوگدان کي چٽو ڪري ٿو.<br>٤. سماجي سنستائن جا ڪم ٻڌائي ٿو.<br>٥. شالا (اسڪول) هڪ سماجي سنستا آهي. اهو ٻڌائي ٿو. | ٨٩، ٩٣<br>٨٩<br>٨٩ |
| | | ٦. سماجي علحدگي بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو.<br>الف) ڌرمي علحدگي بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو.<br>ب) ڀاشائي علحدگي بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو. | ٩٠، ٩٢، ٩٣<br>٩٠، ٩٢<br>٩٠، ٩٢، ٩٣ |
| | | ٧. سياسي علحدگي ٻڌائي ٿو. | ٩١، ٩٢ |
| | ايپاسڪرم جو مقصد : CG-8 ڀارتي جوڙجڪ جي واڌاري جي ريت کي سمجهي ڀارتي سماج ۾ لوڪشاهي مُلهن کي استاپت ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ جي اهميت کي ڄاڻڻ. | | |
| ٢. | C-8.1: گڏريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾، ڪنهن بہ ديس کي خاص ڪري ڀارت کي جوڙجڪ جي گهر ڇو پوندي آهي جوڙجڪ جا اونها مقصد ڪهڙا آهن اهو ڄاڻي ٿو.<br>C-8.2: ڀارتي جوڙجڪ جي نهڻ جي يت کي چٽو ڪري ٿو. ان ۾ سمايل ڀارتي راشٽر هلچل جي آدرشي ويچارن گڏوگڏ ڀارتي ورثي ۽ پرمپرا مان يل سيپتا کي سمجهي ٿو. | ١. جوڙجڪ جي معنيٰ ٻڌائي ٿو .<br>٢. جوڙجڪ جا ڀاڱا /قسم ٻڌائي ٿو.<br>٣. ڀارتي جوڙجڪ جي گهرج ۽ اهميت چٽي ڪري ٿو. | ٩٥، ٩٩،<br>٩٥<br>٩٥، ٩٩ |
| | | ٤. ڀارتي جوڙجڪ نهڻ جو پسمنظر ٻڌائي ٿو<br>٥. جوڙجڪ سڀا بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو .<br>٦. مسودو سمتي بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو . | ٩٥، ٩٦، ٩٩،<br>٩٦، ٩٧، ٩٨،<br>٩٩، ٩٧، ٩٨،<br>٩٩ |
| ٣. | ڀارتي جوڙجڪ جو ديباچو ۽ خاصيتون<br>C-8.1: گڏريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾، ڪنهن بہ ديس کي خاص ڪري ڀارت کي جوڙجڪ جي ضرورت ڇو پيئي ۽ جوڙجڪ جا اونها مقصد ڪهڙا آهن اهو سمجهي ٿو.<br>C-8.2: ڀارتي جوڙجڪ جي نهڻ جي ريت کي چٽو ڪري ٿو. ان ۾ سمايل ڀارتي راشٽر هلچل جي آدرشي ويچارن گڏوگڏ ڀارتي ورثي ۽ پرمپرا مان آيل سيپتا کي سمجهي ٿو. | ٧. ڀارتي جوڙجڪ جي ديپاچو جي اهميت چٽي ڪري ٻڌائي ٿو.<br>الف) ڀارتي جوڙجڪ جا مقصد ٻڌائي ٿو<br>٨. ڀارتي جوڙڪ جون خوبيون (وڏايون) ٻڌائي ٿو | ١٠٠، ١٠٢،<br>١٠١، ١٠٢، ١٠٣،<br>١٠١، ١٠٣ |
| | ايپاسڪرم جو مقصد : CG-8 ڀارتي جوڙجڪ جي واڌاري جي ريت کي سمجهي ڀارتي سماج ۾ لوڪشاهي مُلهن کي استاپت ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ جي اهميت کي ڄاڻڻ. | | |
| ٤. | ڳوٺاڻي مڪاني راڄ ڪروباري سنستائون<br>C-8.3 : مڪاني خود مختيار سنستائن جي ٽن تهن واري ڪم کي چٽو ڪري ٿو ۽ هيٺين سطح تائين لوڪشاهي کي بچائي رکڻ لاءِ انجي اهميت ٻڌائي ساراهہ ڪري ٿو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ هٿي ڏئي ٿو | ١. مڪاني خود مختيار سنستائن جي ٽن تهن واري جوڙجڪ ٻڌائي ٿو.<br>٢. گرام پنچات بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو<br>الف) گرام پنچات جي جوڙجڪ ٻڌائي ٿو<br>ب) گرام پنچات جا ڪم ٻڌائي ٿو<br>ڪ) گرام پنچات جي ڪاروبار بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو<br>ډ) گرام سڀا بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو | ١٠٤، ١١١،<br>١٠٤، ١٠٥،<br>١٠٤، ١٠٥، ١١١<br>١٠٦، ١١٠، ١١١<br>١٠٦، ١٠٧ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | ۳. پئنچات سَمِتي جي جوڙجڪ چِٽي ڪري ٿو<br>(الف) پئنچات سَمِتي جا ڪم چِٽا ڪري ٿو<br>(ب) پئنچات سَمِتي جي ڪاروبار بابت ڄاڻ ڏئي ٿو | ١٠٨<br>١٠٨<br>١٠٨، ١١٠، ١١١ |
| | | ۴. ضلع پريشد جي جوڙجڪ چِٽي ڪري ٿو.<br>الف) ضلع پريشد جا ڪم ٻڌائي ٿو<br>ب) ضلع پريشد جي ڪاروبار بابت ڄاڻ ڏئي ٿو | ١٠٩<br>١٠٩<br>١٠٩،١١٠،١١١ |
| اپياسڪرم جو مقصد : CG-8 ڀارتي جوڙجڪ جي واڌاري جي ريت کي سمجهي ڀارتي سماج ۾ لوڪشاهي مُلهن کي اسٿاپت ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ جي اهميت کي ڄاڻڻ | | | |
| ۵. | شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون<br>C-8.3: مڪاني خود مختيار سنستائن جي ٽن تهن واري ڪم کي چٽو ڪري ٿو ۽ هيٺين سطح تجوڙجڪ لوڪشاهي کي بچائي رکڻ لاءِ انجي اهميت ٻڌائي ساراهه ڪري ٿو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ هشي ڏئي ٿو. | ١. نگر پئنچات جي جوڙجڪ کي ٻڌائي ٿو<br>٢. نگر پئنچات جا صحت بابت ۽ پڙهائي بابت ڪم ٻڌائي ٿو | ١١٢، ١١٩، ١٢٠،<br>١١٣ |
| | | ٣. نگر پريشد جي جوڙجڪ ٻڌائي ٿو.<br>الف) نگر اڌيڪش جي چونڊ ريت ٻڌائي ٿو.<br>۴. نگر پريشد جا ڪم ٻڌائي ٿو.<br>الف) نگر پريشد جا ضروري ڪم ٻڌائي ٿو.<br>ب) نگر پريشد جا پنهنجي مرضيءَ وارا ڪم ٻڌائي ٿو.<br>۵. نگر پريشد جي ڪمائيءَ جو وسيلو ٻڌائي ٿو | ١١٢، ١١٣، ١١۴، ١١٩،<br>١١۴<br>١١٣، ١١۴، ١١٩،<br>١١٣، ١١۴<br>١١۴<br>١١۵ |
| | | ٦. مهانگر پالڪا جي جوڙجڪ ٻڌائي ٿو.<br>الف) مهانگر پالڪا جا ڪم ٻڌائي ٿو.<br>ب) مهانگرپالڪا جي مختمف وشين جي سمتين بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.<br>ث) مهانگر پالڪا جي ڪاروباري جوڙجڪ ٻڌائي ٿو.<br>ڊ) مهانگرپالڪا جي ڪمائيءَ جا وسيلا ٻڌائي ٿو. | ١١۵، ١١٦، ١١٩<br>١١٦، ١١٩، ١٢٠<br>١١٦، ١١٧<br>١١٦، ١٢٠<br>١١٧ |
| | | ٧. ڪٽڪ منڊل جي معنيٰ ٻڌائي ٿو.<br>الف) ڪٽڪ منڊل جي جوڙجڪ ٻڌائي ٿو.<br>ب) ڪٽڪ منڊل جون خوبيون ٻڌائي ٿو.<br>ث) ڪٽڪ منڊل جا ڪم ٻڌائي ٿو. | ١١٧<br>١١٨<br>١١٨<br>١١٨، ١١٩ |
| اپياسڪرم جو مقصد : CG-8 ڀارتي جوڙجڪ جي واڌاري جي ريت کي سمجهي ڀارتي سماج ۾ لوڪشاهي مُلهن کي اسٿاپت ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ جي اهميت کي ڄاڻڻ | | | |
| ٦. | ضلعي جو ڪاروبار<br>C-8.3: مڪاني خود مختيار سنستائن جي ٽن تهن واري ڪم کي چٽو ڪري ٿو ۽ هيٺين سطح تجوڙجڪ لوڪشاهي کي بچائي رکڻ لاءِ انجي اهميت ٻڌائي ساراهه ڪري ٿو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ هشي ڏئي ٿو. | ١. ضلعي جي ڪاروبار جي جُدا جُدا ڪاتن جا نالا ٻڌائي ٿو. | ١٢١ |
| | | ٢. ضلعي جي محصول ڪاروبار جي جوڙجڪ ڪري ٿو.<br>ب) ضلعي جي محصول ڪاروبار جي اختيارن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. | ١٢١، ١٢٢<br>١٢٢، ١٢٦، ١٢٧<br>١٢١، ١٢٢، ١٢٣، ١٢٦ |
| | | ١. ضلع پوليس ڪاروبار جي جوڙجڪ<br>الف) ضلع پوليس ڪاروبار جي ڪمن جو بيان ڪري ٿو. | ١٢۴<br>١٢۴، ١٢٧ |
| | | ١. ضلع پوليس ڪاروبار جي جوڙجڪ چِٽي ڪري ٿو.<br>الف) ضلع نياءُ ڪاروبار جا ڪم ٻڌائي ٿو | ١٢۵، ١٢٦<br>١٢۵، ١٢٦، ١٢٧ |

نوٽ : درسي ڪتاب ۾ ڪم آندل نقشا، تعليمي مقصد لاءِ تيار ڪيا ويا آهن. اُنهن جو راڄ ڪاروبار يا جاگرافيڪل پئمانن لاءِ اِستعمال نہ ڪيو وڃي. نقشا تيار ڪرڻ وقت وڏ ۾ وڏ بي عيب تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. تنهن ڪري بہ ڪي عيب هوندا تہ تڪنيڪي خرابين سبب هوندا.

# فهرست



| نمبر | پاٺ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|
| ١ | اسان جي سماجي زندگي | ٨٧ |
| ٢ | پارٽ جو جوڙجڪ | ٩٤ |
| ٣ | پارٽي جوڙجڪ جو ديباچو ۽ خاصيتون | ١٠٠ |
| ٤ | مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون (ڳوٺاڻيون) | ١٠٤ |
| ٥ | مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون (شهري) | ١١٢ |
| ٦ | ضلع ڪاروبار | ١٢١ |



# ١ اسان جي سماجي زندگي

١.١ سماج : معنيٰ ۽ ګهرج
١.٢ سماجي سنستائون ۽ ڪم
١.٣ سماجڪ علحدگي
١.۴ سيپنڪ علحدگي

ماڻهوءَ جي اوسر ڪيئن ٿي اهو توهان اڳ ۾ سکيا آهيو. اڄ جي اسان جي اڄوڪي سماجي زندگي هزارين سالن جي واڌاري مان ٺهي آهي. ماڻهوءَ پتڪنڊڙ حالت مان نکري اِستر سماجي جيون ڏانهن سفر ڪيو آهي.

### ١.١ سماج معنيٰ ۽ ضرورت

صرف ماڻهن جو ميڙ يعني سماج نہ آهي، پر سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ لاڳاپن جي سرشتي کي سماج چئبو آهي. سماج ۾ بزرگ ، جوان، ٻار، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اهڙي طرح هر هڪ شخص شامل هوندو آهي.

### ١.١ ماڻهوءَ کي سماج جي ضرورت ڇو پئي؟

پتڪنڊڙ ماڻهوءَ کي استرتا ۽ حفاظت حاصل نہ هئي. پنهنجون شاريرڪ ۽ جذباتي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هو ڳڻ ڏيو. هو ګڏجي غير موافق ملهائتي حالتن جو وڏيڪ مضبوطيءَ سان مقابلو ڪرڻ لڳو. اناج ۽ اجهو حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ ګڏجي محنت ڪرڻ لڳو. ګروهہ ۾ موجود سڀني ماڻهن محنت ڪئي، تہ سڀني جي زندگي سولي ٿي ويئي، اهو ماڻهوءَ سمجهي ورتو. ان مان ئي ماڻهوءَ جي سماج جي بناوت شروعات ٿي.

### ١.١.٢ ماڻهوءَ ۾ سماج شيلتا

ماڻهوءَ سماج جو حصو هجڻ ۾ خوشي محسوس ڪندڙ هڪ سماج شيل ساهوارو آهي. اسان سڀني کي هڪٻئي سان ګڏ رهڻ پسند آهي. ماڻهوءَ صرف حفاظت لاءِ پنهنجون شاريرڪ ۽ دنيوي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سماج ۾ نٿو رهي. پر هو پنهنجي گهڻ طرفي ترقيءَ لاءِ سماج ۾ رهي ٿو. اسان کي جڏهن خوشي ٿيندي آهي تہ لڱندو آهي تہ ڪنهن کي تہ ٻڌايون . اسان کي جڏهن ڏک ٿيندو آهي تہ اسان چاهيندا آهيون تہ ڪو اسان کي سمجهي اسان کي جڏهن نوان خيال سجهندا آهن تہ اهي اسان پنهنجن پيارن سان ونڊڻ چاهيندا آهن. اهڙي قسم جي جذباتي ۽ ذهني ڏي-وٺ سان اسان جي سماج شيلتا ظاهر ٿئي ٿي.

هينيان پهريان ٣ چتر ڏسي آخرين چتر ۾ ڏنل سوال جو جواب ڳولهيو:




**سماج شيلتا :** سماج شيلتا يعنيٰ ماڻهن جي ٻين ماڻهن سان سولي نموني، ٽالهائي - ٻولهائي ۽ سهڪار ڪرڻ جي سگهہ آهي.




سماج شيلتا وسيلي ٻالڪن جو واڌارو

### ۱.۱.۳ ڪٽنب جي سرشتي جو واڌارو




ماڻهوءَ جي شروعاتي دور ۾ ڪٽنب جو اهو تصور اڄ وانگر چٽو نہ هو. ماڻهوءَ ٽولين ۾ رهندو هو تہ جيئن قدرتي مصيبتن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ماڻهوءَ هڪ جاءِ تي گڏ رهڻ لڳا. جنهن ڪري سندن ۾ حفاظت جو احساس پيدا ٿيو.

کاڌي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کيتي شروع ڪئي. جنهن مان سندس زندڪي ٽانئيڪي ٿي وئي. کيتيءَ لاءِ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي ضرورت هئي. ان ڪري ’ڪٽنب سرشتو‘ وجود ۾ آيو.



اچو عمل ڪريون:

توهان پنهنجي ڪٽنب جو هڪ نقشو تيار ڪريوءِ گهر جي ڪمن جي ورهاست ڏيکاريو. توهان پاڻ گهر ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا آهيو، انجي هڪ فهرست ٺاهيو.




### ۱.۱.۴ سماج ۾ ڪمن جي ورهاست

سماج جي مختلف حصن ۾ خاص روايتن ۽ رواجن موجب نيم ۽ قاعدا وجود ۾ ايندا آهن. ٽوليءَ جي سڀني ماڻهن لاءِ سڀيئي ڪم اڪيلي سر ڪرڻ ممڪن نہ هو. تنهنڪري ٽوليءَ ۾ ڪمن جي ورهاست جي شروعات ٿي ۽ ان مان ئي سماج جي اڏاوت ٿي. ان کان پوءِ سماجي معاملن کي سهٽي نموني هلائڻ لاءِ نيم ۽ ٺهندا ويا.

**ڪٽنب** : جيڪي ماڻهو رشتيداري، شادي يا گود وٺڻ جي لاڳاپي ذريعي هڪ ئي گهر ۾ گڏ رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي جو خيال رکندا آهن. تنهن کي ڪٽنب چئبو آهي.

**ننڍو ڪٽنب** : جنهن ڪٽنب ۾ ميمبرن جو تعداد ۴ يا ان کان گهٽ هوندو آهي تنهن کي ننڍو ڪٽنب چئبو آهي. (مثال طور : ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ، ڀيڻ)

**وڏو ڪٽنب** : جنهن ڪٽنب ۾ ماءُ - پيءُ ۽ ٻارن سان گڏوگڏ ڏاڏو - ڏاڏي، چاچو-چاچي ۽ سندن ٻار گڏ رهندا آهن. تنهن ڪٽنب کي وڏو يا گڏيل ڪٽنب چئبو آهي.

## ١.٢ سماجي سنستائون ۽ ڪم




ڪٽنب، اسڪول، ڪاليج، ڌرمي سنگهٺن وغيره سماجي سنستائن طور سڃاتا وڃن ٿا. انهن جو مکيه ڪم بنيادي سماجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ هوندو آهي. سماج کي سنا ملھ سيکارڻ ۽ جذباتي سهاري سان گڏ سماج ۾ انتظام قائم رکڻ سماجي سنستائن جو اهم ڪم آهي.

سماج جي هر شخص ۾ آزاد سوچ جي سگهه هوندي آهي. هيءَ سوچ وڌائڻ ۾ سندس ڪٽنب، پاڙيسرين، مائٽن، دوستن ۽ ماسترن جو وڏو هٿ هوندو آهي. ان سان گڏوگڏ ريڊيو، اخبارون، ٽيليويزن، فلمون ، ناٽڪ، انٽرنيٽ، سماجي سنگهٺن ۽ ڌرمي سنستائون ، اهڙن وسيلن سان هر ڪنهن جي شخصيت ۽ سوچ جو واڌارو ٿيندو آهي. آزاد سوچ جي سگهه جي ڪري ئي ماڻهن ۾ مختلف پسند ۽ ناپسند پيدا ٿيندي آهي.

هڪ ئي ڳوٺ يا شهر جي هڪ حصي ۾ رهندڙ سماج جي ماڻهن يا شاگردن ۾ مختلف هنر ۽ مهارتون پيدا ٿينديون آهن. انهن هنرن ۽ مهارت جي بنياد تي، هڪ اسڪول جا شاگرد مستقبل ۾ مختلف ڪيترن ۾ ڪم ڪندا آهن.

**اسڪول: هڪ اهم سماجي سنستا:**

اسڪول سماج پاران قائم ڪيل هڪ بنيادي سماجي سنستا آهي. انتظام، سهڪار، مختلف حصن ۽ وشين جي ڄاڻ، ڪلا ڳڻن جو واڌارو، گڏيل جذبو وغيره ڳالهيون اسان اسڪول جي ذريعي ئي سکندا آهيون. شخصي زندگي ۽ سماجي ضرورتن جي وچ ۾ اسڪول هڪ اهم ڪڙي آهي.



**اچو ته ڪريو :**

١. توهانجي دوستن ساهيڙين کي ڪهڙا هنر يا ڪم پسند آهن. انجو هڪ خاڪو تيار ڪريو.
٢. توهان جا دوست ساهيڙيون وڏا ٿي ڇا ٿيڻ چاهين ٿا. ان باري ۾ ساڻن ڳالهائي هڪ خاڪو ٺاهيو.

### ١.٢.١ سماج ۾ هڪ ٻئي تي پاڙڻ

پهرين ڪاڏو ۽ اجهو ماڻهوءَ جون بنيادي ضرورتون هيون، ڪٽنب ۾ رهندڙ ماڻهوءَ کي ڪپڙن جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. کاڌو، ڪپڙا ۽ اجهو ، اهي هر هڪ شخص جون بنيادي ضرورتون آهن. انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ دائمي سرشتو قائم ڪرڻ سماج جي ذميواري آهي. مثال طور:

١. کاڌي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ کيتي ڪرڻ
٢. کيتي ڪرڻ لاءِ اوزار ۽ مال جو بندوبست ڪرڻ.

**سماج:** هڪ خاص علائقي ۾ رهندڙ ، پنهنجو هڪ طريقو ۽ زندگيءَ جو نظريو رکندڙ انساني گروهن جي ميڙ کي سماج چئبو آهي.
**سماجي سنستائون:** بنيادي سماجي ڪمن کي پورو ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي وهنوارن جو هڪ گڏيل روپ يعني سماجي سنستا آهي. شادي سرشتو، ذات پات جو سرشتو، ڪٽنب جو سرشتو ۽ تعليمي سنستائون سماجي سنستائن جا ڪجهه مثال آهن.
**سماج جا حصا:** شخص، ڪٽنب، گروهه، سيڻا، سماجي نيم ۽ ملھ ، سماجي لاڳاپا. اهي سيئي سماج جا حصا آهن.

۳. ٻج ۽ ٻاڻ ميسر ڪرائڻ

۴. کيتيءَ جي پيداوار تي ٻڌل صنعتون قائم ڪرڻ

۵. انهن جي پورائي لاءِ مالي سهوليتون (بئنڪ يا پيڙهيءَ کان قرض) مهيا ڪرائڻ

اهڙو مڪمل سرشتو سماج ۾ قائم ڪرڻو پوندو آهي. سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي سياٽپ مان تعليم، صحت ۽ ٻيون سهوليتون پيدا ٿينديون آهن. ماڻهن جي مختلف هنرن ۽ سگهن مان سيينڪ سونهن وڌندي آهي. ۽ وندر جا وسيلا تيار ٿيندا آهن. واپار ۽ صنعتڪاريءَ مان ڪاروبار کي هٿي ملندي آهي. پنهنجو شاريرڪ، ذهني ۽ جذباتي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سماج جا سڀيئي ماڻهو هڪ ٻئي تي ٻاڙين ٿا. ان کي ئي سماج ۾ ماڻهن جو ’هڪ ٻئي تي ٻاڙڻ‘ چيو وڃي ٿو.




## ۱.۳ سماجي علحدگي

ڀارتي سماج ۾ ڪيترين ئي ٻولين سيينائون، ڪاڏا، ڌرم، ريتيون ۽ رسمون موجود آهن. ڀارت جي جاگرافيڪل علحدگي پڻ شاندار آهي. ان جاگرافيڪل علحدگي جو اثر سيينڪ علحدگي تي پڻ پيو ٿو. هيءَ علحدگي ڀارت جي هڪ اهم خاصيت ۽ اصلي طاقت آهي.

### ۱.۳.۱ ڌرمي علحدگي

ڀارت ۾ هندو، مسلم، ٻڌ، جين ۽ عيسائي، سک ۽ پارسي اهڙا ڪيترن ئي ڌرمن جا ماڻهو گڏجي مسڄي رهن ٿا. هر ڪنهن کي پنهنجي ڌرم مطابق ڌڻ وار ملهائڻ جي آزادي آهي، جنهن ڪري سماج ۾ ٻڌي ۽ ايڪتا پيدا ٿئي ٿي.

### ۱.۳.۲ ٻولين جي علحدگي

سماج جي ڪري ئي هر شخص ۾ خاص خوبيون ۽ لياقتون پيدا ٿينديون آهن. هڪٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ اسان ٻولي سکندا آهيون. اها ٻولي اسان کي جمندي ئي ڄاڻ نه هوندي آهي، پر اسان اها پنهنجي گهر، پاڙي ۽ اسڪول مان سکندا آهيون. اسڪول ۾ اسان کي مختلف ٻوليون سکڻ جو موقعو ملندو آهي.

اسان جي آس پاس مراٺي، هندي، سنڌي، اردو، گجراتي، ڪنڙ، تيلگو، تمل ۽ بنگالي جهڙيون ڪيترين ئي ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا. ان کان سواءِ اهراٽي، ڪونڪٽي، ورهاڙي وغيره ٻولين ۽ گونڊي، ڀيل، سنٿالي وغيره آديواسي ٻولين جي ڪري اسان جو ٻولين وارو ورثو وڌيڪ شاهوڪار ٿئي ٿو.

**هڪ ٻئي تي ٻاڙڻ:** سماج ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي تي ٻاڙين ڪن ٿا. ان حالت کي هڪٻئي تي ٻاڙڻ چئبو آهي.

**سماجي علحدگي :** سماج ۾ موجود مختلف ٻولين، ڌرمن، ذاتين، سيينا، رسمن ۽ سوچن جي فرق کي سماجي علحدگي چئبو آهي.

**ڌرمي علحدگي :** هڪ ئي ديش يا سماج ۾ مختلف ڌرمن جي ماڻهن جو گڏجي امن سان رهڻ ڌرمي علحدگي آهي.



**پڙهيو ڏسان!**

توهان جي آسپاس ڪهڙيون ڪهڙيون ٻوليون ڳالهيون وينديون آهن؟

## ۱.۴ سپيٽڪ علحدگي

ماڻهوءَ جي سماج جي زندگي جو واڌارو ڪلا، ٻولي، لباس، کاڌن، روايتن ، راندين وغيره جي ميل جول مان ٿيو آهي. ڀارت سپيٽڪ علحدگي سان مالامال هڪ ديش آهي. هر علائقي جا ڏڻ وار، گيت ۽ رسمون الڳ آهن. پر انهن سيني پنيان اتساهه ۽ وشواس هڪ ئي هجڻ ڪري سڄو ديش ٻڌي ۽ ايڪتا جي ڌاڳي ۾ ٻڌل آهي.



**ڳولهيو ڏسان:**

مهاراشٽر ۾ جنوري مهيني ۾ مڪر سڪرانتي جو ڏڻ ملهايو ويندو آهي. ان ئي نموني ، مختلف علائقن ۾ جنوري مهيني ۾ سڄ جي متجندڙ رخ تي ملهايا ويندڙ ڏڻن ڪي ڪهڙن نالن سان سڃاتو ويندو آهي؟

### ۱.۴.۱ کاڌي جي علحدگي:

جاگرافيڪل حالتن مطابق کيتي جي پيداوار ۾ تبديل ٿيندي آهي ۽ ان جي بنياد تي روزاني خوراڪ پڻ علائقي جي حساب سان بدلجي ويندي آهي. مهاراشٽر ۾ چوچ سان کاڄندڙ پنل پاڪري بين راجين ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

- **تيل :** ڀارت جي ڏکڻ ۾ ناريل جو تيل، اتر ۾ سرنهن جو تيل ۽ اولهه ۾ بوهيمڱن جو تيل استعمال ڪيو ويندو آهي.
- **مکيه اناج:** ڀارت جي ڏکڻ ۽ ڪناري واري ڀاڱن ۾ چانور ۽ اُتر ۽ وچ ڀارت ۾ ڪڻڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ مڪئي مکيه اناج آهن.
- **ايڪتا:** ادلي - ڍوسو ۽ سنبوسو، پراڻا جهڙيون شيون اڄ سڄي ديش ۾ مشهور آهن. جيڪي علحدگي ۾ ايڪتا ڏيکارين ٿا.



**ڳولهيو ڏسان !**

ديش جي مختلف علائقن ۾ مشهور مانيون ڪهڙيون آهن. انهن جي هڪ فهرست تيار ڪريو. (مثال مهاراشٽر - پورڻ پوڙي



ڀارت ۾ کاڌن ۾ علحدگي

**ٻوليءَ جي علحدگي:** ٻوليءَ جي علحدگيءَ جو مطلب آهي ته هڪ ديش، راجيه يا سماج ۾ مختلف ڀاشا، ٻولين ۽ لپين جو وجود هجڻ.

**سپيٽڪ علحدگي :** مختلف ٻولين، ڌرم، روايتون، رسمون، ڏڻ وار ۽ زندگي گذارڻ جا طريقا هجڻ کي سپيٽڪ علحدگي چئبو آهي.






اچو ته ڳولهيو

| راڄيه | ٻولي | ناچ جو قسم | راند |
|---|---|---|---|
| مهاراشٽر | مراٺي | لاوڻي | ڪبڏي |
| گجرات | | | |
| راجستان | | | |
| پنجاب | | | |
| هريانا | | | |
| اُتر پرديش | | | |
| اولهه بنگال | | | |
| اوڙيسا | | | |
| آسام | | | |
| ڪرناٽڪ | | | |
| مڌيه پرديش | | | |
| ڪيرل | | | |
| تمل ناڊو | | | |
| ڇتيسگڙهه | | | |

### ١.۴.٢ علحدگي ڀارت جي سچاڻپ ۽ طاقت آهي.

ڀارتي سماج ٻولين، سڀيتا ۽ ڪاڌي پيتي ۾ وڏي علحدگي ملي ٿي. اها ئي علحدگي ڀارت جي حقيقي ’طاقت‘ ۽ ’خاصيت‘ آهي. مختلف سماجن وچ ۾ سمجهه ۽ هڪٻئي جي روايتن توڙي ريتين رسمن جو آدر ڪرڻ جي ڪري وڏي جاگرافيڪل پکيڙ ۽ وڏي آبادي هجڻ ڪان پوءِ به اسان کي هر هنڌ ڀارتي هجڻ جو احساس ٿئي ٿو. هڪ ٻئي جي رهڻي ڪهڻي ۽ سڀيتا کي سمجهڻ سان سڀيئي سڀيتائون وڌيڪ مالامال ٿيون آهن. مختلف ٻوليون هڪٻئي سان رابطي ۾ اچڻ ڪري وڌيڪ شاهوڪار ٿيون آهن. هڪٻئي لاءِ سهن شيلتا جي جذبي مان سماجي ايڪتا جنم وٺي ٿي. وقت به وقت سماج تي ايندڙ قدرتي آپدائن جي دور ۾ ان ئي سماجي ايڪتا جي جذبي سان ماڻهو هڪ ٻئي ڏانهن مدد جو هٿ ڪندا آهن. ڀارت جي هي سچي علحدگي ايڪتا ظاهر ڪري ٿو

# - اڀياس -



سوال ١: سچاڻو ۽ لکو:

١. ڪاڌي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ انسان ھيءُ ڌنڌو شروع ڪيو ...........

٢. اھا سماجي سنستا جنھن ۾ ماڻھو جي رت جي رشتي، شادي يا گود وٺڻ جي رشتي ذريعي گڏ رھن ٿا ۽ ھڪٻئي جي سنڀال ڪن ٿا ...........

٣. ڀارت جي ڍاڪٽي ڪناري پٽي تي رھندڙ ماڻھن جو بنيادي اناج ...........

سوال ٢: فھرست ٺاھيو:

توھان کي چاڙ ھوندڙ گھٽ ۾ گھٽ ٥ ٻولين جي فھرست تيار ڪريو.

سوال ٣: ھيٺ ڏنل تصورن کي چٽو ڪريو:

١. سماج

٢. ڪٽنب سنستا

سوال ۴: سماج کي اخلاقي نيمن، قاعدن جي ضرورت ڇو ھوندي آھي؟ پنھنجن لفظن ۾ لکو.

سوال ٥: خاڪو مڪمل ڪريو




سوال ٦: اڇو ته پنھنجو پاڻ کي پرکيون

ڇا توھان ھڪ آدرشي ناگرڪ آھيو؟ ھيٺ ڏنل سوالن جي اڳيان صحيح ( ✓ ) يا غلط ( ✗ ) جي نشاني لڳايو:

١. مان ڪچرو صرف ڪچري جي ڊبي ۾ اُڇليندو آھيان. [ ]

٢. مان قطار ۾ بيھندو آھي ۽ ڪنھن کي ڌڪو نه ڏيندو آھيان. [ ]

٣. مان پاڻي زيان نه ڪندو آھيان. [ ]

۴. مان پاڙيسرين ۽ بزرگ ناگرڪن جي مدد ڪندو آھيان. [ ]

٥. مان عام باغن مان گل نه پٽيندو آھيان. [ ]

**مشغولي:**

- ڀارت جي مختلف راڄين جي کاڌي پيتي جي شين، ڏڻن ۽ ناچن جي علحدگي کي ظاھر ڪندڙ ھڪ چارٽ ٺاھيو ۽ ان کي ڪلاس روم ۾ لڳايو.
- ڀارت جي نقشي ۾ سيني راڄين کي مختلف رنگن سان رنگيو ۽ اُتي جي ڪنھن ھڪ مشھور شيءِ جو نالو لکو.
- اسڪول سيني لاءِ ھڪ اھم سماجي سنستا آھي ، ان ڳالھ کي چٽو ڪندڙ ھڪ تصويري چارٽ ماسترن جي مدد سان تيار ڪريو.

***



# ٢ ڀارت جو جوڙجڪ

٢.١ جوڙجڪ جي معنيٰ ضرورت ۽ اهميت

٢.٢ ڀارتي جوڙجڪ جي تيار ٿيڻ جي ترتيب

٢.٣ جوڙجڪ سڀا جو ڪم ڪار

سمتا : ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟ آزاديءَ جو ڏينهن ۽ پرجاوادي ڏينهن اسان جا راشٽريہ ڏڻ آهن.

امن : ها، آزاديءَ جي ڏينهن تي يعنيٰ ١٥ آگسٽ تي ۽ پرجاوادي ڏينهن تي يعنيٰ ٢٦ جنوري تي اسان جي اسڪول ۾ جهنڊو ڦهرايو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ الڳ الڳ ڪاريہ ڪرم پڻ ٿيندا آهن. انهن ٻنهي ڏينهن ڪيتري نہ جوش ۽ خوشيءَ جو ماحول هوندو آهي.

ميري : ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي اسان جي ملڪ کي آزادي ملي هئي. اسان برٽشن جي غلاميءَ مان آزاد ٿيا هئاسين. ان ڪري هر سال اسان ١٥ آگسٽ تي آزاديءَ جو ڏينهن ممهجوڙجڪ ڪندا آهيون.

سمتا : پر، پرجاوادي ڏينهن جي اصل معنيٰ ڇا آهي؟

امن : ٢٦ جنوري ١٩٥٠ تي ڀارت پنهنجي ملڪ جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ تيار ڪيل جوڙجڪ لاڳو ڪئي هئي. ان ڪري هر سال اسان ٢٦ جنوري تي پرجاوادي ڏينهن ملهہ جوخڪ ڪندا آهيون.

ميري : پر هن ڏينهن کي پرجاوادي ڏينهن ڇو چئبو آهي؟ جوڙجڪ مان آخر ڪهڙي مراد آهي؟ اها ڪنهن ٺاهي ۽ جوڙجڪ جي ضرورت ڇو هوندي آهي؟ ٢٦ جنوري ١٩٥٠ جي ڏينهن تي ئي ڇو ئي جوڙجڪ ڇو لاڳو ڪئي وئي؟

ڀارتي جوڙجڪ بابت ميريءَ کي پيدا ٿيل سوال ۽ جڳياسا پڪ ئي توهان جي ذهن ۾ بہ هوندو. اچو تہ هن مطلب جي ذريعي انهن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون

گذريل باب ۾ اسان سماج بابت پڙهيو هو. سماج جا مختلف حصا پاڻ ۾ سڪ پيار سان گڏ رهن ۽ سڀني کي ترقيءَ جا هڪجهڙا موقعا ملي سگهن. ان لاءِ قانونن ۽ نيمن جي ضرورت هوندي آهي. سماج کي صحيح طريقي سان هلائڻ لاءِ اٽڪل سڀني ملڪن پنهنجو جوڙجڪ تيار ڪيو آهي. اسان جي ڀارت ملڪ جو ڪاروبار پڻ اسان جي جوڙجڪ موجب ئي هلي ٿو.



ويچار ڪريو.

ميدان تي کيڏجندڙ ڪرڪيٽ جي مئچ ۽ رستي تي کيڏجندڙ ڪرڪيٽ جي مئچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هيٺ ڏنل مدن جي بنياد تي ٻڌايو تہ نيمن جي ڪهڙي اهميت آهي

١) نيم　　٢) حدون

٣) حفاظت　　٤) امپائر

ڪرڪيٽ جي ميدان تي کيڏجندڙ مئچ ۾ سنگهنن ، دستور ۽ لکيل نيمن تي عمل ڪيو ويندو آهي. پر رستي کيڏجندڙ مئچ ۾ قانون نہ آهن هوندا. سنگهنن نہ آهي هوندي يا انهن تي عمل نہ آهي ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڪو يا اختيار امپائر هوندو آهي. اهڙي ئي طريقي سان جيڪڏهن ديش کي صحيح نمونو هلائڻو آهي تہ جوڙجڪ ضروري آهي. جيڪڏهن جوڙجڪ نہ هوندو تہ ملڪ جو ڪاروبار صحيح نموني هلي نہ سگهندو.





## ٢.١ جوڙجڪ جي معنيٰ : ضرورت ۽ اهميت

ڪنهن بہ ديش جي بهترين ڪاروبار هلائڻ لاءِ ۽ ناگرڪن جي حقن جي حفاظت لاءِ جوڙجڪ بيحد ضروري هوندو آهي. ديش جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ تيار ڪيل بنداي قانونن، نيمن ۽ بندوبستن کي گڏيل طور تي جوڙجڪ چئبو آهي. جوڙجڪ کي سنوڌان پڻ چيو ويندو آهي.

جوڙجڪ جي ضرورت ڇو آهي، ان جا اهم سبب هينيان آهن:

١. نيمن جو ڍانچو ۽ بهترين انتظام : جوڙجڪ ديش جي قانونن جو سڀ کان اوچ وسيلو آهي. سماج ۾ مختلف ذاتين، ڌرمن ۽ ويچارن جا ناگرڪ گڏ رهن ٿا. انهن جي وچ ۾ ميل ميلاپ رکڻ ۽ ديش کي ڪيئن هلايو وڃي. ان لاءِ ڪجهہ بنيادي نيمن جي ضرورت هوندي آهي ۽ جوڙجڪ اهي نيم ميسر ڪندي آهي.

٢. سرڪار جي اختيارن تي پابندي: جيڪڏهن جوڙجڪ نہ هجي تہ سرڪار طاقت جو غلط استعمال ڪري سگهي ٿي. جوڙجڪ سرڪار جا اختيار ڇٽا ڪري ٿي ۽ انهن تي پابنديون لڳائي ٿي.

٣. ناگرڪن جي حقن جي حفاظت : جوڙجڪ ناگرڪن کي ڪجهہ بنيادي حق ميسر ڪرائي ٿي ۽ انهن جي حفاظت ڪري ٿي. (جهڙوڪ اظهار جي آزادي گهمڻ ڦرڻ جي آزادي)

٤. طاقت جي ورهاست: جوڙجڪ جي ڪري ديش جو راڄ ڪاروبار ٽن اهم حصن ۾ ورهايو ويندو آهي.

- قاعدي سڀا: قاعدا ٺاهيندڙ سنستا کي قانون سڀا چئبو آهي.
- ڪاروباري منڊل: قانونن کي لاڳو ڪندڙ سنستا کي ڪاروباري منڊل چئبو آهي.

نياءُ منڊل: قانون جو عمل ڪندڙ ۽ نياءُ ميسر ڪندڙ سنستا کي نياءُ منڊل چئبو آهي.

٥. ٿورائيءَ وارن جي پلي جي حفاظت:

لوڪشاهيءَ ۾ گهڻائيءَ جو آدر ڪيو ويندو آهي. پر جوڙجڪ جي ڪري گهڻائيءَ وارا گروهہ ٿورائيءَ وارن تي انياءُ نٿا ڪري سگهن. انهن جي ٻولي، سڀيتا ۽ تعليمي حقن جي حفاظت جي ذميواري جوڙجڪ جي هوندي آهي.

٦. ديش جا مقصد ۽ ملهہ چٽو ڪرڻ:

ديش کي ڪهڙي طرف اڳتي وڌائڻو آهي. اهو جوڙجڪ جي 'ديباچو' مان چٽو ٿئي ٿو. مثال طور: ڀارت نياءُ، آزادي، برابري، برادري جي مقصدن کي قبول ڪيو آهي. جوڙجڪ ديش جي 'آتما' آهي، جيڪو ڀارت جهڙي ديش ۾ لوڪشاهيءَ کي زنده رکڻ جو ڪم ڪري ٿو.



ڪري ڏسو:

توهان جي ڪلاس ۾ شانتي ۽ انتظام قائم رکڻ لاءِ نيمن جي هڪ فهرست تيار ڪريو.

### ٢.١.١ : جوڙجڪ جا قسم:

عام طور تي جوڙجڪ جا بہ قسم هوندا آهن: لکيل ۽ اڻ لکيل

لکيل: ديش جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ گهربل سڀ بنيادي نيم، قانون ۽ تنو جڏهن هڪ ئي يا ڪجهہ خاص لکيل دستاويزن ۾ باقاعدي طور تي گڏ ڪري رکيا ويندا آهن. تہ ان کي 'لکيل جوڙجڪ' چئبو آهي. مثال طور: ڀارت ، آمريڪا.

اڻ لکيل : جنهن ديش جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ گهربل نيم ڪنهن خاص وقت تي ، ڪنهن خاص جوڙجڪ سمتي گڏجي نہ لکيا هجن. ان کي 'اڻ لکيل جوڙجڪ' چئبو آهي. مثال طور : برٽين (يوناائيٽيڊ ڪنگڊم)



اچو تہ ڳولهيون ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون:

لکيل جوڙجڪ ۽ اڻ لکيل جوڙجڪ ڪهڙن ديشن ۾ آهي اهو اِنٽرنيٽ وسيلي ڳولهي ڪلاس ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.

### ٢.٢ ڀارتي جوڙجڪ جي تيار ٿيڻ جي ترتيب:

ڀارت جي جاگرافيڪل پکيڙ، وڏي آبادي ۽ سڀيتڪ کي علحدگي کي نظر ۾ رکجي تہ جوڙجڪ کان سواءِ ديش جو ڪاروبار هلائڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي.

ديش ۾ لوڪشاهي ڪاروابر کي هٿي وٺرائڻ لاءِ جوڙجڪ ضروري آهي. اسان جي ديش کي آزادي ملڻ جي پڪ ٿيڻ ڪانپوءِ سال ١٩٤٦ ۾ جوڙجڪ جي تيار ٿيڻ جي ترتيب شروع ٿي. ان مقصد لاءِ هڪ جوڙجڪ سڀا قائم ڪئي وئي.

آزاد ڀارت جو ڪاروبار برٽشن جي ٺاهيل قانونن موجب نه. پر خود ڀارتين جي تيار ڪيل قانونن موجب هلندو. اهڙو آزاديءَ جي هلچل جي اڳواڻن جو ارادو هو.




**چا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ديش جي مختلف صوبن ( ان وقت ممبئي صوبو، بنگال صوبو، مدراس صوبو، جهڙا ڀاڱا هئا) جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ سال ١٩٤٦ ۾ جنتا جي عيوضين جي چونڊ ڪئي وئي هئي. هر صوبي جي جنتا جي عيوضين ڀاڻ مان ڪجهه عيوضي عيوضي جوڙجڪ سڀا جي ڪم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چونڊيا هئا. ان ڪان سواءِ ان وقت ديش ۾ مختلف راجائن جون رياستون ٿيون. انهن رياستن جي حڪمرانن جوڙجڪ سڀا جي ڪم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پنهنجا عيوضي موڪليا هئا. اهڙي طرح صوبن ۽ رياستن جا گڏجي ڪل ٢٩٩ ميمبر جوڙجڪ سڀا ۾ هئا. انهن ۾ ڪجهه عورتون پڻ ميمبر هيون.

**اچو ته ڄاڻ حاصل ڪريون:**

جوڙجڪ سڀا جا ميمبر ٻن قسمن جا هئا:

١. صوبن جي قاعدي سڀا مان چونڊجي آيل ميمبرن جو تعداد - ٢٢٩

٢. رياستن جي حڪمرانن پاران نامزد ڪيل ميمبرن جو تعداد - ٧٠

**ڳولهيو ڏسان !**

سال ١٩٢٨ ۾ ايمسٽرڊيم ۾ ٿيل اولمپڪ راندين ۾ ڀارت جي هاڪي ٽيم ڀارت کي پهريون اولمپڪ سونو ميڊل کٽي ڏنو هو. ان هاڪي ٽيم جو ڪپتان اڳتي هلي ڀارت جي جوڙجڪ سڀا جو ميمبر ٿيو. ڳولهيو ته سندن نالو ڇا هو.

## ٢.٣ جوڙجڪ سڀا جو ڪم ڪار

آزاد ڀارت جو جوڙجڪ تيار ڪرڻلاءِ جوڙجڪ سڀا قائم ڪئي وئي هئي. جوڙجڪ سڀا جي پهرين گڏجاڻي ٩ ڊسمبر ١٩٤ جي ڏينهن ٿي. ڊاڪٽر سچانند سنها سڀا جا عارضي اڌيڪش چونڊيا ويا. ١١ ڊسمبر ١٩٤٦ تي ڊاڪٽر راجيندر پرساد جوڙجڪ سڀا جا قائم اڌيڪش چونڊيا ويا


ڊاڪٽر راجيندر پرساد


ڊاڪٽر سچيدانند سنها

بي.اين. رائو کي جوڙجڪ سڀا جو قانوني صلاحڪار مقرر ڪيو ويو هو.

جوڙجڪ سڀا جي ڪم ڪار ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪل ٢٢ سمتيون تيار ڪيون ويون هيون.

## جوڙجڪ سڀا جون اهم سمتيون

| سمتي جو نالو | سمتي جو مکيه |
| --- | --- |
| جوڙجڪ سڀا نيم سمتي (رهنمائي سمتي) | ڊاڪٽر راجيندر پرساد |
| مسودو سمتي | ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر |
| سنگھہ راڄيہ سمتي | پنڊت جواهر لعل نهرو |
| بنيادي حق ۽ تورائي ۽ وارن لاءِ سمتي | سردار ولڀ ڀائي پٽيل |

انهن ۽ ٻين سيني سمتين پاران پيش ڪيل احوالن تي گڏيل طور ويچار ڪندي جوڙجڪ جو خاڪو تيار ڪرڻ لاءِ مسودو سمتي اِسٿاپت ڪئي وئي هئي.

### ۲.۳.۱ مسودو سمتي

مسودو سمتي پارٽي جوڙجڪ کي تيار ڪندڙ سڀ کان اهم سمتي هئي. هن سمتي جي اسٿاپنا ۲۹ آگسٽ ۱۹۴۷ ڏينهن تي. مسودو سمتي مختلف سمتين کان حاصل ٿيل احوالن جو جائزو وٺي جوڙجڪ کي آخرين شڪل ڏيندڙ هڪ حقيقي مسودو تيار ڪيو. هن سمتي پاران تيار ڪيل آخرين مسودي کي ۲۶ نومبر ۱۹۴۹ ڏينهن جوڙجڪ سڀا قبول ڪيو.

**مسودو سمتي جا ميمبر**

مسودو سمتي ۾ اڏيڪش سميت ڪل ست ميمبر هئا

۱. ڊاڪٽر بي. آر. امبيڊڪر (اَڏيڪش)
۲. شري اين. گوپال سوامي ايانگر
۳. شري الادي ڪرشنا سوامي آير
۴. ڊاڪٽر ڪي. ايم. منشي
۵. شري محمد سادالله
۶. شري بي.ايل. متر (هن جي استعيفي کان پوءِ ڪي.اين. ماڌوراؤ کي مقرر ڪيو ويو)
۷. شري ڊي.پي. کيتان (هن جي موت کان پوءِ شري ٽي.ٽي.ڪرشناماچاري کي مقرر ڪيو ويو)

### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

ڊسمبر ۱۹۲۹ جي لاهور بئٺڪون ۾ پارٽي راشٽريہ ڪانگريس انگريزن کان 'پورڻ سوراج' جو گهر ڪئي هئي. ان نهراءُ موجب ۲۶ جنوري ۱۹۳۰ جو ڏينهن پوري ديش ۾ پهريون ڀيرو 'آزادي' جو ڏينهن ` طور ملهايو ويو هو. پارٽين جي آزاديءَ جي لڙائيءَ جي ان ئي تاريخي ڏينهن جي اهميت ۽ ياد کي هميشه قائم رکڻ لاءِ '۲۶' جنوري ۱۹۵۰' تي جوڙجڪ لاڳو ڪئي وئي. ان ڪري ئي هي ڏينهن 'پرجاوادي ڏينهن' طور ملهايو ويندو آهي.

**ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر جو مسودو سمتي ۾ يوگدان**



پارٽي جوڙجڪ جو مسودو جوڙجڪ سڀا جي اڏيڪش ڊاڪٽر راجيندر پرساد کي پيش ڪندي ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر

ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر مختلف ديشن جي جوڙجڪ جو تقابلي ابياس ڪيو. ساڳيءَ طرح جوڙجڪ سڀا جي سيني سمتين جي احوالن جو گهرو ابياس ڪري هڪ مسودو تيار ڪيو ۽ ان کي جوڙجڪ سڀا جي اڳيان پيش ڪيو.

هن مسودي جي هر هڪ تجزيو تي وستار سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ڳالهہ ٻول دوران جوڙجڪ سڀا جي ميمبرن جي سوالن ۽ شڪن جا جواب ڏيڻ جي ذميواري

ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر وڏي قابليت سان نڀائي. جوڙجڪ سڀا جي هدايتن موجب جوڙجڪ جي مسودي ۾ تبديليون ڪرڻ جو اهم ڪم هنن پورو ڪيو ۽ جوڙجڪ جو آخري مسودو تيار ڪيو. سندن هن بي مثال خدمتن جي ڪري کين 'ڀارتي جوڙجڪ جو شلپ ڪار' چيو ويندو آهي.



جوڙجڪ سڀا جون سڀئي عورتون ميمبر



## توهان کي خبر آهي؟

۱. جوڙجڪ سمتيءَ جو تيار ڪيل پهريون مسودو فيبروري ۱۹۴۸ ۾ شايع ٿيو ۽ ان تي ٻاڦهه ٻولهه ڪئي ويئي.

۲. جوڙجڪ سڀا ۾ مختلف وشين تي ٻاڦهه ٻول ٿيو. گهڻو ڪري تجويزن تي يڪ راءِ سان فيصلا ڪيا ويا.

۳. جوڙجڪ سڀا جو ڪم ۲ سال، ۱۱ مهينا ۽ ۱۸ ڏينهن هليو. (۹ ڊسمبر ۱۹۴٦ کان ۲۵ نومبر ۱۹۴۹)

۴. جوڙجڪ سڀا جي سڄي عرصي دوران ۵۳۰۰۰ ماڻهن ڏسندڙن جي گيلريءَ ۾ ويهي جوڙجڪ سڀاءَ جي ڪاروائيءَ کي سامهون ڏٺو.

۵. جوڙجڪ سڀا جي ميمبرن جوڙجڪ جي ڪاپي تي ۲۵ نومبر ۱۹۴۹ تي صحيحون ڪيون.

٦. اصل جوڙجڪ ۾ ديباچو ، ۲۲ ڀاڱا، ۳۹۵ قلمون ۽ ۸ ضميما هئا.

۷. ۲٦ نومبر ۱۹۴۹ تي جوڙجڪ ساز سڀا جوڙجڪ کي منظور ڪيو. ان ڪري ۲٦ نومبر جو ڏينهن 'جوڙجڪ جو ڏينهن' طور ملهائيندا آهيون.

۸. جوڙجڪ جي عمل لاءِ ۲٦ نومبر ۱۹۵۰ جو ڏينهن طيءِ ڪيو ويو هو. ان ڪري هن ڏينهن کي اسين 'پرجاوادي ڏينهن' طور ملهائيندا آهيون.

۹. جوڙجڪ جي نهڄ ڪانپوءِ ۲٦ جنوري ۱۹۵۰ کان ۱۹۵۲ ۾ عام چونڊون ٿيڻ تائين جوڙجڪ سمتي ڀارت جي پارليامينٽ جو ڪم سنڀاليو.



## اچو تہ ڄاڻ حاصل ڪريون

- جوڙجڪ جي اصل انگريزي ڪاپي لکندڙ - پريم بهاري نارائڻ رائيزادا
- جوڙجڪ جي اصل هندي ڪاپي لکندڙ - وسنت ڪرشن ويديہ
- ٻنهي جوڙجڪ ڪاپين ڪي سينگاريندڙ - آچاريہ نندلعل بوس



## - ايياس -

**سوال ۱: ٻڌايو ڏسان**

۱) قانون تيارڪندڙ منڊل

----------------------------------------

۲) جوڙجڪ سڀا جو قائم اڌيڪش

----------------------------------------

۳) ڀارتي جوڙجڪ جو شلپ ڪار

----------------------------------------

**سوال ۲: هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو:**

| سمتي جو مکيہ | سمتي جو نالو |
|---|---|
| ---------------- | جوڙجڪ سڀا نيم سمتي |
| ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر | ---------------- |
| ---------------- | سنگهہ راڄيہ سمتي |
| سردار لڀ ڀائي پٽيل | ---------------- |

**سوال ۳:** تصور چٽو ڪريو:

۱. جوڙجڪ

۲. مسودو سمتي

**سوال ۴ : هر ديش ڪي جوڙجڪ جي ضرورت ڇو هوندي آهي؟ ان بابت پنهنجا رايا لکو.**

**سوال ۵ : توهان ڇا ڪندا؟**

عام طور ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پاران ڪيا ويندڙ ڪمن ۾ فرق ڪيو ويندو آهي. جوڙجڪ ۾ ڏنل برابري جي ملهہ ڪي سمجهائڻ لاءِ توهان ڇا ڪندا؟

**توهان جو عمل**

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

----------------------------------------

**مشغولي:**

۱. ڪلاس جو مانيٽر چونڊڻ لاءِ چونڊ ترتيب هلايو.

۲. نوٽ بڪ ۾ بنيادي حقن ۽ انهن سان لاڳاپيل پنهنجي فرض جو هڪ خاڪو تيار ڪريو.

***



# ٣ پارٽي جوڙجڪ جو ديباچو ۽ خاصيتون

٣.١ ديباچو
٣.٢ پارتيہ جوڙجڪ مطابق راجيہ جو روپ
٣.٣ پارتيہ جوڙجڪ جا مقصد
٣.٤ پارتيہ جوڙجڪ جون خاصيتون



جوڙجڪ سڀا ۾ مقصدن جو نهراءُ پيش ڪندي - پنڊت جواهر لال نهرو

١٣ ڊسمبر ١٩٤٦ تي پنڊت جواهرلال نهرو جوڙجڪ سڀا جي اڳيان ’مقصدن جو نهراءُ‘ پيش ڪيو. اڳتي هلي ان مان ئي پارٽي جوڙجڪ جو مهاڳ/ديباچو تيار ٿيو.

## ٣.١ ديباچو

پارٽي جوڙجڪ جي مهاڳ کي ’ديباچو‘ يا ’مقصد نامو‘ چيو ويندو آهي. جوڙجڪ جي ديباچي مان جوڙجڪ جا ملهہ ۽ مقصد چٽا ٿين ٿا. ان ڪري ديباچو کي جوڙجڪ جي آتم چيو ويندو آهي.



**ڪري ڏسو:**

پارٽي جوڙجڪ جي ديباچي کي پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکو.

پارت جو جوڙجڪ پارت جي ماڻهن تيار ڪيو آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان قبول ڪيو آهي. جوڙجڪ جي ديباچي ۾ پارت کي ’خود مختيار، سماجوادي، ڌرم نرپيڪش، لوڪشاهي، پرجاوادي ديش‘ ظاهر ڪيو ويو آهي.

## ٣.٢ پارٽي جوڙجڪ مطابق راجيہ جو روپ




**خود مختيار :** جنهن ديش تي ڪنهن بہ ٻاهرين طاقت جو ضابطو نہ هجي ۽ جيڪو ديش پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح آزاد هجي. ان ديش کي خود مختيار چئبو آهي. پارت کي پنهنجا قانون ناهڻ ۽ پرڏيهي نيتي طئہ ڪرڻ جو اوچ اختيار ڪيو آهي.

**سماجوادي :** ديش جي دولت جي پيدائش سماج ملي ڪري ڪندو آهي ۽ ان تي راجيہ جي مالڪي هوندي آهي. ان کي ئي سماجوادي سرشتو چئبو آهي. دولت کي گڏ ٿيڻ نہ ڏيڻ ۽ سماج ۾ مالي ۽ سماجي اڻ برابري کي گهٽ ڪرڻ هن جو مقصد آهي.

**ڌرم نرپيڪش :** ڌرم نرپيڪش جو مطلب آهي تہ راجيہ جو پنهنجو ڪوبہ سرڪاري ڌرم نہ آهي. سيني ڌرمن کي برابر سمجهيو ويندو آهي ۽ هر ناگرڪ کي پنهنجي شرڌا موجب ڌرم تي هلڻ جي پوري آزادي هوندي آهي.

**لوڪشاهي :** لوڪشاهي جو مطلب آهي تہ طاقت جو اصل سرچشمو ماڻھو هوندا آهن ۽ اهي پاڻ پنهنجا عيوضي چونڊيندا آهن. ’ماڻھن جي، ماڻھن پاران، ماڻھن لاءِ هلايل حڪومت‘ جي طور تي هن سرشتو کي سڃاتو ويندو آهي.

**ڳٺراجيہ:** ڳٺراجيہ ديش جو مطلب آهي تہ ديش جا سپيئي سرڪار عهدا (جھڙوڪ راشٽرپتي، پردان منتري، مکيہ منتري) ورثي ۾ ڪنھن کي بہ نہ ملندا آهن. اهي عهدا ماڻھن پاران سڌي يا اڻ سڌي طرح مقرر عرصي لاءِ چونڊيل عيوضين وٽ هوندا آهن.

## ٣.٣ پارٽي جوڙجڪ جا مقصد

پارٽي آزاديءَ جي جدوجهد مان اڀريان آيل انصاف، آزادي، برابري ۽ پائيپيءَ جي ملهن تي بڌل پارت جي تعمير ڪرڻ جو مقصد جوڙجڪ پاران قبول ڪيو ويو آهي.

١) انصاف: ڪنھن سان ذات، ڌرم، ونش، جنس يا بوليءَ جي بنياد تي ڪوبہ فرق نہ ڪندي سڀني کي ترقيءَ جا برابر موقعا ميسر ڪري ڏيڻ ئي انصاف آهي. ان سماجي، مالي ۽ سياسي نياءُ شامل آهي.

٢) آزادي: ناگرڪن تي ڪنھن بہ قسم جون غير مناسب پابنديون نہ هجڻ ۽ سندن شخصيت جي ترقيءَ لاءِ موافق وايو منڊل هجڻ ئي آزادي آهي. هن ۾ سوچ، اظهار، گهمڻ ڦرڻ، تنظيم ناهڻ، ڪاروبار، شرڌا ۽ عبادت جي آزادي شامل آهي.

٣) برابري: ذات، ڌرم، ونش، جنس، بولي يا جمڻ جي هنڌ جي بنياد تي ڪنھن کي بہ اوچ يا ادانئي نہ مڃيندي سڀني کي برابري جو درجو ڏيڻ ئي برابري آهي.

٤) پائيپي: ديش جي سڀني ناگرڪن ۾ اسين هڪ ئي راشٽر جا ٻار آهيون. اها پنهنجائپ واري ڀاونا کي پيدا ڪرڻ ئي پائيپي آهي. هيءَ جذبو انسان جي عزت جو بچاءُ ڪري ٿو ۽ راشٽر جي ايڪتا ۽ اکنڊتا کي مضبوط ڪري ٿو.

## ٣.٤ پارٽي جوڙجڪ جون خاصيتون

پارت جي جوڙجڪ جون ڪجھہ اهم خاصيتون آهن. انهن خاصيتن مان جوڙجڪ جي اهميت چٽي ٿئي ٿي.

### ١) سڀ کان وڏو لکيل جوڙجڪ

پارت جو جوڙجڪ تمام وشال، اونهو ۽ وستارت آهي. دنيا جي سڀني لکيل جوڙجڪن ۾ پارت جي جوڙجڪ سڀ کان وڏو آهي.

### ٢) دنيا جي مختلف جوڙجڪن مان چونڊيل ڳالهين جو شامل ٿيڻ

جوڙجڪ سپا دنيا جي مختلف جوڙجڪن جو اڀياس ڪندي انهن مان پارت لاءِ جيڪي ڳالهيون مناسب هيون اهي ڪنيون آهن.

### ٣) سختي لچڪيداريءَ جو ميلاپ

جوڙجڪ جي بندوبستن ۾ جيڪڏهن سولائيءَ سان تبديلي ڪري سگهجي، تہ ان کي لچڪيدار جوڙجڪ چئبو آهي. جوڙجڪ جي پبندوبستن ۾ تبديلي ڪرڻ جيڪڏهن تمام ڏکيو هجي تہ ان کي سخت جوڙجڪ چئبو آهي. پارت جي جوڙجڪ سختي ۽ لچيڪداريءَ جو ميلاپ آهي.

### ٤) ناگرڪن جا بنيادي حق:

پارٽي جوڙجڪ پارت جي سڀني ناگرڪن کي بنياد حق ڏنا آهن. انهن جي حفاظت ڪرڻ جي ذميواري جوڙجڪ پاران عدالت تي رکي وئي آهي.

### ٥) ناگرڪن جا بنيادي فرض

پارٽي جوڙجڪ بنياد حقن سان گڏ ڪجھہ بنياد فرض بہ ڏنا آهن. هر پارٽي ناگرڪ کان بنيادي فرضن تي هلڻ جي اميد رکي وئي آهي.

### ٦) راجيہ لاءِ رهبري ڪندڙ اصول

پارٽي جوڙجڪ ۾ رهبري ڪندڙ اصول ڏنا ويا آهن. انهن رهبري ڪندڙ اصولن مطابق حڪومت هلائڻ جي اميد ڪئي ويندي آهي.

### ٧) سنگهہ راجيہ سرشتو

پارت راجين جو هڪ سنگهہ (Union of States) آهي. جوڙجڪ پاران ديش ۾ سنگهہ (مرڪزي) سرڪار ۽ راجيہ سرڪار جي اختيارن جي ورهاست ڪئي وئي آهي. مرڪزي سطح جي وشين تي سنسد قانون ناهي سگهي ٿي، جڏهن تہ راجيہ سطح جي وشيہ تي راجيہ وڌان سپا قانون ناهي سگهي ٿي.

## ٨) سندس واري لوڪشاهي

سندس واري لوڪشاهي ۾ ووٽر پنهنجا عيوضي چونڊيندا آهن. چونڊجي آيل عيوضين مان ديش جو پرڌان منتري چونڊيو ويندو آهي ۽ پرڌان منتري پنهنجو منتري منڊل چونڊيندو آهي.

## ٩) سڀني بالغن لاءِ ووٽ جو حق

١٨ سالن جي عمر پوري ڪندڙ هر ڀارتي ناگرڪ کي ووٽ ڏيڻ جو اختيار آهي. جنهن کي بالغ ووٽ جو حق چيو ويندو آهي.



**توهانکي خبر آهي ڇا؟**

جوڙجڪ سڀا ۾ مهاراشٽر جا ڪجهه اهم ميمبر

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
|  ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر |  ڊاڪٽر پنجاب راؤ ديشمک |  شري ڪيشو راؤ جيڌي |  درگا بائي ديشمک |  شنڪر راؤ ديو |
|  شري نرهر گاڊگيل |  شري بالا صاحب کڙڊيکر |  شري دادا ڌرماڌيڪاري |  شري برجلال بياڻي |  شري ماڌو (باپوجي) اڻي |



## - اڀياس -

سوال ١: ياد ڪريو ۽ لکو

١. مان جوڙجڪ جي شروعات آهيان. مونکي جوڙجڪ جو آتما چوندا آهن. مان ڪير آهيان؟

--------------------------------

٢. مان هڪ ڪتاب آهيان جنهن ۾ ديش هلائڻ جا نيم ۽ قانون آهن. مان ڪير آهيان؟

--------------------------------

سوال ٢: جوڙا ملايو:

| الف گروهه | ب گروهه |
|---|---|
| ١. آزادي | الف) 'مون' ۽ 'ٻين' ۾ فرق نه ميڃڻ |
| ٢. برابري | ب) اسين سڀ ڀارتي هڪ آهيون، اهڙو جذبو |
| ٣. ڀائپي | پ) پنهنجي ترقي لاءِ موافق ماحول ملڻ |
| | ڀ) ڪو به ڪم بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڪرڻ |

سوال ٣: ’تارازي جي ميزان برقرار رکو‘

**تصور :** جوڙجڪ جي هڪ پڙ ۾ ’حق‘ ڏنا آهن ۽ ٻئي پڙي ۾ ’فرض‘

سوال هيٺ ڏنل حالتن ۾ ’ميزان‘ ڪيئن برقرار رکندو؟

١. حق : مون کي ’عام باغ ۾ ڪيڏڻ جو حق‘ آهي
پر منهنجو فرض ڇا آهي؟

---

---

٢. حق : مون کي ’گڏ راجيه شين (جهڙوڪ آمدرفت منڊل جي بس) استعمال ڪرڻ جو حق‘ آهي
پر منهنجو فرض ڇا آهي؟

---

---

سوال ٤: تصور چٽو ڪريو:

١. ڏرم نرپکيش

٢. لوڪشاهي

سوال ٥: ايندڙ ١٠ سالن ۾ توهان جي سپنن جو ڀارت ڪيئن هوندو، ان بابت پنهنجو رايو لکو.

**مشغولي:**

- اسڪول جي لائبرريءَ مان جوڙجڪ جي ڪاپي حاصل ڪريو ۽ ان ۾ ناگرڪن جا بنيادي فرض ڳولهيو ۽ لکو.
- ’خود مختيار، سماجوادي، ڌرم نرپيکيش، لوڪشاهي، گڻراجيه ديش‘ انهن لفظن مان ڀارتي جوڙجڪ جا نعرا تيار ڪريو ۽ انهن جا پوسٽر ڪلاس ۾ لڳايو.

***

# ٤ مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون (ڳوٺاڻيون)

| | |
|---|---|
| ٤.١ ڳوٺاڻي مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن جي جوڙجڪ | ٤.٣ پنچائت سمتي |
| ٤.٢ گرام پنچائت | ٤.٤ ضلعا پريشد |

’سچو ڀارت ڳوٺن ۾ وسيل آهي.‘ -مهاتما گانڌي




ڳوٺاڻين توڙي شهري ايراضين جي مڪاني ڪاروباري سنستائن کي ’پنچايتي راڄ‘ يو ويندو آهي. ڳوٺ، تعلقي ۽ ضلع سطح تي ڪاروباري سنستائون مڪاني ماڻهن جي عيوضين جي هٿن ۾ ڏجڻ گهرجن، ان ڪري پنچايتي راڄ سرشتو قائم ڪيو ويو. ان موجب گرام پنچائت، پنچائت سمتي ۽ ضلع پريشد اهڙي تن درجن واري جوڙجڪ ڪئي وئي. ان ڪري لوڪشاهي جو غير مرڪزي ڪرڻ ٿيو. مڪاني سطح تي ماڻهن جي عيوضين کي وڌ کان وڌ اختيار ڏنا ويا.

### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

٢٢ ڊسمبر ١٩٩٢ تي ٿيل ٧٣ ۽ ٧٤ جوڙجڪي درستيءَ ذريعي پنچايتي راڄ سنستائن کي جوڙجڪي درجو حاصل ٿيو.

### ٤.١ ڳوٺاڻي مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن جي جوڙجڪ




### ٤.٢ گرام پنچائت

ڳوٺ جي ڪاروبار سنڀاليندڙ ۽ ڳوٺ جي ترقيءَ جا ڪم ڪندڙ مڪاني ڪاروباري اداري کي ’گرام پنچائت‘ چئبو آهي.

پنچائتي راڄ بناوت ۾ گرام پنچائت ئي بنيادي سنسٿا آهي. گرام پنچائت جي ميمبرن جو تعداد ڳوٺ جي آدمشماريءَ جي حساب طئي ڪيو ويندو آهي. مهاراشٽر راڄيه ۾ گرام پنچائت جي ميمبرن جو تعداد آدمشماريءَ جي بنياد تي گهٽ ۾ گهٽ ٧ ۽ وڌ ۾ وڌ ١٧ هوندو آهي. گرام پنچائت جو مدو ۵ سال هوندو آهي. گرام پنچائت جي سڀني ميمبرن جي چونڊ بالغن جي ووٽ ۽ ڳجهي ووٽنگ جي طريقي سان ڪئي ويندي آهي. چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ ميمبر جي عمر گهٽ ۾ گهٽ ٢١ سال هجڻ گهرجي.

گرام پنچائت جا ميمبر چونڊڻ لاءِ وارڊ تيار ڪيا ويندا آهن. هر وارڊ مان ميمبر چونڊيا ويندا آهن، شيڊولڊ ڪاسٽ، شيڊولڊ ٽرائيبس ۽ پبن پنتي پيل طبقن لاءِ ڪجھ جايون محفوظ هونديون آهن. مهاراشٽر ۾ گرام پنچائت اندر عورت عيوضين لاءِ ۵٠ سيڪڙو جايون محفوظ هونديون آهن.



ڳولهيو ڏسان

اسان جي پاڙيسري راڄين جي گرام پنچائت ۾ عورتن لاءِ ڪيترا سيڪڙو جايون محفوظ هونديون آهن؟

گرام پنچائت جي چونڊيل ميمبرن کي پنچ يا ميمبر چيو ويندو آهي. هي چونڊجي ايل ميمبر پنهنجو پاڻ مان هڪ کي سرپنچ ۽ هڪ کي اُپ سر پنچ طور چونڊيندا هئا. پر فلحال مهاراشٽر ۾ سر پنچ جي چونڊ سڌي طرح ماڻهن پاران ڪئي ويندي آهي. سر پنچ گرام پنچائت جو ماڻهن پاران چونڊيل عهديدار هوندو آهي.

گرام پنچائت ميمبرن جو تعداد :
آباديءَ جي لحاظ کان ڪسوٽي




### گٽ گرام پنچائت

٦٠٠ کان گهٽ آدمشماري هوندڙ ٻن يا وڌيڪ ڳوٺن لاءِ هڪ ئي گرام پنچائت هوندي آهي. تنهن کي گٽ گرام پنچائت چيو ويندو آهي.

### ۴.٢.١ گرام پنچائت جا ڪم

ڳوٺ جي ترقي ڪرڻ لاءِ گرام پنچائت هينيان ڪم ڪندي آهي:




- ڳوٺ لاءِ رستا ناهڻ ۽ انهن جي مرمت ڪرڻ
- ڳوٺ ۾ بجليءَ جي رسد، پيئڻ جو پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪرڻ.
- جمڻ، مرڻ ۽ شاديءَ جون داخلائون رکڻ
- ڳوٺ ۾ صفائي رکڻ
- ڳوٺ ۾ پرائمري تعليم ۽ صحت جون سهوليتون ڏيڻ
- گهر پٽي ۽ پاڻي پٽي (ٽيڪس) گڏ ڪرڻ
- ڳوٺ جي ناگرڪن کي سرڪاري يوجنائون جي ڄاڻ ڏيڻ



اَچو تہ ڄاڻ حاصل ڪريون

**مهاراشٽر جي آدرشي گرام پنچائت**

هوري بازار اهليانگر ضلعي جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. لڳاتار ڏڪار ۽ کيتيءَ مان گهٽ پيداوار هيووري بازار لاءِ هميشهہ جو مسئلو هو. اهو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ ميڻهن جو پاڻي پاڻي کي گڏ ڪرڻ ۽ پاڻي جي سطح کي وڌائڻ جا ڪم ڪيا ويا. ڳوٺ ۾ کهڻا وڻ پوکڻ جي کري پاڻي جي سطح ۾ وڌي پيماني تي واڌارو ٿيو.

ڳوناڻن ۾ سھڪار سان ڪجھ ئي سالن ۾ ھوري بازار ھڪ سائو ۽ خوشحال ڳوٺ بڻجي ويو. ھوري بازار ھن ڳوٺ ھڪ آدرشي گرام پنچات جو مثال قائم ڪيو. ھن ڪم لاءِ ڳوٺ جي اُن وقت جي سرپنچ شري پوپٽراوَ پوار کي ٢٠٢٠ ۾ڀارت سرڪار پاران پدم شري ناگرڪ سنمان سان نوازيو ويو.

ڪاريہ ڪاري اڏڪاري ۽ پاران ڪئي ويندي آهي.

**ڇا توهان کي خبر آهي؟**

سرڪاري فيصلي تاريخ ٢٣ سيپٽمبر ٢٠٢٤ جي مطابق ’گرام سيوڪ‘ جي عھدي جو نالو تبديل ڪري ’گرام پنچات اڏيڪاري‘ ڪيو ويو آهي.

**ڳالھ ٻول ڪريو:**

هيٺ ڏنل تصوير ڏسو ۽ ڪلاس ۾ فرق تي ڳالھ ٻول ڪريو

**غير ترقي يا ترقي ڪيل گرام پنچاتن جا فرق**




**ڳالھ ٻول ڪريو**

- آدرشي ڳوٺ معنيٰ ڇا؟
- مھاراشٽر جي آدرشي ڳوٺن جا نالا ڳولھيو؟

## ٤.٢.٢ گرام سيوڪ - گرام پنچات اڏڪاري

گرام سيوڪ گرام پنچات جو انتظامي مکيہ هوندو آهي. گرام پنچات جو دفتري ڪم ۽ روزانو ڪاروبار ڏسڻ لاءِ سندس مقرري ڪئي ويندي آهي. گرام سيوڪ گرام پنچات جو سيڪريٽري هوندو آهي. گرام پنچات لاءِ ضرورت آهر هڪ يا وڌيڪ گرام سيوڪ مقرر ڪري سگھجن ٿا. سندس مقرري ضلع پريشد جي مکيہ ڪاريہ ڪاري اڏڪاري ۽ پاران ڪئي ويندي آهي.

## ٤.٢.٣ گرام سڀا

ڳوٺ جي سڀني ووٽرن کي ملائي گرام سڀا ٺھندي آهي. گرام سڀا جو اڏيڪش سرپنچ هوندو آهي. سرپنچ جي غير حاضري ۾ اُپ سر پنچ گرام سڀا جي صدارت ڪندو آهي. گرام سڀا گرام پنچات جي ڪاروبار تي نظر رکندڙ ۽ ڳوٺ جي واڌاري جي ڪمن کي آخري منظوري ڏيندڙ ١٨ سالن کان مٿي عمر جي سڀني ووٽرن جي سڀا هوندي آهي.

گرام پنچات جي ڪاروبار ۾ گرام سڀا جي وڏي اهميت آهي.

مهاراشٽر ۾ گرام سڀا جون سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار بيٺڪون گهرائڻ جو قانوني پٻنڌن آهي. ٢٦ جنوري، ١ مئي، ١٥ آگسٽ ۽ ٢ آڪٽوبر جي ڏينهن گرام سڀا جا بيٺڪون ٿينديون آهن. ان کان سواءِ خاص بيٺڪون گهرائڻ جو اختيار سرپنچ وٽ هوندو آهي. سر پنچ گرام سڀا جون بيٺڪون ڪوٺائيندو آهي. گرام سڀا کان اڳ عورتن جي بيٺڪ گهرائي ويندي آهي.



**ڪري ڏسو:**

- ڳوٺ ۾ ويجهڙ ۾ ٿيل گرام سڀا بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.
- توهانجي ڳوٺ جي سرپنچ جو ملاقات وٺو. ان ذريعي هُن ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪم ڪيا آهن. ان جي هڪ لسٽ تيار ڪريو




### گرام سڀا جا ڪم:

گرام پنچات جي آمدني ۽ خرچ جي جاچ ڪرڻ ۽ ان کي منظوري ڏيڻ، ساليانو بجيٽ منظور ڪرڻ. گذريل مالي سال جو احوال ۽ چالو سال جي پروگرامن جي روپريکا طئه ڪرڻ. ناگرڪ پاران اهڙن ڪمن تي گرام سڀا ۾ ٻالهه ٻول ٿيڻ کان پوءِ فيصلا ڪيا ويندا آهن. گرام سڀا جي سڄي ڪاروائي جو رڪارڊ گرام پنچات اڏيڪاري پاران رجسٽر ۾ رکيو ويندو آهي.

مقامي ٽئڪس (گهر جي ٽئڪس، پاڻي ٽئڪس) ۽ مرڪزي ڪيندر سرڪار -راجيه- سرڪار - ضلع پريشد ملندڙ گرانٽ گرام پنچات جي آمدني جا مکيه ذريعا آهن. اِن ڪانسواءِ بازار (ٽئڪس)، ڍنڍ ٽئڪس ۽ گرام پنچات جي ملڪيت مان ملندڙ مسواڙ انهن تي پڻ فنڊ گڏ ڪيا ويندا آهن.



**مشغولي ڪريو:**

اسڪول ۾ هڪ نمونو گرام سڀا هلايو



**ويچار ڪريو**

جيڪڏهن توهان سرپنچ بڻجو ته توهان ڪي ڪهڙا ڪم ڪرڻ وٺندا؟

### ٤.٣ پنچات سمتي

هڪ تعلقي جي سيني ڳوٺن جو گڏيل هڪ وڪاس گٽ (بلاڪ) هوندو آهي. ان وڪاس گٽ جو ڪاروبار سنڀاليندڙ سنستا کي ’پنچات سمتي‘ چئبو آهي. ضلع پريشد کي جوڙيندڙ هڪ اهم ڪڙي طور پنچات سمتي ڪم ڪندي آهي. پنچات سمتي ۾ آدمشماري انوسار گهٽ ۾ گهٽ ١٥ ۽ وڌ ۾ وڌ ٤٥ ميمبر هوندا آهن.

پئنچات سمتي رچنا




### ۴.۳.۱ پئنچات سمتي سياپتي

پئنچات سمتي جا چونڊيل ميمبر پاڻ مان هڪ ميمبر کي سياپتي ۽ هڪ کي اُپ سياپتي طور چونڊيندا آهن. پئنچات سمتي جي سياپتي ۽ اُپ سياپتي جو مُدو اڍائي سال هوندو آهي. پئنچات جي صدارت ڪرڻ. بئنڪن تي ضابطو رکڻ. ضلع پريشد کان آيل حڪمن تي عمل ڪرائڻ ۽ پئنچات سمتي جي ڪاروبار جي نظر رکڻ هن جا بنيادي ڪم آهن. سياپتي جي غير حاضريءَ ۾ اُپ سياپتي هن جو ڪم ڪار ڏسندو آهي.

### ۴.۳.۲ گٽ وڪاس اڌيڪاري

گٽ وڪاس اڌيڪاري پئنچات سمتي جو انتظامي مکي هوندو آهي. مهاراشٽر جي هر پئنچات سمتي ۾ هڪ گٽ وڪاس اڌيڪاري مقرر ڪيو ويندو آهي. سندس چونڊ مهاراشٽر پبلڪ سروس ڪميشن پاران ورتل امتحانن ذريعي ڪئي ويندي آهي. جڏهن تہ مقرري مهاراشٽر سرڪار ڪندي آهي. هو تعلقي جي واڌاري جي يوجنائون ۽ فيصلن تي عمل ڪرائڻ جو ڪم ڪندو آهي. سندس نظرداريءَ ۾ پئنچات سمتيءَ جو سڄو انتظام ڪم ڪندو آهي.

### ۴.۳.۳ پئنچات سمتي جا ڪم

- پئنچات سمتي جي علائقي ۾ ڪمن جي رٿا ناهڻ.
- ضلع پريشد جي طرفان ڪيتر ۾ هلندڙ ڪمن جي نظرداري ڪرڻ.
- ضلع پريشد ۽ گرام پئنچات جي وچ ۾ ميلاپ قائم رکڻ.
- تعليقي وڪاس يوجنائون کي لاڳو ڪرڻ.

هي پئنچات سمتي جا مکيہ ڪم آهن. پئنچات سمتي ۾ عام ڪاروبار، سرڪاري اڏاوتون، مالي معامل، ڪيتي، صحت، تعليم، عورتن ۽ ٻارن جي ڀلائي ۽ سماجي ڀلائي وغيرهہ جا وڀاڳ هوندا آهن. انهن جي ذريعي ڪمن جي رٿابندي ۽ ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. ضلع پريشد ۽ سرڪار جي حڪمن موجب پئنچات سمتي اهي ڪم ڪندي آهي.

پئنچات سمتي وٽ پنهنجي آمدني جا وسيلا نہ هوندا آهن. ضلع پريشد جي بجيٽ ۾ پئنچات سمتي جي بجيٽ کي شامل ڪيو ويندو آهي. پئنچات سمتي جي ڪيتر ۾ يوجنائن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ضلع پريشد ۽ راجيہ سرڪار پاران مالي مدد ڏني ويندي آهي.

سمتين جي وڀاڱن جا مکيہ ڪم





ڳولهيون ڏسون:

- پنچائت سمتي جي سياپتي جي چونڊ ڪير
- ڪندو آهي؟

گٽ وڪاس اڏيڪاري معنيٰ ڇا؟

## ۴.۴ ضلع پريشد

ضلع پريشد مڪاني ڪاروباري سنستائن ۾ ضلعي سطح تي ڪم ڪندڙ سڀ کان وڏي سنستا آهي. مهاراشٽر ۾ هن وقت ۳٦ ضلع آهن. پر ضلع پريشد جو تعداد ۳۴ آهي. ان جو سبب اهو آهي ته راڄيه جا ٻه ضلعا ممبئي شهر ۽ ممبئي اُپ نگر پوري طرح تي شهري آباد وارا آهن. ان ڪري اُتي ضلع پريشد موجود نه آهي.

ضلع پريشد ۾ چونڊون بالغن جي ووٽنگ واري طريقي سان ٿينديون آهن. ضلع پريشد ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۵۰ ۽ وڌ ۾ وڌ ۷۵ ميمبر هوندا آهن. سڀني پنچائت سمتين جا سياپتي ضلع پريشد جا عهدي موجب ميمبر هوندا آهن. ميمبرن جو مدو ۵ سالن جو هوندو آهي.

### ۴.۴.۱ ضلع پريشد جو اڌيڪش

ضلع پريشد ۾ چونڊجي آيل ميمبر پاڻ مان هڪ کي اڌيڪش ۽ هڪ نائب اڌيڪش طور چونڊيندا آهن. انهن جو مدو ۲.۵ سالن جو هوندو آهي. اڌيڪش جي غير حاضري ۾ نائب اڌيڪش سندس ذميواريون نڀائيندو آهي. ضلع پريشد جو اڌيڪش قائم سمتيءَ جو عهدي موجب ڪان اڌيڪش هوندو آهي.

### ۴.۴.۲ مکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري

هر ضلع پريشد لاءِ هڪ مکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري هوندو آهي. اهو ضلع پريشد جي انتظامي مکيه طور ڪم ڪندو آهي. ضلع پريشد جي ڪاروبار تي سندس ضابطو هوندو آهي. مکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري انڊين ايڊمنسٽريٽو سروس جو اڌڪاري هوندو آهي. ان جي مقرري راڄيه سرڪار ڪندي آهي. ضلع پريشد جي ڪم ڪار تي نظر رکڻ ۽ ورتل فيصلن تي عمل ڪرائڻ مکيه ڪاريه ڪاري اڌڪاري جا اهم ڪم آهن

### ۴.۴.۳ ضلع پريشد جا ڪم

ضلع پريشد ۾ اسٽينڊنگ سمتي، مالياني سمتي، اڏاوت سمتي، زراعت سمتي، سماجي ڀلائي سمتي، تعليم سمتي، صحت سمتي، چوپائي مال جو واڌارو ۽ ڊيري سمتي عورتن ۽ ٻارن جي ڀلائي سمتي ۽ پاڻي بندوبست ۽ رسد سمتي، اهڙيون ڪل ۱۰ سمتيون هونديون آهن. انهن مان قائم (اسٿائي) سمتي سڀ کان وڏيڪ اهم سمتي هوندي آهي. هر سمتي تي هڪ چيئرمن چونڊيو ويندو آهي. ضلعي جي وڪاس لاءِ ضلع پريشد انهن سمتين ذريعي ڪم ڪندي آهي. ان ۾ بنيادي طور تي هيٺيان ڪم شامل آهن. پاڻي جي پٽي، ياترا ڊل ، مارڪيٽ ڊل،ضلع پريشد جي آمدني جا ذريعا آهن. ان کان سواءِ راڄيه سرڪار زمين جي محصول جي تناسب سان ضلع پريشد کي هڪ خاص گرانٽ ڏيندي آهي.

ضلع پريشد جا وياپڪ ۽ اهم ڪم

| سمتي | اهم ڪم |
|---|---|
| قائم (اسٿائي) | ۱. روزانو ڪاروبار، ناڻو ۽ آپسي تالميل،<br>۲. ٻين سمتين تي ضابطو رکڻ |
| مالياني | ۱. ضلع پريشد جي آمدني ۽ خرچ جو حساب رکڻ<br>۲. آڊٽ ڪرڻ |
| زارعت | ۱. ٻج، پاڻ ۽ اوزارن جي ورهاست،<br>۲. جديد کيتي تڪنيڪ جي سکيا ڏيڻ |
| سماجي ڀلائي | ۱. پنتي پيل طبقن لاءِ مالي مدد،<br>۲. دويانگن ۽ بيواهن لاءِ يوجنائون |
| تعليم | ۱. پرائمري اسڪولن جو ضابطو ۽ انتظام<br>۲. شاگردن کي وضيفي ۽ درٻس جي ورهاست |
| چوپائي مال جي پرورش | ۱. چوپائي مال جي وڪاس جون يوجنائون تيار ڪرڻ<br>۲. جانورن جي اِسپتالن تي ضابطو رکڻ |
| پاڻي جو ڪاروبار ۽ وڪاس | ۱. پيئڻ جي صاف پاڻ جو انتظام ڪرڻ<br>۲. صفائي جي مهم هلائڻ |
| اڏاوت | ۱. ڳوٺن کي ڳنڍيندڙ رستا ۽ نديون پُل ناهڻ<br>۲. پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست |
| صحت | ۱. پرائمري صحت مرڪز هلائڻ<br>۲. وبا جي روڪٿام ۽ ٽڪا هڻائڻ |
| عورتن ۽ ٻارن جي ڀلائي | ۱. عورتن جو سگهارو بڻائڻ ۽ آنگن واڙيءَ جي نگراني<br>۲. خوراڪ يوجنا |



ڪري ڏسو:

پنهنجي ڪينٽر جي ضلع پريشد جي ويب سائيٽ تي وڃو ۽ ضلع پريشد جي ڪم ڪرڻ جي طريقي کي سمجهو.

## مڪاني ڪاروباري سنستا -پيٽ ڪندڙ تختو

| گهٽڪ | گرام پئنچات | پئنچات سمتي | ضلع پريشد |
|---|---|---|---|
| سطح | ڳوٺ جي سطح | تعلقي جي سطح | ضلعي جي سطح |
| ميمبرن جو تعداد | ۷ کان ۱۷ | ۱۵ کان ۴۵ | ۵۰ کان ۷۵ |
| عهديدار | سرپنچ، اُپ سرپنچ | سياپتي ، اُپ سياپتي | اڌيڪش، نائب اڌيڪش |
| مدو | ۵ سال / سرپنچ<br>۵ سال / ميمبر | ۲.۵ سال / سياپتي<br>۵ سال ميمبر | ۲.۵ سال اڌيڪش<br>۵ سال ميمبر |
| چونڊون | هر ۵ سالن ۾ | هر ۵ سالن ۾ | هر ۵ سالن ۾ |
| استعيفي | سر پنچ سياپتي (پ.س.)<br>ميمبر / سر پنچ | سياپتي اڌيڪش (ض.پ.) /<br>ميمبر سياپتي | اڌيڪش وياڳ آيڪت<br>ميمبر اڌيڪش |
| انتظامي اڌڪاري | گرام سيوڪ /<br>گرام پئنچات اڌڪاري | گٽ وڪاس اڌڪاري (BDO) | مکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري |
| بئٺڪون | مهينيوار بئٺڪون :<br>گرام سيا سال ۾ ۴ دفعا | مهيني ۾ هڪ دفعو | ۳ مهينن ۾ هڪ دفعو |



### - اڀياس -

**سوال ۱:هيٺ ڏنل مسئلا ۽ اهي حل ڪندڙ اڌڪاري جون جوڙيون ملايو**

| الف گروپ | ب گروپ |
|---|---|
| الف) گٽ وڪاس اڌڪاري (BDO) | ۱. ڳوٺ ۾ جمع ۽ مرڻ جي داخلا ڪرڻ |
| ب) مکيہ ڪاريہ ڪاري اڌڪاري (CEO) | ۲. تعلقي جي واڌاري جي ڪمن جي نگراني ڪرڻ |
| ڀ) گرام پئنچات اڌڪاري ۽ | ۳. ضلع پريشد پاران ورتل فيصلن تي عمل ڪرائڻ |

**سوال ۲: سڃاڻو ته مان ڪير آهيان؟**

۱.ڳوٺ جو پهريون ناگرڪ

------------------------------------------------

۲.ضلع پريشد جو سمورو انتظامي ڪم ڪار ڏسندو آهي

------------------------------------------------

**سوال ۳:توهان ڇا ڪندا؟**

**واقعو ۱: توهان جي اسڪول جي رستي تي ڇٽا ڪڏا پئجي ويا آهن ۽ برسات جي مؤسم ۾ اُتي پاڻ جمع ٿي وڃي ٿو. هي مسئلو حل ڪرڻ لاءِ توهان ڪنهن کي خط لکندؤ؟**

الف) پوليس اسٽيشن ب)گرام پئنچات

ڪ) بئنڪ مئنيجر ڀ) پيو ڪنهنکي

توهان جو جواب ۽ سبب

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

**واقعو ۲: ۲۵۰ پاڏيءَ واري بستيءَ ۾ 'گرام پئنچات' اسٽاپت ڪري سگهبي ڇا؟**

**جيڪڏهن نہ تہ اُتي ڪهڙي راڄ ڪاروباري سنسٿا ڪم ڪندي؟**

**توهان جو جواب ۽ سبب**

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

-----------------------------------------------

**سوال ۴: هيٺ ڏنل تصوراتي شڪل پوري ڪريو**




**سوال ۵: هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو. (مهاراشٽر جون گوناڳيون مڪاني ڪاروباري سنسٿا - ٽي سطحي جوڙجڪ)**

| سطح | ماڻهن جي عيوضين جو پرمک (مکي) | ڪاروباري پرمک (مکي) |
|---|---|---|
| گرام پئنچات | -------------- | -------------- |
| پئنچات سمتي | -------------- | -------------- |
| ضلع پريشد | -------------- | -------------- |

**مشغولي:**

١. توهانجي ڪيتر ۾ ويجهڙ ۾ ٿيل واڌاري جي ڪمن جي ڄاڻ حاصل ڪري انتي ڪلاس ۾ ڳالهہ ٻول ڪريو.

٢. ڪيتر جي واڌاري جي ڪمن جي ڪري ماحول جي حفاظت تي يا نقصان، ان وشيہ تي ڪلاس ۾ ٻہ گروهہ ٺاهي ڳالهہ ٻول ڪرايو.

٣. پراچين ڀارت ۾ جديد ڪال جي گرام پئنچائتن وانگر ڪهڙيون رچنائون هيون. ڳولهيو ۽ اُن تي چرچا ڪريو.

مثال

● جنپد
● مهاتمابسويشور جي دور ۾ 'انوڀومنٽپ'
● ڪوٽيليا جي ارٿ شاستر ۾ حڪومتي جوڙجڪ

****



# ۵. مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون (شهري)


۵.١ نگر پنچات
۵.٢ نگر پريشد
۵.٣ مهانگر پالڪا
۵.۴ ڪٽڪ منڊل


گذريل سبق ۾ اسان ڳوٺاڻين ايراضين ۾ مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون جو اڀياس ڪيو هو. هن سبق ۾ اسان شهري سطح جي ڪاروباري جوڙجڪ ۽ ڪمن کي سمجهنداسين. شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون ۾ نگر پنچايت، نگرپريشد، مهانگر پالڪا ۽ ڪٽڪ منڊل شامل آهن.

شهريڪرڻ جي ڪري اسان جي ديش ۾ شهرن جو تعداد وڌي رهيو آهي. اچو ته شهرن جي راڄ ڪاروباري سرشتي ۽ ڪاروبار بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.



ڳالهه ٻول ڪريو :

شهرن کي پيش ايندڙ مسئلن تي ڳالهه ٻول ڪريو.

## ۵.١ نگر پنچايت

جڏهن ڪنهن ڳوٺاڻي انساني آباديءَ جو شهريڪرڻ ٿيڻ لڳندو آهي، تڏهن راڄيه سرڪار ان آباديءَ لاءِ نگر پنچات اسٿاپت ڪندي آهي. نگر پنچايت هڪ شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستا آهي. ١١ هزارن کان وڌيڪ ۽ ٢۵ هزارن کان گهٽ آبادي وارن شهرن ۾ نگر پنچات اسٿاپت ڪئي ويندي آهي. آبادي، نگر پنچات جي اسٿاپنا ۾ مکيه شرط آهي.

### ۵.١.١ نگر پنچات جي بناوت

نگر پنچات جي ميمبرن جي چونڊ بالغن ۽ ڳجهي ووٽنگ واري طريقي سان ٿيندي آهي. نگر پنچات جي ميمبرن جي چونڊ لاءِ وارڊ ٺاهيا ويندا آهن انهن وارڊن مان ميمبر چونڊيا ويندا آهن. اڌيڪش سڌو ماڻهن پاران چونڊيو ويندو آهي. نگر پنچايت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ١٧ ۽ وڌ ۾ وڌ ٢٠ ميمبر هوندا آهن. عورتن ۽ محروم طبقن لاءِ ڪجهه جايون محفوظ هونديون آهن.



ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

مهاراشٽر ۾ ڪل ١۴٦ نگر پنچاتون آهن. سڀ کان وڏيڪ نگر پنچاتون ناگپور وڀاڳ ۾ آهن.

نگر پنچات جي پرمُک-مُکيءَ کي اڌيڪش چيو ويندو آهي. اڌيڪش سڌو سنئون ماڻهن پاران چونڊيو ويندو آهي. سندس مدو ۵ سالن جو هوندو آهي. نگر پنچات جا سمورا ڪم اڌيڪش جي نگرانيءَ ۾ ڪيا ويندا آهن.

**شهري راڄ ڪاروباري سنستائون**

- مهانگر پالڪا
  - مهاپور
  - اُپ مهاپور
  - ڪمشنر
- ڪٽڪ منڊل
  - اڌيڪش
  - اُپ اڌيڪش
  - ڪاريه ڪاري اڌڪاري
- نگرپريشد
  - نگر اڌيڪش
  - اُپ نگراڌيڪش
  - مکيه اڌيڪاري
- نگرپنچات
  - اڌيڪش
  - اُپ اڌيڪش
  - ڪاريه ڪاري اڌيڪاري

## نگر پنچاتن جي جوڙجڪ

**نگر پنچاتون**

١١٠٠٠ کان ٢٥٠٠٠ آباديءَ وارن شهرن ۾ اِستاپنا

**ماڻهن جا عيوضي**

**اڌيڪش**
- ماڻهن پاران سڌو چونڊ
- ٥ سالن جو مُدو
- نگر پنچات جي بئنڪن جي صدارت ڪرڻ.

**اُپ اڌيڪش**
- چونڊجي آيل ميمبرن مان چونڊ
- ٥ سالن جو مدو
- نگر پنچات جي اڌيڪش جي غير حاضريءَ ۾ ڪم ڪار سنڀالڻ.

**نگرسيوڪ**
- چونڊجي آيل ميمبر ماڻهن پاران سڌو وارڊن موجب چونڊ
- وارڊن جو تعداد آباديءَ تي ٻڌل هوندو آهي
- ٥ سالن جو مدو

**نامزد ميمبر**
- خاص ڄاڻ يا تجربو رکندڙ شخص
- نگر اڌيڪش پاران چونڊ
- محدود تعداد

**ڪاروبار (سرڪاري وياپ)**

**ڪاريہ ڪاري اڌيڪاري**
- راجيہ سرڪار پاران مقرري، اِنتظامي مکي.
- نگر پنچات جي فيصلن تي عمل ڪرائڻ.

**عملو (ڪرمچاري)**
- مختلف وياڳن جو عملو (مثال طور : صحت، پاڻي پهچائڻ، روزانو ڪم ڪار ڏسڻ وغيره)

**ڪري ڏسو.**

هيٺ ڏنل تصويرن ۾ نگرپريشد ۽ نگر پنچاتن جا ڪم ڏيکاريل آهن. چتر ۾ ڏسي ڪم لکو.

نگرپريشد ۽ نگر پنچاتن جا ڪم



نگر پنچاتون پنهنجي اختيار واري علائقي ۾ مختلف ڍلون لڳائي ٿي. نگرپنچات اهي سيئي ڪم اُنهن ڍلن مان حاصل ٿيندڙ رقم مان ڪندي آهي. ان کان سواءِ، اُنهن کي ڪجھ سرڪاري مدد پڻ ملندي آهي.

### ٥.٢ نگر پريشد

نگر پرديش جي اِستاپنا ٢٥٠٠٠ کان وڌيڪ آباديءَ وارن شهرن ۾ ڪئي ويندي آهي. آباديءَ جي بنياد تي، نگر پريشد کي الف، ب ۽ ڪ درجن ۾ ورهايو ويو آهي.




## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

مهاراشٽر ۾ ڪُل ٢٤٨ نگرپريشدون آهن. انهن مان سڀ کان وڏيڪ ٥٠ نگرپريشدون پوني ۽ ٤٩ نگرپرديشدون ڇترپتي سنڀاجي نگر وياڳ ۾ آهن. امراوتي ۾ ٤١، ناسڪ ۾ ٤٥، ناگپور ۾ ٤١ ۽ ڪونڪڻ وياڳ ۾ ٢٢ نگر پريشدون آهن.

حوالو: (https://mahadma.maharashtra.gov.in/)

## ٥.٢.١ نگر پريشد جي بناوت

نگر پريشد جا ميمبر ڳجهي ۽ بالغن جي ووٽنگ واري طريقي سان چونڊيا ويندا آهن. اُنهن کي نگر سيوڪ چيو ويندو آهي. نگر پريشد جو مُدو ٥ سالن جو هوندو آهي. نگرپريشد جي ميمبرن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ١٧ ۽ وڌ ۾ وڌ ٣٨ هوندو آهي.

### نگر پنچات ۽ نگر پريشد جا ڪم

| مکيہ قسم | ڪم جو سروپ | تفصيل |
|---|---|---|
| ١. ضروري ڪم | صحت | ١. شهر جي صفائي سترائي رکڻ ۽ جنتا کي صحت جون سهوليتون ڏيڻ. ٢. سرڪاري اِسپتالون اڏاوت ڪري ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ. ٣. وبا وارين بيمارين تي ضابطو آڻڻ. ٤. عام جڳهين جي صفائي رکڻ ۽ ڪچري جو اِنتظام ڪرڻ. ٥. شهر ۾ گندي پاڻي جو نيڪال ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي رسد ڪرڻ. ٦. شهر ۾ صحت بابت آگاهي مهم هلائڻ. |
| | تعليم | ١. پرائمري تعليم جو اِنتظام ڪرڻ. ٢. سماج جي محروم طبقن کي تعليمي وهڪري ۾ آڻڻ لاءِ مختلف پروگرامن جو آيوجن ڪرڻ. ٣. ضرورت آهر نوان اسڪول کولڻ ۽ اُنهن جي سار سنڀال ڪرڻ. ٤. اسڪولي تعليم سان گڏ مختلف وياڳن ۾ پروفيشنل سکيا ڏيڻ. |
| | بيا ڪم | ١. رستن ۽ گهٽين جي روشني جو اِنتظام ڪرڻ. ٢. شهر جي رهواسين جي جنم، موت ۽ شادي جي داخلا جو رڪارڊ رکڻ. ٣. مختلف قسمن جا ڏِلن لڳائڻ. ٤. شهر ۾ مساڻن ۽ قبرستانن ۽ جو اِنتظام ڪرڻ. |
| ٢. مرضيءَ وارا ڪم | | ١. عام لاءِ باغ تفريحگاهن ۽ اُنهن جي سار سنڀال ڪرڻ. ٢. جمناسٽڪ ۽ ڊرم شالائون اڏاوت ڪرڻ. ٣. راندين جا ميدان مهيا ڪرڻ. ٤. غريبن لاءِ گهر اڏڻ. ٥. روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ. |

### ٥.٢.٢ نگر اڌيڪش

نگر پريشد جي پرمک کي نگر اڌيڪش چئبو آهي. اُن جي چونڊ سڌو جنتا پاران ڪئي ويندي آهي. اُن جو مُدو ٥ سالن جو هوندو آهي. نگر اڌيڪش شهر جو پهريون شهري هوندو آهي. نگر پريشد جي سڀني ٻيٺڪن جي صدارت نگر اڌيڪش ڪندو آهي. نگر پريشد جي مالي ڪاروبار تي نگر اڌيڪش نظر رکندو آهي. اُن جي غير موجودگيءَ ۾ اُپ نگر اڌيڪش اُن جو ڪاروبار سنڀاليندو آهي. نگر پريشد ۾ چونڊجي آيل ميمبرن مان ئي اُپ نگر اڌيڪش چونڊيو ويندو آهي.

### ٥.٢.٣ مکيہ اڌڪاري :

نگر پريشد جو ڪاروباري پرمک مکيہ اڌيڪاري هوندو آهي. اهو راجيہ سرڪار جو عملدار هوندو آهي. اُن جي چونڊ اِسٽيٽ پبلڪ سروس ڪميشن پاران ورتل امتحانن ذريعي ٿيندي آهي. نگر پريشد جي ڪاروباري ڪمن جي ذميواري اُن تي هوندي آهي.

### ٥.٢.۴ نگرپريشد جي آمدني جا ذريعا

نگرپريشد وٽ آمدني جا آزاد ذريعا آهن. نگر پريشد پنهنجي ايراضيءَ ۾ مختلف ڍلون لڳائيندي آهي. نگر پريشد زمين ۽ عمارتن، گهرايل مال، ڪاروبار، گهرن، واپار ۽ نوڪري، ناٽڪ گهر ۽ سئنيما گهرن، پاڻي جي رسد، گهٽين جي روشني وغيره تي ڍلون لڳائيندي آهي. نگرپريشد جو خرچ خاص طور تي ڍلن مان حاصل ٿيندڙ آمدني مان هلندو آهي. اُن کان سواءِ نگر پريشد کي راجيہ سرڪار کان مالي سهائتا ۽ گرانٽس پڻ ملنديون آهن.

### ٥.٣ مهانگر پالڪا

مهانگر پالڪا هڪ شهري مڪاني راڄ ڪاروباري سنستا آهي. جن شهرن جي آبادي ٣ لکن کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ شهر جي آمدني گهٽ ۾ گهٽ ٢ ڪروڙ هوندي آهي، اهڙن شهرن لاءِ مهانگر پالڪا قائم ڪئي ويندي آهي. مهانگر پالڪا اِسٿاپت ڪرڻ جو اختيار مهاراشٽر سرڪار وٽ آهي. ممبئي مهاراشٽر جي پهرين مهانگر پالڪا آهي. هن وقت مهاراشٽر ۾ ڪل ٢٩ مهانگر پالڪائون آهن.



ممبئي مهانگر پالڪا

### ٥.٣.١ مهانگر پالڪا جي بناوت

مهانگر پالڪا جي ميمبرن جو تعداد شهر جي آبادي جي بنياد تي طئي ٿيندو آهي. هر مهانگر پالڪا جي ميمبرن جو تعداد راجيہ چونڊ ڪميشن طئي ڪندي آهي. ميمبرن جو تعداد طئي ٿيڻ کان پوءِ آبادي جي مطابق سان شهر کي مختلف وارڊن ۾ ورهايو ويندو آهي. هن وقت مهاراشٽر ۾ چار ميمبرن واري وارڊ جي بناوت آهي. صرف ممبئي مهانگر پالڪا ۾ هڪ ميمبر وارو وارڊ آهي.

مهانگر پالڪا جي گهٽ ۾ گهٽ ميمبرن جو تعداد ٦٥ آهي. ممبئي مهانگر پالڪا ۾ سڀ کان وڌيڪ ٢٢٧ ميمبر آهن. وارڊ مان چونڊجي ايندڙ ميمبر کي ’نگرسيوڪ‘ چيو ويندو آهي. نگر سيوڪن جي چونڊ بالغن جي ۽ ڳجهي ووٽنگ ذريعي ڪئي ويندي آهي. نگر سيوڪ جو مدو ٥ سالن جو هوندو آهي.

مهانگر پالڪا جو مدو ٥ سالن جو هوندو آهي. مدو پورو ٿيڻ کان اڳ راجيہ سرڪار مهانگر پالڪا کي برخواست ڪري سگهي ٿي. مهانگر پالڪا برخواست ٿيڻ جي صورت ۾ يا مدو پورو ٿيڻ تي ايندڙ ٦ مهنن جي اندر مهانگر پالڪا جي چونڊ ڪرائڻ لازمي هوندي آهي.

## مھانگر پالڪا بناوت




مھانگر پالڪا جي اڌيڪش کي ’مھاپور‘ ۽ نائب اڌيڪش کي اُپ مھاپور چئبو آهي. مھاپور شهر جو پهريون شهري هوندو آهي. مھاپور ۽ اُپ مھاپور جو مدو ٢.٥ سالن جو هوندو آهي. مدو پورو ٿيڻ کان اڳ اهي پنهنجي عهدي تان اِستعفا ڏيئي سگهن ٿا.

### ٥.٣.٢ مھانگر پالڪا آيڪت (ڪمشنر)

مھانگر پالڪا جو پرمک اِنتظامي عملدار آيڪت هوندو آهي. اُن جي رهنمائي هيٺ مھانگر پالڪا جو سڀ ڪاروبار هلندو آهي. مھانگر پالڪا آيڪت جي مقرري راڄيه سرڪار ڪندي آهي. آيڪت جي عهدي تي ويٺل عملدار انڊين ائڊمنسٽريٽو سروس جو عملدار هوندو آهي. شهر جي ڪاروبار جي مکيه ذميواري مھانگر پالڪا آيڪت تي هوندي آهي.

### ٥.٣.٣ مھانگر پالڪا جا ڪم

مھانگر پالڪا جي ڪمن جا ٻه قسم آهن : ضروري ڪم ۽ مرضي وارا ڪم

| ضروري ڪم | مرضي ۽ وارا (اختياري) ڪم : |
|---|---|
| شهر ۾ پاڻي جي رسد ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو اِنتظام ڪرڻ. | شهر ۾ باغن ۽ پارڪن جو اِنتظام ڪرڻ. |
| بجلي جي رسد، رستن جي اڏاوت ۽ مرمت، شهر جي صفائي، اِسپتالن جو اِنتظام ڪرڻ. | لائبررين، ٿيئٽر، اِسٽيڊيم، ميوزيم اڏاوت ڪرڻ. |
| مسائن، قبرستان جو اِنتظام ڪرڻ ۽ جم-موت جو رڪارڊ رکڻ. | شهر ۾ وندر جا ذريعا ميسر ڪري ڏيڻ. |

| | |
|---|---|
| صحت ۽ پرائمري تعليم جي سهوليت ڏيڻ ڪرڻ | رستن جي ٻنهي پاسن ۽ جڳهين تي وڻ لڳائڻ ڪرڻ. شهر کي خوبصورت بڻائڻ |
| وبائي بيمارين تي ضابطو آڻڻ | جنتا، واچنالئه ۽ لائبرري اِسٽاپت ڪرڻ. |
| شهر ۾ آمدرفت جو اِنتظام آڻڻ. | ميلا، نمائشون لڳائڻ، شهر ۾ آوارهه جانورن جو بندوبست ڪرڻ. |
| ڍهڻ تي آيل خطرناڪ عمارتن کان ماڻهن جو بچاءُ ڪرڻ. | ٻيا ڪم |

### ۵.۳.۴ مهانگر پالڪا جون مختلف سمتيون

مهانگر پالڪا مختلف سمتين جي ذريعي ڪم ڪندي آهي.

مثال طور : اِسٽائي سمتي، تعليمي سمتي، آمدرفت سمتي، عام لاءِ صحت سمتي، قانون سمتي، عام لاءِ اذاوت سمتي ۽ بازار سمتي وغيرهه. اِسٽائي سمتي مهانگر پالڪا جي سڀ کان اهم سمتي آهي.

### ۵.۳.۵ مهانگر پالڪا جي آمدني جا ذريعا

مهانگر پالڪا جي آمدني جا ٻه ذريعا آهن.

۱. مهانگر پالڪا سڌو ڊيل لڳائي آمدني حاصل ڪندي آهي. سڌي ڊيلن ۾ ملڪيتي ڊيل، آمدرفت ڊيل، سنيما ۽ اِشتهارن تي ڊيل، پاڻي جي پٽي وغيرهه شامل آهن.

۲. اڻ سڌي نموني ۾ فيس، سهائتا وصولي، سرڪاري گرانٽس ۽ مالي سهائتا شامل آهن. اُن کان سواءِ عام جي بهبودي جي يوجنائون پورا ڪرڻ لاءِ سرڪار جي اجازت سان قرض کڻڻ جو اختيار پڻ مهانگر پالڪا وٽ هوندو آهي.

### ۵.۴ ڪٽڪ منڊل (Cantonment Board)

ڪٽڪ منڊل شهري ڪاروبار جو هڪ قسم آهي. اُن کي ’ڇاوڻي منڊل‘ به چيو ويندو آهي. ۱۹۲۴ ۾ ڪٽڪ منڊلن جي اِسٽاپنا ٿي. جن جڳهين تي فوجي ڇاوڻي هوندي آهي، اُتي ٻين ناگرڪن جي آبادي پڻ هوندي آهي. اهڙن فوجي ايراضي جي رهواسين کي سهولتون ڏيڻ ڪرڻ ۽ سندن شهري ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪٽڪ منڊل اِسٽاپت ڪيا ويا.





### چا توهان کي خبر آهي؟

ڀارت ۾ ڪل ۷۲ ڪٽڪ منڊل موجود آهن. اُنهن مان ۷ ڪٽڪ منڊل مهاراشٽر ۾ آهن. اُهي هيٺيان آهن : کڙکي، پوني ڪيمپ، ديهو روڊ( پوني)، ڀنگار (اهليانگر) ديولالي (ناسڪ)، چترپتي سنڀاجي نگر، ڪامٽي - (ناگپور).

ڀارت جا سيئي ڪٽڪ منڊل ڀارت سرڪار جي بچاءَ کاتي جي ضابطي هيٺ آهن. مختلف ڪٽڪ منڊلن ۾ ميمبرن جو تعداد الڳ الڳ هوندو آهي. ڪٽڪ منڊل جو انتظامي پرمک مرڪزي سرڪار پاران مقرر ڪيل هڪ ڪاريہ ڪاري عملدار هوندو آهي. ڪٽڪ منڊل جي آباديءَ جي حساب سان وارڊ ٺاهيا ويندا آهن. جن مان جنتا پاران چونڊيل عيوضي بورڊ جا ميمبر بڻجندا آهن. اُنهن جو مدو ۵ سال هوندو آهي. ان کان سواءِ اوترئي تعداد ۾ سرڪار پاران مقرر ڪيل فوجي عملدار پڻ شامل هوندا آهن. اُنهن سيني جي ذريعي ڪٽڪ منڊل جو ڪاروبار هلي ٿو.

ڪئمپ جو اڳوان يا اعلي فوجي عملدار ڪٽڪ منڊل جو پرمک هوندو آهي، جڏهن تہ اُپ اڌيڪش شهري ايراضيءَ جي عام جنتا جو چونڊيل نمائيندو هوندو آهي.

### ۵.۴.۱ ڪٽڪ منڊل جون خاصيتون

- ڀارت سرڪار جي بچاءَ کاتي پاران ڪٽڪ منڊل جي اِستاپنا ڪئي ويندي آهي.
- مرڪز جي اختيار هيٺ رهندڙ ڪٽڪ منڊل واحد مڪاني خودمختيار سرڪاري سنسٿا آهي.
- ڪٽڪ منڊلن کي خرچن لاءِ ضروري مالي مدد بچاءَ کاتي پاران ملندي آهي.
- هي بورڊ فوجين ۽ اُنهن سان گڏ ڪئمپ ۾ رهندڙ عام ناگرڪن کي ضروري سهوليتون ڏيندو آهي.
- فوجي اڏو رکندڙ علائقن جا اِنتظامي معاملا هي بورڊ سنڀاليندو آهي.

### ۵.۴.۲ ڪٽڪ منڊل جا ڪم

- فوجي ۽ شهري آبادي وارن علائقن جو مڪاني اِنتظام ڏسڻ.
- ڪئمپ واري علائقي ۾ تعليم، صحت، بازار جو نظام، پاڻي جي رسد ۽ رستن وغيرهہ جو اِنتظام ڪرڻ.
- گهٽين جي روشني، باغ صفائي سترائي جهڙيون بنيادي سهوليتون ڏيڻ.
- ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪئمپ واري علائقي ۾ اِسڪول هلائڻ ۽ تعليمي سهوليتون ميسر ڪرڻ.

**ڪٽڪ منڊل جي بناوت: درجو ۽ ميمبرن جو تعداد**

| درجو | آبادي جو معيار | ڪل ميمبر | ميمبرن جي بناوت | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | چونڊيل | | نامزد-عهديدار |
| پهريون درجو (I) | ۵۰۰۰۰ کان وڌيڪ | ۱۵ | ۷ چونڊيل | + | ۸ نامزد-عهديدار |
| ٻيون درجو (II) | ۱۰۰۰۰ کان ۵۰۰۰۰ | ۱۵ | ۷ چونڊيل | + | ۸ نامزد-عهديدار |
| ٽيون درجو (III) | ۲۵۰۰ کان ۱۰۰۰۰ | ۹ | ۴ چونڊيل | + | ۵ نامزد-عهديدار |
| چوٿون درجو (IV) | ۲۵۰۰ کان گهٽ | ۳ | ۱ چونڊيل | + | ۲ نامزد-عهديدار |

خاص نوٽ : ڪٽڪ منڊل ۾ فوجي اِنتظام جو ضابطو رکڻ لاءِ، نامزد يا عهديدار ميمبرن جو تعداد هميشه چونڊيل ميمبرن کان هڪ عدد وڌيڪ هوندو آهي.

- فائر بريگيڊ جو اِنتظام ڪرڻ.
- اِسپتال، ٽڪن جي مهمن وغيره جو اِنتظام ڪرڻ.
- رستي جي ٻنهي پاسن کان وڻ پوکڻ ۽ اُنهن جي سار سنڀال جو اِنتظام ڪرڻ.
- مڪاني ڊل گڏ ڪرڻ ۽ اُن ڊل مان ناگرڪن جي سهولتن جو اِنتظام ڪرڻ.

### ڪٽڪ منڊل جي آمدني جا ذريعا

- چاڙهي واري ايراضيءَ مرڏي سنئون ڊلن مان حاصل ٿيندڙ آمدني.
- مرڪزي سرڪار ۽ مرڪزي بچاءُ کاتي کان مالي سهائتا.

## اڀياس

سوال ٣. هيٺ ڏنل تصويرون ڏسي توهان جي ڪيترڙهي سهوليتون ڏيڻ واري راڄ ڪاروباري سنستا ڪهڙي اُهو لکو.



هيءَ سهوليت ميسر ڪندڙ سنستا

....................................



هيءَ سهوليت ميسر ڪندڙ سنستا

....................................



هيءَ سهوليت ميسر ڪندڙ سنستا

....................................




هيءَ سهوليت ميسر ڪندڙ سنستا

....................................

سوال ١ : سچاتو ته مان ڪير آهيان؟

١. آبادي گهٽ پر شهريڪرڻ شروع آهي، مان ڪير آهيان؟

-----------------------------------------

٢. مون ڪانسواءِ نگر پريشد جو بجيٽ منظور نٿي ٿي سگهي، مان ڪير آهيان؟

-----------------------------------------

٣. مان وڏي شهر جو ’ڪاروباري ڪرتگهو‘ آهيان منهنجي مقرري راڄيه سرڪار ڪندي آهي. مان ڪير آهيان؟

-----------------------------------------

سوال ٢ هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| سوراڄيه (راڄ ڪاروباري) سنسٿا | پرمک عهديدار | ڪاروباري عملدار |
| نگر پنچات | اڌيڪش | ................... |
| ................... | ................... | مکيه اڌڪاري |
| ................... | مهاپور | ................... |

سوال ۴ : هڪ ’آدرشي شهر‘ جو تصوراتي شڪل ٺاهيو جنهن ۾ شهري مڪاني سنسٿا پاران ميسر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ ۵ سهولتون صاف نظر اچن.

(مثال طور : سائيڪل ٽريڪ، سولر شڪتي لائيٽس، ڪچرو ڏار ڪرڻ جو مرڪز، باغ، پيئڻ جي پاڻي جو اِنتظام وغيره)

سوال ۵ : منهنجي شهر کي ’سمارٽ ۽ سڌريل‘ شهر بڻائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ۴ نعرا تيار ڪريو.

مثال طور : ’’شهر اسان جو گهر آهي، هن کي صاف رکڻ اسان جو فرض آهي!‘‘

توهان جا نعرا :

١. ...........................................

٢. ...........................................

٣. ...........................................

۴. ...........................................

مشغولي

١. پنهنجي ايراضيءَ جي باغن جي موجود حالت ڏسي اُتي ڪهڙين نئين سهولتن جي ضرورت آهي، اهو لکو.

٢. شهر جي پٽين تي مڪاني ڪاروبار پاران صفائي جو پيغام ڏيندڙ تصويرون ٺاهيون ويون آهن. اُن جي جاچ ڪريو ۽ اُن مان ڪهڙو پيغام ملي ٿو، سو پنهنجي ڪاپي ۾ لکو.

***



# ٦. ضلع ڪاروبار

٦.١ ضلع ڪاروبار جي ڄاڻ
٦.٢ ضلع محصول ڪاروبار :بناوت، ڪم، اڌڪار
٦.٣ ضلع پوليس ڪاروبار : بناوت، ڪم، اختيار
٦.٤ ضلع نياءُ ڪاروبار: بناوت ۽ ڪم



ٻارو، ڪلپنا ڪريو تہ اسان هڪ تمام وڏي جهاز تي آهيون هن جهاز تي هزارين ماڻهو رهن ٿا. ڪنهن کي بک لڳي آهي، ڪنهن کي اِسپتال وڃڻو آهي تہ ڪنهن کي کيڏڻ لاءِ محفوظ جاءِ گهرجي. هاڻي مون کي ٻڌايو، ايتري وڏي جهاز تي ڪو گوڙ يا پيچ ڊڪ نہ ٿئي، ان لاءِ ڪنهن جي ضرورت پوندي نہ؟ اِن ڪري جهاز تي ڪيپٽن هوندا آهن. اهي ڪيپٽن جهاز جا پرمک هوندا آهن ۽ ڪابہ ميسلو پيدا ٿيڻ تي اهي پنهنجي ساٿين جي مدد سان ان کي حل ڪندا آهن. جهاز کي محفوظ طريقي سان پنهنجي منزل تي پهچائڻ لاءِ ڪيپٽن جو ڪردار اهم هوندو آهي.

اسان جو ضلعو يعني حقيقت ۾ هي جهاز آهي ۽ ضلعي جو ضلع اڌڪاري ان جو ڪيپٽن آهي!



سانگلي ضلع اڌڪاري ڪاريالیہ

## ٦.١ ضلع ڪاروبار جي ڄاڻ

مختلف ضلعن کي گڏي پارت جا راجيہ تيار ٿيا آهن.

ضلع ڪاروبار بناوت




ضلعي جي پنهنجي هڪ آزاد ڪاروباري سنسٿا هوندي آهي، جنهن کي ’ ضلع ڪاروبار‘ چيو ويندو آهي، ضلع ڪاروبار جو هڪ اهم حصو مڃيو ويندو آهي. ضلع ڪاروبار راجيہ سرڪار ۽ مڪاني راڄ ڪاروباري سنسٿائن جي وچ ۾ هڪ اهم ڪڙي آهي. محصول گڏ ڪرڻ، زرعي ريڄ، جنتا ڀلائي جا ڪم، اوچتو حالتن ۾ ڪم، سستو اناج ورچ، چوندن جو آيوجن، مڪاني راڄ ڪاروباري سنسٿائن جي ڪاروبار تي نظرداري رکڻ وغيرهہ ڪم ضلع ڪاروبار جا هوندا آهن.

ضلع اڌڪاري ضلع ڪاروبار جو پرمک هوندو آهي. ڪاروباري بندوبست جي مکيہ حصي طور ضلعي کي ڏٺو ويندو آهي. اهڙي بنيادي ڪاروباري بندوبست ذريعي هلندڙ سيني عام لاءِ معاملن جو انتظام يعني ضلع ڪاروبار آهي. ضلع ڪاروبار جي مختلف وڀاڳن جي ڄاڻ هيٺين ريت آهي :

## ٦.٢ ضلع محصول ڪاروبار : بناوت، ڪم، اڌڪار

ضلع محصول سنسٿا ضلع ڪاروبار جو هڪ اهم وڀاڳ آهي، جنهن ۾ ضلع اڌڪاري، اُپ ضلع اڌڪاري، اُپ وڀاڳي عملدار، تحصيلدار،

نائب تحصيلدار، منڊل عملدار ۽ گرام محصول عملدار (تلاٽي) شامل هوندا آهن. هيءَ سنستا زمين، محصول ڪاروبار، قانون ۽ امن امان، ناگرڪن جا ڪم، قدرتي آپدائن جو اِنتظام ۽ مددي ڪم جهڙيون اهم ذميواريون سنڀاليندي آهي.

### ضلع محصول اِنتظام : بناوت

| | |
|---|---|
| ١. ضلع اڏڪاري | ضلعي جو پرمک محصول عملدار |
| ٢. اُپ ضلع اڏڪاري | ضلع اڏڪاريءَ جي مدد ڪندا آهن. |
| ٣. تحصيلدار | تعلقي جو پرمک محصول عملدار |
| ۴. نائب تحصيلدار | تحصيلدار جي مدد ڪندا آهن. |
| ۵. منڊل عملدار - منڊل نريڪشڪ | ڪيترن ئي ڳوٺن جي گروهن تي نظرداري رکندا آهن. |
| ٦. تلاٽي | ڳوٺ جو محصول عملدار |
| ٧. ڪوتوال | تلاٽيءَ جي مدد ڪندا آهن. |

### ٦.٢.١ ضلع اڏڪاري

ضلع اڏڪاري اِنڊين ائڊمنسٽريٽو سروس جو عملدار هوندو آهي. اهو ضلع ڪاروبار جو پرمک هوندو آهي. اِن جي چونڊ مرڪزي لوڪ سيوڪ آيوڳ پاران ڪئي ويندي آهي پر ان جي مقرري راڄيه سرڪار ذريعي ٿيندي آهي. ٻين سڀني ڪمن کي سر انجام ڏيڻ سان گڏ ڪيس قانون ۽ امن امان برقرار رکڻ ۽ زمين جو محصول گڏ ڪرڻ جهڙا انتريائي اهم ڪم پورا ڪرڻا پوندا آهن. ان سان گڏوگڏ راڄيه ۽ قومي سطح جي مختلف جنتا ڀلائي يوجنائون لاڳو ڪرڻ جا اختيار پڻ ضلع اڏڪاريءَ وٽ هوندا آهن.

**تحصيلدار**

ضلعو مختلف ننڍن - اپ-وڀاڳن ڪي ملائي ٺهندو آهي، جنهن کي 'تعلقو' چيو ويندو آهي. تحصيلدار تعلقي ڪاروبار جو پرمک هوندو آهي. اهو تعلقي جي اندر ايندڙ سڀني ڳوٺ، ننڍڙا ڳوٺ ۽ تعلقي جي مکيه جاءِ جي ڪاروباري ذميوارين کي پورو ڪندو آهي.



اهو ضلع اڌڪاريءَ جي ضابطي هيٺ ڪم ڪندو آهي. ان جا ڪم هيٺين ريت آهن :

- زمين جي داخلائن جو رڪارڊ رکڻ ۽ ياڻا ڪرڻ.
- زمين جي محصول کي ڪٺو ڪرڻ.
- زمين تي قبضو ٿيڻ تي ان کي ختم ڪرڻ.
- آپدا اِنتظام ۾ مددي ڪمن ۾ شامل ٿيڻ.
- شهري سهولينن بابت سڀ اهم سرٽيفڪيٽ ڏيڻ.
- زمين سان لاڳاپيل ڪچهري سول ڪيسن ۾ مئجسٽريٽ طور ڪم ڪرڻ.



کري ڏسو.




١. تصوير ڏسو ۽ اُن مان توهان کي ڇا سمجهه ۾ آيو، سو ٻڌايو.

٢. مرڪزي سرڪار پاران ڇوڪرين جي ترقيءَ ۽ سندن تعليم لاءِ شروع ڪيل يوجنائن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ اُن تي گروپ بحث ڪريو.

تلاٽي

تلاٽي ڳوٺ جي سطح تي روينيو کاتي جو ملازم هوندو آهي. ڳوٺاڻي شهري اِنتظام ۾ هن جون هيٺيون ذميواريون هونديون آهن.

- محصول وصولي، قرض ۽ اُن جي وصولي ڪرڻ.
- ڳوٺ جي زمينن جو رڪارڊ برقرار رکڻ ۽ اُن جا اختيار ڏيڻ.
- ڏڪار جي وقت ڪمن کي انجام ڏيڻ.
- چونڊن جي وقت ڏنل ڪم ڪرڻ.
- ضلع اڌڪاري وقت بہ وقت ڏنل ڪم رڪارڊ ڪتاب ۽ حساب رکڻ وغيره.
- تلاٽي جي مٿان بورڊ جو آفيسر ۽ تحصيلدار هوندو آهي.



ڄاڻي وٺو.

مهاراشٽر جي ڪچهري سول سروس عملدارن جا قابل ذڪر ڪم

ڊاڪٽر راجيندر ڀاروڙ (سول سروس عملدار IAS)

ڪووڊ -١٩ وبائي بيماري جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نندربار جي ان وقت جي ضلع اڌڪاري ڊاڪٽر راجيندر ڀاروڙ پنهنجي طبي علم جو اِستعمال ڪندي آڪسيجن پلانٽ تيار ڪيا. نتيجي طور، نندربار ضلعو آڪسيجن جي موجودگي جي معاملي ۾ خودمختيار ٿي ويو. ڪورونا وائرس کان متاثر آديواسي ماڻهن کي ڏار ڪرڻ لاءِ هن اسڪولن، سماج مندرن، هاسٽلن ۽ ڊرم شالائن ۾ آڪسيجن جي سهوليت سان گڏ بيڊس تيار ڪيا.

اي زيڊ ڪوبراڪڙي (اڳوڻو سول سروس عملدار (IAS) :

انڊين ائڊمنسٽريٽو سروس ۾ رهندي اي زيڊ. ڪوبراڪڙي جوڙجڪ بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي مقصد سان هر اسڪول ۾ جوڙجڪ جي مهاڳ جو پاٺ ڪرڻ جو پروجيڪٽ هلايو. مهاراشٽر سرڪار ان مشغوليءَ تي ڌيان ڪندي ٢٠٠٨ع کان مهاراشٽر جي هر اسڪول ۾ جوڙجڪ جي مهاڳ جو پاٺ ڪرڻ لازمي قرار ڏنو.

٦.٢.٢ ضلع ڪاروباري پاڃي پاران هلايون ويندڙ اهم يوجنائون.

مرڪزي ۽ راڄيہ سرڪار جي مختلف يوجنائون لاڳو ڪرڻ جي ذميواري ضلع اڌڪاريءَ تي هوندي آهي، واڌاري ۽ جنتا ڀلائي واري نموني جي مختلف يوجنائون ضلع اڌڪاري هلائيندو آهي. ان جي ڄاڻ هيٺين ريت آهي.

١. سماجي ۽ جنتا ڀلائي يوجنائون : سماج ۾ عورتن، ننڍن ٻارن، پنٽي پيل طبقن، سماجي ۽ مالي طور ڪمزور طبقن وغيره جي ڀلائي جون يوجنائون مثال طور : بيٽي بچائو بيٽي پڙهائو يوجنا، انتيوديہ يوجنا وغيره.

**٢. ڳوٺاڻي ترقي ۽ روزگار پيدا ڪرڻ جون يوجنائون :**
پيٽ پالڻ ۽ ڳوٺاڻي ايراضيءَ ۾ آمدرفت جي سرشتي سان لاڳاپيل يوجنائون مثال طور پرڌان منتري گرام سڙڪ يوجنا، يوجنا قومي ۽ مهاراشٽر راڄيه گراميڻ جيون انتي اڀيان، مکيه منتري گرام سڙڪ يوجنا وغيره.

**٣. کيتيءَ جون يوجنائون :** زرعي پيداوار وڌائڻ، ريج ۽ پنڊار ڪرڻ جي سهوليت کي سڌارڻ، فصلن ۾ نراپلي آڻڻ، هارين کي قرض ميسر ڪري ڏيڻ جهڙيون يوجنائون ضلع ڪاروباري ڀاڱي پاران هلايون وينديون آهن. مثال طور : پرڌان منتري ڪرستي سنچائي يوجنا وغيره.



**پڙهو پيلا!**

جيڪڏهن توهان ضلع اڏڪاري بڻجو، ته توهان ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا؟

### ٦.٣ ضلع پوليس ڪاروبار : بناوت، ڪم، اختيار

ضلع پوليس سنستا جو اهم ڪم يعني جنتا جاڳرتا، قانون ۽ شانتي برقرار رکڻ ۽ ڏوهن کي روڪڻ وغيره آهن. پوليس سنستا جي جاڳرتا جي ڪري ماڻهن کي بچاءُ ملي ٿو، نياءُ ملي ٿو. ناگرڪن جي جان ۽ مال جو بچاءُ ٿئي ٿو.

ضلع سطح تي پوليس سنستا جو پرمک پوليس اڌيڪشڪ (S.P) هوندو آهي ۽ اهو ضلع پوليس دل جي اڳواڻي ڪندو آهي. ضلعي جون سڀ پوليس سنستائون پوليس اڌيڪشڪ جي ضابطي هيٺ ڪم ڪنديون آهن. ان جي چونڊ مرڪزي لوڪ سيوڪ آيوڳ پاران ٿيندي آهي.



**ڳولهي ڏسو :**

”سدرڪشڻايه کل نگرهڻايه“ هڪ مهاراشٽر پوليس دل جو نعرو آهي. هن جملي جي معني ڳولهي ڏسو.

| ضلع پوليس انتظام سنستا جي بناوت | |
|---|---|
| ١. پوليس اڌيڪشڪ | (S.P.) |
| ٢. اپر پوليس اڌيڪشڪ | (Addl. S.P.) |
| ٣. پوليس اپ اڌيڪشڪ | (Dy.S.P.) |
| ٤. پوليس نريڪشڪ | (P.I.) |
| ٥. سهائڪ پوليس نريڪشڪ | (A.P.I.) |
| ٦. اپ نريڪشڪ | (P.S.I.) |
| ٧. سهائڪ پوليس اپ نريڪشڪ | (A.S.I.) |
| ٨. پوليس حولدار | (H.C.) |
| ٩. پوليس سپاهي | (P.C.) |

### ٦.٣.٢ پوليس اڌيڪشڪ جا ڪم ۽ اڌڪار

- ضلعي ۾ ڏوهن کي روڪڻ ۽ ڪين ضابطي ۾ آڻڻ.
- عام جنتا ۾ حفاظت جو احساس پيدا ڪرڻ.
- آمدرفت جو اِنتظام سنڀالڻ.
- آپدا اِنتظام ۽ اوچتو حالتن ۾ مددگار ڪردار نڀاهڻ.
- اهم شخصيتن (وي.آءِ.پي) جي حفاظت جي ذميواري ضلع پوليس انتظام تي هوندي آهي.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

سائيبر ڏوهه :

ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي ڪنهن شخص، سنستا وغيره جي ڪمپيوٽر سرشتي ۾ گهڙي اتان جي ڄاڻ هيڪ ڪرڻ ( چوري ڪرڻ) ان جو غلط اِستعمال ڪرڻ، وائرس موڪلڻ، ميل ذريعي ڌوڪو ڏيڻ، ڌمڪي ڏيڻ، پئيداري گهرڻ جهڙن ڪمن کي سائيبر ڏوهه چيو ويندو آهي.

سائيبر هيلپ لائين فون نمبر ١٩٣٠.

## ٦.۴ ضلع نياءُ ڪاروبار : بناوت ۽ ڪم

ضلع نياءِ ديش (جج) ضلع جو پرمک نياءُ عملدار هوندا آهن. جڏهن اهي ديواني معاملن جي سلسلي ۾ ڪم ڪندا آهن، تڏهن کين ’ضلع نياءِ ڏيش‘ چيو ويندو آهي ۽ جڏهن اهي فوجداري معاملن جو ڪم ڏسندا آهن، تڏهن کين ’ستر نياءِ ڏيش‘ چيو ويندو آهي.

### ٦.۴.١ ضلع عدالت

عدالت يا نياءُ سرشتو جوڙجڪ جو رکيا ڪندڙ مڃيو ويندو آهي. سپريم ڪورٽ جي ضابطي هيٺ هاءِ ڪورٽ جي ضابطي هيٺ ضلع عدالت ڪم ڪندي آهي. هاءِ ڪورٽ جي صلاح موجب راڄيه جا راڄيپال ضلع نياءُ ڏيش جي مقرري ڪندا آهن. ضلعي ۾ قانوني معاملن بابت سيني تڪرارن کي نبيرڻ جا اختيار ضلع عدالت وٽ هوندا آهن.



ضلع عدالت

هر ضلعي جي ضلع عدالت ۾ پرڌان نياءِ ڏيش هوندا آهن، جن کي ضلع نياءِ ڏيش چيو ويندو آهي. ضلع نياءِ ڏيش کي سندن ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ٻيا ڪجهه ننڍا جونئير نياءِ ڏيش پڻ هوندا آهن. ضلع عدالت ۾ ديواني ۽ فوجداري اهي ٻئي ڪم ڏنا ويندا آهن.




### ٦.۴.٢ ضلع عدالت جا ڪم

- ١. نيايڪ اختيار : ضلع عدالتون ضلع سطح تي ديواني معاملن ۽ فوجداري معاملن جي ٻڌڻي ڪنديون آهن.
- ديواني معاملا : (الف) زمين ۽ ٻي ملڪيت جي مالڪي حق بابت قبضو، وغيره جهڙن تڪرار معاملن جا معاملا هلائڻ (ب) خاندان ۾ ملڪيت جي ورڇ ورثي حق بابت معاملا.
- فوجداري معاملا : ٣ سالن کان وڌيڪ سزا جي تجويز وارن سيني ڏوهن جا معاملا ستر عدالت ۾ هلايا ويندا آهن. مثال طور ڌاڙو، قتل وغيره جهڙا سنگين ڏوهه.
- ٢. اپيل ٻڌڻي : ضلع عدالت ضلعي ۾ اپيل ڪرڻ جي عدالت هوندي آهي. هيٺين عدالت پاران ڏنل حڪمن تي اپيل عدالت طور هن کي سڃاتو ويندو آهي. ديواني نياءِ ڏيش ( اعليٰ ستر) ۽ مکيه نياءِ دنڊاڌيڪاري جي فيصلن خلاف داخل ڪيو اپيلون هلائڻ جو اختيار ضلع عدالت وٽ هوندو آهي.

**٣. ڪاروباري اختيار :** ضلع ۾ سنڌ عدالتن جي هيٺ ايندڙ عدالتن سان لاڳاپيل ملازمن جي مقرري، ترقي (پدوانتي)، بدلي ۽ اِنتظام ٽوڙڻ بابت ڪاروائي ڪرڻ جا سڀ اختيار ضلع عدالت وٽ هوندا آهن.

ضلع سطح جون عدالتون






**جاڻي وٺون :**

وڏي (قانوني) سيوڪ پراڌيڪرڻ يعني ڇا؟

سماج جي ڪمزور طبقن کي مفت قانوني مدد ڏيڻ جي مقصد سان ڀارت ۾ وڏي سيوا پراڌيڪرڻ جي اِستاپنا ١٩٨٧ع ۾ ڪئي ويئي. سماج جي ڪمزور طبقن کي عدالتي يا قانوني معاملن ۾ مفت سيوا ۽ مدد ڏيڻ هن وڏي سيوا پراڌيڪرڻ جو مکيه مقصد آهي. مالي يا ٻين ڪمزورين جي سببن جي ڪري ڪنهن به شهري کي نياءُ کان محروم نه رکيو وڃي، اهو هن سنستا جو هڪ اهم مقصد آهي.



## اڀياس

سوال ١ سڃاڻو ڀلا مان ڪير آهيان؟

١ مان ضلعي جو پهريون ڪاروباري عملدار آهيان ۽ آپدا انتظام سمتي جو اڌيڪش آهيان :

.............................................

٢ مان ڳوٺ جي سطح تي شانتي برقرار رکڻ لاءِ پوليس جي مدد ڪندو آهيان :

.............................................

٣. مان تعلقي جي سطح تي محصول گڏ ڪندو آهيان ۽ تعلقا دنڊ اڌڪاري طور پڻ سڃاتو ويندو آهيان :

.............................................

۴. مان ضلعي ۾ ڏوهن کي روڪڻ لاءِ پوليس دل جي اڳواڻي ڪندو آهيان :

.............................................

سوال ٢ هيٺ ڏنل موقعن تي توهان ڪهڙو عملدار وٽ ويندا؟

١. توهان کي پنهنجي زمين جو ست ٻارهن جو نقل گهرجي.

.............................................

٢. توهان جي ايراضي ۾ چوري ٿي آهي ۽ رپورٽ (شڪايت) داخل ڪرائڻي آهي.

.............................................

٣ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ زمين جو تڪرار عدالت ۾ نبيرڻو آهي.

.............................................

۴. قدرتي آپدا جي ڪري (مثال طور : ٻوڏ پوڻ) ٿيل فصلن جي نقصان جو پنچنامو ڪرائڻ لاءِ :

.............................................

سوال ٣. هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| عملدار | ڪم |
| --- | --- |
| ضلع اڏڪاري | ضلعي جو محصول گڏ ڪرڻ ۽ قانون ۽ شانتي برقرار رکڻ. |
| ضلع پوليس اڏيڪشڪ | ...................................... |
| تحصيلدار | ...................................... |
| ضلع نياءِ ڏيش | ...................................... |
| تلاٽي | ...................................... |

مشغولي

١. ضلع انتظام پاران هلائي ويندڙ آپدا اِنتظام سرشتي بابت ڄاڻ حاصل ڪري اوچتو حالتن جي رابطي نمبرن جي هڪ لسٽ تيار ڪريو.

٢. ضلع اڏڪاري ۽ بيبن ورياڱن جا پرمک (مثال طور : تعليم، صحت) گڏجي ضلعي جي ترقيءَ تي بحث ڪري رهيا آهن. اِن تي هڪ ننڍو ناٽڪ پيش ڪريو.

٣. پنهنجي ايراضي جي ڪنهن بہ ڪاروباري عملدار جو ملاقات وٺو.

٤. ضلع اڏڪاري يا تعصيلدار ٿيڻ لاءِ ڪهڙو امتحان پاس ڪرڻو پوندو آهي، ان جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ ان تي بحث ڪريو.

***

سوال ٤. تصور چٽا ڪريو.

١. ضلع اڏڪاري

٢. تحصيلدار

سوال ٥ ڪلپنا ڪريو ۽ لکو : جيڪڏهن مان ضلع اڏڪاري بڻجان تہ ......................

توهان جي ضلعي ۾ وڏي پيماني تي مينهن پوڻ جي ڪري ٻوڏ واري حالت پيدا ٿي وئي آهي. اهڙي وقت ۾ ضلع اڏڪاريءَ جي حيثيت سان توهان ڪهڙن ٻن يا ٽن ڪمن کي سڀ کان پهريان اهميت ڏيندا ۽ ڇو؟

# ٻارو، وڌيڪ ڄاڻ لاءِ هي به پڙهو.












نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي نيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.
٢. اُن کي ٻڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.
٣. توهان نئشنل ڪميشن فارپروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا مُنجهيل
يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار.............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!

CHILD LINE 1098 NIGHT & DAY

چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فرِي
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn





مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 89.00

इतिहास व नागरिकशास्त्र इयत्ता सहावी (सिंधी माध्यम)